راجپوت بليدان

ميلارام واسواڻي

Prescribed as Text Book for IX & X Classes by the Central Board of Secondary Education, Ajmer.

راجپوت ٻليدان

۱۹۵۴ع

قيمت ۱-۴-۰

ميلارام واسواڻي

راجڪماري پريا

هيءُ اهو سمو هو، جڏهن چتور ۾ مٺڙ گائڻ واري ميران ٻائي ڀڳتيءَ ۾ لنوَلين ٿي پريم جا پيالا پئندي ۽ پيارينديءَ هئي. رڻڇور جي مندر ۾، جنهن وقت هوءَ آتمڪ موج ۾ متوالي ٿي، پنهنجي مٺي آواز سان ڪرشن پد آلاپيندي هئي، تنهن وقت ٻڌڻ وارا مست ٿي ويندا هئا ۽ ميران جيان نينهن جي نشي ۾ بيخود ٿي نچڻ لڳندا هئا. ڏهاڙي شام جو هيءُ الوڪ آنند وٺڻ لاءِ ساري چتور جي آدمين کي اهڙي آتروللا اچي لڳندي هئي، جڻ ساري ڏينهن جون پياسي ڳئون پريان ڪنهن درياه کي ڏسي ڊوڙنديون وڃن. هن ويراڳ ۽ ڀڳتيءَ جي چشمي مان نه رڳو چتور وارا آتمڪ رس وٺندا هئا، بلڪ ساري راجپوتانا جا پريم پياسي هن آنندمئي امرت ڌار سان پنهنجي اُسات اُجهائيندا - نه نه اُتاريندا هئا.

هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو، جو جهالاوار جو راوَ ۽ مندرا جو راجڪمار ٻئي شان ۽ دٻدٻي سان چتور ۾ آيا. راوَ سان گڏ سندس راجڪماري پريا هئي، جنهن جي سوڀيا جي هاڪ ديس ديسانتر پرسڌ هئي.

آکاڻين جي فهرست

اصل رچيندڙ - منشي پريمچند

Printed and Published by Sh. Mellaram. M. Vaswani
at the Sunder P. Press, Kaiser ganj, Ajmer

باغ بهار - مگر اُها ، جنهن لاءِ اِهي سڀ تياريون ٿي رهيون هيون ، چمن جي چبوتري ۾ اُداس ويهي روئي رهي هئي .

رنگ محل ۾ سهيلين واڌائي جا گيت ٿي ڳاتا . ڪٿي سندر استرين جي للڪار هئي ، ڪٿي زيورن جي جهڻڪار . پوڙهين پاٺ ۾ چرچا ٿي ڪيا . حجامڻ هر هر تيز ٿي ٿي ويئي . مالهڻ گلن جيان ٿي ٽڙي ۽ گل لڪائي لڪائي ٿي رکيائين . ڪنيارڻ مٽ وانگر ڦوڪي ويٺي هئي . شاميانہ هيٺان پنڊت ۽ پروهت پنهنجي ڪريا ڪرم جي تيارين ۾ هو . انڪلن جو اُستاد هو ۽ ٽپ ٽپ ٿي اَشرفين لاءِ وات ڦاڙيو ويٺو هو ، راڻي بيکي پياسي هيڊانهن هوڏانهن ٿي ڦري . چوطرف ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ لاءِ رڙ پئي پيئي . راڻيءَ سڀڪي ٿي پڏو ، سٺو ۽ اونايو . دل ڪولي ٿي پيسو لٽيائين . اڄ پريا جو وهانءُ آهي . وڏي ڀاڳہ سان اهڙا ڏينهن ٿا اچن ۽ وڏي ڀاڳہ سان اهڙي ڏماچوڪڙي ٿي لڳي . هرڪو پنهنجي ڌن ۾ مگهن هو . ڪنهن کي پريا جو فڪر ڪونہ هو ، جا چبوتري ۾ اڪيلي ٿي رني .

هڪ سهيليءَ اچي حجامڻ کي چيو ” گهڻي ٻڙ ٻڙ نہ ڪر . ڪجهہ راجڪماريءَ جي بہ يادگيري ڪر . هلي سندس سينڌ سنوار “ حجامڻ ڏندن وچ ۾ زبان ڏني . ٻئي پريا کي ڳوليندي ڳوليندي باغ ۾ آيون . پريا

هئي رنڇور جي منڊر ۾ ڪمار ۽ پريا جون نگاهون مليون ، اُهي نگاهون جن ۾ پريم هو، حياءُ هو، پياس هئي ۽ عجيب آس هئي .

راجڪمار سارو ڏينهن پريشان ٿي پيو شهر ۾ ڀٽڪندو هو. راجڪماري سارو ڏينهن اداس گهر ۾ گهاريندي هئي . شام ٿيندي هئي ته ٻئي پريم پياسي منڊر ۾ ايندا هئا . هڪ ٻئي جي درشن لاءِ ۽ بات چيت لاءِ نه موقع هو، نه موڪل . انهيءَ ڪليل ميران ٻائي ڪئين ڀيرا سندن نيهي نگاهن کي ملندو ڏٺو . هڪ ڏينهن ڪيرتن کان پوءِ جڏهن راوُ هلرط هارڪو ٿيو، تڏهن ميران ٻائي ڪمار کي سڏ ڪري پريا جو ڪومل هٿ سندس هٿ ۾ ڏيئي مشڪي چيو :- راوُ صاحب ! اوهان کي هيءُ نياڻو ڀڳوان بخشي ڏني . "

پريا شرمائجي ويئي . راوُ منڊرا ڪمار جي لڇڻن تي اڳيئي موهت هو، ويتر ميران ٻائيءَ جي آگيا . هن خوش ٿي ڪمار کي ڇاتيءَ سان لاتو .

ان وقت چتور جو راڻو ڀوڄراج به منڊر ۾ آيو . هن پريا کي ڏٺو . سندس اندر ۾ لوچ پوچ ٿي .

(٢)

جهالاوار ۾ ڏاڍي ڌوم ڌام آهي . اڄ راجڪماري پريا جو وهانءُ ٿيندو . منڊرا کان ڄڃ ايندي . مهمانن جي هرڪا خاطرداري ٿي رهي آهي . پلنگ پيرن تي آهي . دڪان هريا ڀريا . سڙڪون سينگاريل . بالاخانه

لڳيون . مردن ڏاڙهيون ٻڌيون ، پڳون سنواريون ، هٿيار ڪشيا . استرين هار سينگار ڪيا . ڳائيندين وڄائيندين محل طرف ويئون - هزارين سندر ناريون محل جي ماڙيءَ تي ويهي جڃ جي واٽ نهاري رهيون هيون .

اوچتو گوڙ متو : اُجها جڃ ! اُجها جڃ ! آدمي نهي وينا . نقارن تي ڌمال لڳي . سلاميءَ جا گولا ڇٽا . جوانن گهوڙن کي اڙي هنئي . پل ڇن ۾ هٿيار ٻند سپاهين جي هڪ فوج شاهي محل جي سامهون اچي وارد ٿي . آدمي حيران ٿي ويا . هيءَ مندرا جي جڃ نه هئي ! راٺي يوجراج جي فوج هئي !!

اک ڇنڀ ۾ چتور وارن شاهي محل کي گهيرو ڪيو جهالاواري راجپوتن تلوارون ڪڍيون . شادمانو قري حشر ٿيو . موت مرحبا کي ريٽيو . راٺوڙوڪي محل ۾ ويو . ڙالن ۾ ماتم مچي ويو .

پريا سرتين سان گڏ ويٺي هئي . انديشي اڳيئي سندس دل کي دٻي ڇڏيو هو . پر انديشو سچ پچ يقين جي صورت وٺندو ، سا کيس پڪ نه هئي . هيءَ هنگامو ڏسي هوءَ گهٻرائجي ويئي . سهيليءَ کي ڏکه وچان چيائين : پيڙ اهوئي اچي ٻٽيو ، جنهنجو مونکي ڊپ هو .

سهيليءَ چيو : ”وڃ ، وڃي تهخاني ۾ لڪ .“

پريا غيرت وچان جواب ڏنو : ”مان وڃي تهخاني ۾

ڳوڙها اُگهي ڇڏيا. حجامڻ موتين سان سندس سينڌ سينگارڻ لڳي. پريا ڪنڌ جهڪائي اکين مان موتي وهائڻ لڳي.

سهيليءَ اکين ۾ پاڻي آڻي چيو: ”ڀيڻ! دل لاهي همت ۾ نه ڪر. آنند مناءِ. من جي مراد ٿي پڄندي“.

پريا سهيليءَ طرف لماڻا نيڻ کڻي چيو: ”ڀيڻ! نه ڄاڻان ڇو دل مايوس ٿي ٿي وڃي. پاڻ ڏاڍو ٿي سنڀاليان، پر جيءُ جاءِ نه ٿو ٽڪي“.

سهيليءَ ڇيڙائڻ لاءِ چيو ”گهوٽ سان ملڻ جي وياڪلتا آهن.“

پريا اداس ٿي ٿي چيو: ”ڪو آواز منهنجي دل ۾ چتاءُ ڏيئي رهيو آهي ته ساڻس ملاقات نه ٿيندي.“

سهيليءَ ڪيس ڳراهڙي پائي چيو: ”جڏهن صبوح کان اڳ اندرو گهرو ٿيندو آهي، تڏهن ميلاپ کان اڳ پريمين جي دل تي مايوسي ڇانئجي ويندي آهي.“

پريا وراڻي ڏني: ”تون ته الائي ڇڏين ٿي پيئي. مونکي سوڻ چڱا نه ٿا نظر اچن. اڄ سارو ڏينهن منهنجي ساڄي اک پئي ڦري آهي. رات جو خوفناڪ خواب لهي پئي ڇرڪ ڀري اٿم. مونکي ته ائين ٿو سمجهي ته اڄ ڪا نه ڪا آفت اوس ايندي. تون راڻي پوڄاري ڪي سڃاڻين؟“

شام ٿي ويئي. آسمان تي تارن جي جهرمر لڳي. جهالاوار ۾ ڄڃ جي آدرستڪار لاءِ شاندار تياريون ٿيڻ

پري نگاهه سان ڏسندو آهي ته پريا نهاري چيو ”جنهن
جهالاوار جي گود ۾ پلي آهيان، ڇا تنهنکي رت سان
رڱي ڇڏيان؟“

راؤ غضبناڪ آواز سان گجندي چيو ”راجپوتن کي
رت ايتري پياري ناهي. عزت پياري آهي. عزت تي
جان ڏيڻ سندن ڌرم آهي.“

پريا جون اکيون مشعل برڻ لڳيون. چي ”راجپوت
ڪنيا پنهنجي سنڀال پاڻ ڪري سگهندي آهي. هن
لاءِ خون وهائڻ جي ضرورت ناهي.“

اک ڇنڀ ۾ راڻو پريا کي گود ۾ کڻي بجليءَ جيان
ٻاهر نڪري ويو. گهوڙو تيار بيٺو هو. پريا کي پاڻسان
ٻيلهه چاڙهي غائب ٿي ويو.

چتور جي جانباز سپاهين واڳون موڙيون. سندن ٻه
سؤ جوان زمين تي تڙڦي رهيا هئا، مگر ڪنهن ميان
مان تلوار نه ڪڍي هئي.

رات جو ڏهين لڳي مندرا مان جڃ جهالاوار پهتي.
مگر شهر جي ٻاهران ئي ڪين دکدائي سماچار ٻڌايو ويو.
گهوٽ وهاڻ جو ڇت لاهي ڇني ڇيهون ڇيهون ڪري
ڇڏيو. جڃ ائين پٺتي موٽي، جئن ڪانءَ جا ساٿي
مساڻ مان.

رات وڌي آس پاس سنسان ٿي ويو. آسمان ڪارا
ڪپڙا ڪيا - جهالاوار ۾ اونده انڌوڪار هو.

لکان ۽ هتي خون جون نديون وهڻ ڏيان. مونکي
پنهنجي جان ايتري پياري ناهي."

ايتري ۾ راؤ صاحب ڏڪندو آيو ۽ چيائين: ڌيءَ
پريا! راڻي اسانجي محل کي گهيرو ڪيو آهي. تون
جلد هيٺ تهخاني ۾ هلي وڃ ۽ دروازو بند ڪري ڇڏ.
اسين راجپوت آهيون ته هڪ به چتوڙيءَ کي جيئرو
نه ......

"چتوڙي ته سر ڪٽائڻ لاءِ ئي آيا آهن. مگر
راجپوت آهن ته پريا کي وٺي ويندا" ائين راؤ صاحب
جي بات جي وچ ۾ ئي راڻو جواب ڏيندو پنهنجي
سرڪش سپاهين سان اچي نڪتو.

بيدي راؤ کي باهه وٺي ويئي. اکين مان چڻنگون
نڪرڻ لڳيون. هن تلوار کڻي راڻي تي اُلر ڪئي.
راڻي حملي کان کسڪي پاڻ بچائي پريا کي چيو:-
راجڪماري! مون سان گڏ هلنديئن؟"

پريا ڪنڌ جهڪائي راڻي جي سامهون ٻهي چيو:
"ها هلنديس."

راؤ صاحب جي تلوار جي ٻي وار روڪجي ويئي.
تڙ ڦندي چيائين: "پريا! تون راجپوت ڪنيا آهين؟"
پريا ڪنڌ جهڪايو، مگر زبان مان ڪجهه نه ڪڇيو.
راؤ صاحب غصي ۾ اچي چيو: "بي حياءَ!"

ڪاٺيءَ هيٺان پيل جانور جئن قاتل طرف درد

ڪان سواءِ ڪا چيز نظر نه ٿي اچي. تنهنڪري پڪ اٿم ته آءٌ پنهنجي شيوا سان، پيار سان ۽ هڏ ڏوکتا سان توکي پنهنجو ڪندس. شيوا پٿر کي پگهاري ٿي ڇڏي ۽ انهي آڌار تي مونکان اهو اپراڌ ٿيو آهي. پريا! پياس ۾ مرندڙ انسان جيڪڏهن جل سان ڀريل دلي ۾ منهن وجهي، ڪٽي ڇڏجي ته چوريءَ بلڪ زوريءَ — ته ڇا هو سزا جو لائق آهي؟ آءٌ پريم پياسي آهيان. ڪا سزا نه ٿيو پر رڳو تنهنجي ڪروڌ ڀري نگاهه جي سهڻ جو به سامرٿ نه آهيان."

گهڙي کن رکي راڻي اُيو ساهه ڀري وري چيو "آ، جيڪر منهنجي راڻي ميران مون کي پيار ڪري! سندس دل پريم جو اٿاهه ساگر آهي، جنهن جي هڪ بوند به مون کي مست ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. مگر جنهن جي دل ۾ ايشور جو واسو آهي، اتي مون لاءِ جڳهه ڪٿان اچي؟ پريا! تون ائين چوندينءَ ته جيڪڏهن محبت جو ڀوت تنهنجي سر تي سوار هو ته ساري راجپوتانا ۾ استريون ڪون هيون ڇا؟ بي شڪ! راجپوتانا ۾ سوپيا جي ڪمي ڪانهي ۽ نه چتور جي راڻا طرفان وهانءَ جو نياپو ڪنهن راجپوت لاءِ انڪار جو سبب ٿي سگهي ٿو. پر ان سوال جو جواب خود تون آهين. هن ڏوهه جي ڏوهارڻ خود تون آهين. راجستان ۾ هڪ ئي چتور آهي. هڪ ئي راڻو آهي ۽ هڪ ئي پريا. ۽ هوءَ ان پدويءَ جي لائق آهي ته

چتور جي شيش محل ۾ پريا صبر ۾ ويٺي سامهون باغ جي خوش نما باري جي چڪين ڏانهن نهاري رهي هئي. شام جو وقت هو. ٿڌي هير ٿي لڳي. راڻو سندس ڪمري ۾ آيو. پريا اٿي بيٺي.

راڻي چيو "پريا! آءٌ تنهنجو ڏوهاري آهيان. توکي زوريءَ تنهنجي ماءُ پيءُ جي گود مان ڪڍي آيو آهيان پر جيڪڏهين توکي چوان ته اِها ڏاڍائي تو لاءِ پريم جي ئي مهما آهي، ته تون دل ۾ کلنديءَ ۽ چونديءَ ته اِهو پريم جو عجيب نرالو ئي نمونو آهي. مگر حقيقت اِها آهي ته جنهن وقت رڻٿنڀور جي مندر ۾ مون توکي ڏٺو تنهن وقت تنهنجي سڪ جو سائل ٿي پيس ۽ جيڪڏهن توکي پنهنجو بڻائڻ لاءِ ٻي ڪا به راهه هجي ها ته پڪ ڄاڻ ته آءٌ اهو زبردستيءَ جو رستو اختيار ڪين ڪريان ها. مون راوَ صاحب جي شيوا ۾ ڪيترا پيرا نياپا موڪليا، مگر هن هر بار انڪار ڪيو، ايتري قدر جو هڪ دفعي هن منهنجي آدمين کي دربار مان ڌڪا ڏياري ڪڍي ڇڏيو. آخر جڏهين مون ڏٺو ته باقي پوڻون ڏينهن بچيو، جڏهن تون وڃين اُن پوتر آستان ۾ داخل ٿين ها، جتي پير پائڻ مون لاءِ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي، تڏهن لاچار ٿي مونکي اهو ظلم ڪرڻو پيو. آءٌ قبول ٿو ڪريان ته اِها سراسر منهنجي خود غرضي آهي. پر پيار ڇا ڇا نه ٿو ڪري؟ گذري پيار ۾ پريتم

مون کي زوريءَ ڦاٻو ۾ آڻڻ چاهيندو. ان آخرين موقعي لاءِ هن پنهنجو سينو مضبوط ۽ پنهنجو آبدار خنجر خوب تکو ڪري رکيو هو. اُن جو هڪ حملو راڻي تي ٿيندو، ٻيو پنهنجي ڇاتيءَ تي ۽ ائين سارو قصو تمام ٿيندو. ليڪن راڻي جي عاجزيءَ، سندس دردناڪ تقرير، سندس گناه جي قبوليت ۽ سندس پيار جي سيتلتا ان وقت پريا کي ٺاري ڇڏيو. باهه پاڻيءَ سان وسامندي آهي.

راڻو ڪجهه دير اُتي ويٺو رهيو. جڏهن پريا ڪو جواب نه ڏنو ۽ راڻي کي سندس ورتڻ مان معلوم ٿيو ته منهنجو وهڻ ڪيس ناپسند آهي، تڏهن اُتي هليو ويو.

(٤)

پريا کي ڇتور ۾ رهندي ٻه مهنا گذري چڪا آهن. راڻو پريا وٽ ٻيهر نه آيو. اُن عرصي ۾ راڻي جي خيالن ۾ گهڻو ڦيرو پئجي ويو. جهالاوار تي حملي ڪرڻ کان اڳ ميران بائيءَ کي ان باري ۾ ڪا خبر ڪانه هئي. راڻي اهو منصوبو لڪل رکيو هو. مگر هينئر ميران بائي اڪثر ڪيس اُن اَڻ سهائيندي ڪم تي شرمائيندي هئي. آهستي آهستي راڻي کي ٻه پڪ ٿي ويئي ته پريا سندس پريائڻ سان پرچڻ واري ناهي. هن سندس آرام آسائش جي سامان موجود ڪري ڏيڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي، پر پريا ڏانهس اک ڪٿي ٻه

راجپوتن جي سرتاج راڻا جي دل جو راڄ ڪري. هوند راؤ صاحب کو سويمبر رچي ها ته مونکي هن ظلم ستم ڪرڻ جي ضرورت نه پوي ها.

پريا! ساري راجپوتانا ۾ هڪ سور بير به اهڙو ڪونهي جو منهنجي مت هجي مگر جڏهن چؤطرف رستو بند هجي ۽ اُن بي بها رتن کي، جنهن تي منهنجو حق آهي، ڪو بيو شخص کڻي ويندو هجي ته ڇا مون لاءِ اهو مناسب هو ته آءٌ مات ڪري ڏسندو رهان؟ ممڪن آهي ته منهنجي پرالبڌ ۾ ۽ ڀ‍رام جو سک لکيل نه هجي. ممڪن آهي ته آءٌ پنهنجي قسمت سان جنگ جوٽي رهيو هجان. مگر تقدير سان لڙڻ مردن جو ڪم آهي. اُن تي شڪر ڪري وهڻ ڪانئرن جو. جنگ ۾ منهنجي جيت ٿيندي يا هار، اُن جو جواب آءٌ ڪهڙو ڏيئي ٿو سگهان؟ جيڪڏهن محبت جي موت ڪا ملندي آهي ته اُها مونکي ملندي. هر حال ۾ فيصلو تنهنجي هٿ ۾ آهي."

پريا جون اکيون زمين طرف هيون ۽ خيال پکين جيان آسمان ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿي اُڏيا. هوءَ جهالاوار کي ڪوس ۽ قتل کان بچائڻ لاءِ راڻي سان گڏ آئي هئي. مگر سندس برخلاف ڪروڌ ۾ پري وئي هئي. ڪيس کل جو ڪلنڪ، ظالم، خونخوار، ڪام جو غلام، ڪانئر ڪوٺي دل جو بخار ڪڍڻ ٿي چاهيائين. ڪيس پڪ هئي ته اِها قتڪار ٻڌي راڻو سراپجي ويندو، جلي ٻري ويندو، غضب ۾ اچي

جو چارو پڻ نظر ٿي آيو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ساڻس لڙي پنهنجي قسمت جي فيصلي ڪرڻ لاءِ بيقرار ٿي ويندي هئي.

”مگر قسمت جو فيصلو ڪهڙو ٿيندو؟ مان پنهنجي نظر ۾ اچا ٺاڪر ڄائين راءِ صاحب جي ڪنيا آهيان، ليڪن دنيا جي نگاه ۾ راڻا يوجراج جي راڻي ٿي چڪي آهيان. هينئر جيڪڏهن ڏاڍائي ڪري هن قيد مان نڪري به وڃان، ته به مون لاءِ ڪهڙي جڳهه آهي، جتي وڃي ٽانڪيڪي ٿيان. مان ڪنهن کي منهن ڏيکاريندس! مندرا جي ڪمار کي مون سان سچو پريم آهي، پر هن حالت ۾ هو مون کي پنهن جي دامن هيٺ قبول ڪري اُن ۾ شڪ آهي؛ ۽ جيڪڏهن لوڪ پچار جو ويچار نه ڪري مونکي اُجهو ڏئي ته سندس سر هميشه لاءِ نيچي نمي پوندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور سندس دل مون کان ڦري پوندي ۽ هو مونکي پنهنجي ڪل جو ڪلنڪ سمجهندو. خود نردوش سيتا ماتا جي اهڙي گتي ٿي هئي.

تڏهن مون لاءِ هينئر صرف ٻه رستا آهن — يا ته هن اڪيلي قيد ۾ جيوت جا باقي ڏينهن ڪاٽيان يا ڪنهن طرح هتان ڀڄي ڇٽان، مگر ڀڄي ڪيڏانهن وڃان؟ پيءُ جي گهر؟ اتي هينئر منهنجو گذارو نه ٿيندو. مندرا جي ڪمار وٽ؟ اُن ۾ هن جي خواري

کين نهاريندي هئي. راڻو هر روز پريا جو احوال داسين جي معرفت وٺندو هوءِ. جواب ۾ کيس سانگيو نا اميديءَ جو داستان ٻڌڻ ۾ ايندو هو. مڪڙي ٽڙڻ بدران ويئي ڪومائبي. اُن ڪري ڪڏهن راڻو پنهنجي اُبهرائيءَ تي ارمان ڪائيندو هو ته ناحق مون هيءَ آفت سرتي آندي. مگر جڏهن پريا جي سهڻي صورت اکين اڳيان ايندي هيس، تڏهن هوُ پنهنجي دل کي اِهائي دلداري ڏيندو هو ته هڪ پاڻ ـ وهيڻي استريءَ جي دل تي ايترو جلد اثر تي نه ٿو سگهي. ساموندي موتي هٿ آڻڻ لاءِ اونهيءَ ٽٻيءَ جي ضرورت آهي. منهنجون خاطرداريون اڳي پوءِ کيس ريجهائي رکنديون.

پريا ڏينهن جا ڏينهن اڪيلي ويٺي پور پچائيندي هئي. هوءَ اُيا ساه کڻندي هئي. تڏا شوڪارا پريندي هئي. هنجون هاريندي هئي. وقتي وقتي اوچتا ڇرڪ پريندي هئي. سندس وندرءِ فرحت لاءِ گهڻا وارين استرين جي هڪ ٽولي مقرر هئي، مگر سندس من هميشه کنهن پريشاني ۾ غرق رهندو هو. راڻي جي عاجزيءَ جو اثر ڪافور تي ڇڪوهوءِ کيس هيئر وري سندس بيرحم ظلم اصلوڪي صورت ۾ ياسڻ لڳو. چرب ـ زباني ريجهائي نه تي. صرف لاجواب ڪري چڏيندي آهي. پريا کي پنهنجي صبر تي تعجب لڳو. کيس راڻي جي گفتگو جو دندان ـ شڪن جواب ڏيڻ

ان جو سبب اِهو ٻڌپ هو ته تون راجپوتڻي آهين ۽ راجپوتڻيون اهڙا گناه معاف ڪرڻ ڪين ڄاڻن. جهالاوار ۾ جڏهن تون مون سان اچڻ لاء سنيھو ٻڌين، تڏهن ئي مون تنهنجو جوهر پرکي ورتو. مون ڏٺو ته تنهنجي سيني ۾ خود-دار ۽ همت ڀري دل آهي ۽ ان کي قابو ۾ آڻڻ آسان نه آهي. هتي ڪيترا دفعا آيس، مگر هميشه توکي صبر ۽ شوخيءَ ۾ ڏٺم. اندر اچڻ جي جرئت نه ٿي - پوئين پير موٽيس. مگر اڄ تو پاڻ ڪوٺايو آهي. هينئر آءٌ اڻ ڪوٺيو مهمان نه آهيان ۽ توکي مهمان جي آجيان ڪرڻ ڄڳائي. دل سان نه، اڇانرو ئي سهين. جتي باه جا ٻٽ پيا ٻرندا اُتي ٿڌائي ڪٿان اچي. رڳو زبان سان ئي، پاڻ تي زور زبردستي ڪري ئي سهين مهمان جو آدر ڪرڻ اُچت آهي. سنسار مريادا موجب گهر آئي دشمن جي به خاطرداري ڪبي آهي. پريا! آءٌ ڏسان تو ته تون منهنجي غريب خاني کي قيد خانه کان به خراب سمجهي رهي آهين. مونکي اُميد هئي ته تون منهنجون خطائون معاف ڪندينءَ ۽ مون تي ترس کائيندينءَ. مگر منهنجي اُميد پوري نه ٿي. ٿوري دير لاء پنهنجي غصي کي دٻي ڇڏ ۽ منهنجي گناهن تي قياس ڀريو ويچار ڪر. مون تي اهو الزام آهي ته مون توکي ماءُ پيءُ جي گود مان زوريءَ جدا ڪري آندو آهي. راجپوتن ۾ اها ڪا نئين ڳالهه ناهي. اهڙن ڪارنامن

ٿيندي ۽ منهنجي ڇا. بيڪار ٿي ٻڏجي پوان؟ اُن ۾ ڇا
ڦٽڪو پوندو ۽ اڳتي وڌي حياتيءَ جي گهڙي
ڦاڙي ٿيندي؟ هڪ بيوس استري لاءِ سوڀيا جان
جو عذاب آهي، آزار آهي. پرماتما! شل اُهو ڏينهن
نه اچي جڏهن آءٌ قوم جو ڪلنڪ ٿيان. راجپوت قوم عزت
تي پنهنجو خون پاڻيءَ جيان وهايو آهي. سندس هزارين
ديوين ڌارئي جي اپوتر پاڇي جي خوف کان سڪل لڪڙين
جيان جلي مري ديس جو منهن مٿي ڪيو آهي. اُها
گهڙي نه اچي جڏهن منهنجي ڪري راجپوتن جون
اکيون شرم کان زمين طرف جهڪن. نه. آءٌ هن قيد
۾ مري ويندس. راڻي جو ظلم سهندس. جيئندس،
مرندس مگر هن گهر ۾. وهانءُ ته جنهن سان ٿيڻو هو
سو ٿي چڪو. وهانءُ صرف هڪ ڀيرو ٿيندو آهي.
دل ۾ سندس پوڄا ڪندس، پر زبان تي سندس
نالو نه آڻيندس.“

هڪ ڏينهن پريا بگڙي راڻي کي گهرايو. راڻو آيو.
هو اداسيءَ جي صورت هو. چيائين: ”پريا! تو اڄ
مون کي ياد ڪيو آهي. اها منهنجي خوش نصيبي
آهي. تو مون کي گهرايو ته سهين، مگر ائين نه سمجهه ته آءٌ
مٺيون مٺيون ڳالهيون ٻڌڻ جي اُميد رکي آيو آهيان.
نه. آءٌ ڄاڻان ٿو ته تو مون کي ڇو سڏايو آهي. هان اڄ
تنهنجو گنهگار تنهنجي سامهون آهي. جيڪا سزا وڻيئي
سا ڏي. مون کي هن وقت تائين اچڻ جي جرئت نه ٿي.

راڻي هيسيل نگاهه سان ڏسي چيو ”جيڪا تنهنجي مرضي.“ ۽ پوءِ ٻاهر هليو ويو.

(٥)

رات جا ڏهه لڳي ويا هئا. رڻڇور جي مندر ۾ ڪيرتن سماپت ٿيو هو ۽ ويشنو ساڌو ويهي ڀوڄن ڪائي رهيا هئا. ميران ٻائيءَ پاڻ هٿن سان ٿي پرڇيو. ساڌن سنتن جي شيوا ٽهل ۾ هن ديويءَ کي آتمڪ آنند ملندو هو. هوءَ ڪنهن به مهمان کي پيٽ ڀرڻ ڪانسواءِ وڃڻ نه ڏيندي هئي. ساڌو لوڪ جنهن شوق سان ڪاڌي کائڻ ۾ مگهن هئا، تنهن مان شڪ ٿي پيو ته ڌيان ڀڄن ۾ وڌيڪ مؤج آهي يا لذيذ کائي ۾. ايشور جي ذاتين مان لاپ وٺڻ پنهنجي جاءِ ڀڳتي آهي، مگر برهم-گيانيءَ لاءِ. عام ساڌو ويس ڌاري ته وشيءَ واسنا ۾ امپيت ٿي رهيا آهن. هو پيٽ تي هر هر هٿ ڦيري ڪڏهن هن پاسي تي ويٺا، ڪڏهن هن پاسي ۽ زبان سان ”بس“ چوڻ ته شايد سکيائي نه هئا. مگر انهن ۾ هڪڙو اهڙو مهاتما به هو، جو اکيون بند ڪري ويٺو هو ۽ ٿالهي ڏني به نه هئائين. سندس نالو پريمانند هو. ان ڏينهن ئي آيو هو. مهاپرش ٿي ڏنو. ٻيا ساڌو پيٽ ڏلهي اُٿيا مگر هن کاڌو اکئين به نه ڏنو. اها حيرت جي بات هئي.

ميران ٻائي اچي هٿ جوڙي چيو ”مهراج! اوهان پرساد کي ڇهيو به نه. ڪو قصور ته ڪونه ٿي ويو آهي؟“

ساڌوءَ ڌيرج ۽ نماڻائيءَ سان جواب ڏنو: ”ڀيڻ! انڇائي ڪانهي.“

سان اسانجو اتهاس پريو پيو آهي. تون چوندين ۽ ته ان ۾ جهالاوار جي بي عزتي ٿي. اٿين هرگز نه ٿيو. جهالاوار وارن اهو ڪي ڪيو، جو مردن جي شان وٽان هو. هنن پنهنجي ويرتا جي عمدي ثابتي ڏني. جيڪڏهن هنن هارايو ته سندن قصور ڪونهي. بهادرن جي هميشه جيت ڪانه ٿيندي آهي. اسين سڀ پائي آياسون، ان ڪري جو اسين تعداد ۾ گهٽا هئاسون، ۽ اُن ڪم لاءِ سهي سنيري نڪتا هئاسون ۽ هو بيخبر هئا. مگر متان سمجهين ته آءٌ گناه جو عذر ڏيئي رهيو آهيان. نه. آءٌ شرمساريءَ ڪان قبول ٿو ڪريان ته مونکان غلطي ٿي آهي. هينئر اُن بگڙيل ڪيل ڪي سڌارڻ ٿوٿي ٿو چڏيان. جيڪڏهن مونکي تنهنجي دل ۾ ڪا ڪنب ڪڙڇ ملي سگهي. ته آءٌ اهو وڏڪنت سمجهندس. پڌندڙ لاءِ ڪک ۾ وڏي وت آهي. ڇا اهو ممڪن آهي؟

"نه" پريا چت ڏانهن تڪيندي چيو "نه"

"جهالاوار وڃڻ جي مرضي اٿيئي؟"

"نه"

"مندرا جي ڪمار وت موڪلي ڏيانءِ."

"هرگز نه".

"مگر تنهنجو اهو ڪڙهڻ مونکان سٺو نٿو وڃي."

"اوهانکي اُن عذاب مان جلد ڇوٽڪارو ملندو."

ميران ڪمار ڪي پيرن ڪان مٿي تائين ڌڪار سان نهاريندي چيو "راجپوت ائين ڏوکو نه ڏيندا آهن."

"هان. اهو قاعدو اُن موقعي لاءِ آهي جڏهن ٻئي ڌريون هڪجهڙيون هجن."

"ائين نه ٿيندو."

"تو وچن ڏنو آهي. اُهو پالن ڪرڻو پوندءِ."

"مهاراجا جي حڪم اڳيان منهنجو وچن ڪي ڪينهي." مان اهي ڳالهيون ڪين ڄاڻان. جيڪڏهن توکي پنهنجي وچن جي پت رکڻي آهي ته اهو پورو ڪج."

ميران ٿوري گهڙي ڪن سوچ ڪري پڇيو "محل ۾ وڃي ڇا ڪندين؟"

"تنهن راڻيءَ سان ٻه چار ڳالهيون."

ميران فڪر ۾ پئجي ويئي. هڪ طرف راڻي جي منع هئي ٻئي طرف پنهنجو وچن ۽ اُنجي پورائي جو نتيجو. دسرٿ پنهنجي وچن پالنا لاءِ پٽ کي بن ڏانهن راهي ڪيو. وچن جي پالنا لاءِ راجپوتن ڪهڙا ڪهڙا نه ڪشٽ سنا. ڪهڙين ڪهڙين نه مصيبتن ۾ پيا. وچن ڌرم جو مول آهي. انجي پالنا منهنجو پرم ڌرم آهي. مگر پتيءَ جي آگيا ڪيئن ٽوڙيان؟ هن سخت منع ڪئي آهي. جيڪڏهن سندس آگيا جو النگهن ٿي ڪريان ته لوڪ پرلوڪ ٿا بگڙن. ڇو نه وڃي کيس صاف ٻڌايان؟ هو منهنجي اِها منٿ مڃيندو. مون اڄ تائين ڪا ڳالهه ڪين گهري آهي. اڄ اِها ڀيک منگندس. ڇا، هو

”ڪجهه مون خاطر ڪائو.“

”اڃا ڪانهي.“

”منهنجي اها وينتي اوهانکي مٺي پوندي.“

”مون پرتگيا ڪئي آهي ته ڪٿي ڪين ڪائيندس.“

”۽ مون پرتگيا ڪئي آهي ته ڪنهن کي به هتان ڪاڌ ڪانسواءِ نه ڇڏيندس.“

”منهنجو ورت ٽٽندو ته توکي وڏي ڏکڻا ڏيڻي پوندي.“

ميران خوش ٿي چيو ”ڪهڙي آگيا آهي؟ لرچنت ٿي فرمايو.“

”مٺي پوندءِ.“

”مڃيندس.“

”وچن ٿي ڏين؟“

”هان وچن ٿي ڏيان - پرشاد پايو.“

ميران بائيءَ سمجهو ته ساڌو ڪنهن مندر بڻائڻ يا يگيه ڪرائڻ لاءِ سوال ڪندو. ساڌن جي ان وطيري جو ڪيس ڪيترا دفعا تجربو ٿيو هو ۽ ميران جو مال ملڪيت اُن دان لاءِ ئي هو. مگر ڪيس ڪيترو نه اعجب ۽ هراس وٺي ويو، جڏهن ساڌوءَ زمين طرف تڪيندي جواب ڏنو ”اڄ رات محل جو چور - دروازو کولي ڇڏج.“

ميران بائيءَ کان بي اختيار ڇرڪ نڪري ويو. چيو ”تون ڪير آهين؟“

”مندرا جو راجڪمار.“

راڻيءَ کن سر لاڪري جواب ڏنو "هان بلڪل چڱيءَ طرح."

"اڄ هن مونکي باري دوکو ڏنو. هڪ ويشنو مهاتما جو روپ ڌاري رڻڇور جي مندر ۾ آيو. ڪيرتن ڪان پوءِ جڏهن سادن جو پوڄن ورتايو ويو، تڏهن هن ڪجهه نه کاڌو. منهنجو هٿي اِهو نيم آهي ته ڪو سادو کائڻ کان سواءِ نه وڃي. مون ڪيس زور ڀريو. نيٺ گهڻيءَ آزي نيزاريءَ کانپوءِ راضي ٿيو پر هڪ شرط تي ته آءٌ سندس هڪ سوال پورو ڪريان. مون سمجهيو شايد ڪنهن مندر جوڙائي ڏيڻ لاءِ سوال ڪندو. وچن ڏيئي ويٺيس. تڏهن هن پنهنجي گهر ڪٺيءَ. ٻڌنديئي مون کي ڏڪر لڳي ويا. پڇڻ تي نالو ٻڌاياءِ. هينئر مون کي همت نه ٿي ٿئي ته سندس سوال اوهان کي ٻڌايان."

"پريا سان ملائڻ لاءِ ته نه چياءِ؟"

"جي. سندس منشا اِهائي آهي. مگر سوال اهو آهي ته مان اڌ رات جو چور دروازو کولي ڇڏيان. مون کيس گهڻو سمجهايو. ڌاٻو ڌمڪايو، مگر هو باز نه آيو. آخر لاچار ٿي سندس سوال پوري ڪرڻ جو انجام ڪيم، تڏهن هن پوڄن کاڌو. هينئر منهنجي وچن جي لڄ اوهان جي هٿ ۾ آهي. وٽيو ته پورو ڪري منهنجي پِت رکو. وٽيو ته اُهو ٽوڙي منهنجي وچن جو وشواس وڃائي ڇڏيو. اوهين مون تي جا ديا ڪندا آهيو، اُن جي

منهنجي وچن جي پرواه نہ ڪندو؟ سندس دل نرم آهي. پڪ اٿم تہ هو مونکي وچن ڀنگ جي ڏرڏشا کان بچائيندو. اُن ريت دل ۾ ڳڻ ڳوت ڪري ڪمار کان پڇيائين: ”ڪهڙي وقت ڪوليان؟“

ڪمار اچل ڏيئي چيو ”اڌ رات جو“.

”مان خود توسان هلنديس.“

”ڇو؟“

”تو مونکي دوکو ڏنو آهي. منهنجو توتي ويساه ڪونهي.“

راجڪمار شرمائجي چيو ”تون دروازي وٽ بهي رهنديءَ.“

”جيڪڏهن تو دغا ڪئي تہ توکي ساهہ ڏان آسرو پلٽو پوندو.“

”آءٌ سڀ سنڪٽ لاءِ تيار آهيان.“

(٦)

ميران اُتان وچي راڻي جي شيوا ۾ حاضر ٿي. راڻو سندس گهڻو ادب رکندو هو. هو اُٿي بيٺو. اُن وقت ميران جو اچڻ غير معمولي هو. پڇيائين: ”بائي! هن وقت ڪئن تڪليف ڪئي اٿيئي؟“

ميران وراڻي ڏني ”اوهان کان بيک منگڻ آئي آهيان. نراس نہ ڪجو. مون اڄ تائين اوهان کي ڪو سوال ڪونہ ڪيو آهي. پر اڄ هڪ مصيبت ۾ ڦاسي ويئي آهيان. اوهين ئي مونکي ان مان بچائي سگهو ٿا. مندرا جي راجڪمار کي اوهين سڃاڻو؟“

ڪندي شرم ٿو اچي. تنهنجي پريمي دل ۾ ڪرشن جي ڀڳتي ۽ پڇڻ ڀاؤ کان سواءِ باقي جاءِ ڪٿي آهي؟"

ميران ٻائي احسانمند نگاهن سان ڏسي چيو "تڏهن مونکي آگيا آهي ته چور دروازو کولي ڇڏيان؟"

"تون پاڻ وس واري آهين. مون کان پڇڻ جي ضرورت نه آهي."

ميران پرنام ڪري هلي ويئي.

(۷)

اڌ رات گذري چڪي هئي. پريا صبر ۾ سوني شمعدان ۾ ٻرندڙ بتيءَ کي ڏسي رهي هئي ۽ ويچار ٿي ڪيائين ته هن جي ٻرڻ سان پرڪاش پيدا ٿو ٿئي. هيءَ جلي ٿي ته ٻين کي فائدو ٿي پهچائي، مگر منهنجي جلڻ مان ڪنهن کي ڪهڙو فائدو؟ آءٌ ڇو ٻران؟ منهنجي جيئري رهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

هن پوءِ دريءَ مان منهن ڪڍي آسمان طرف نهاريو. ڪاري آسمان تي تارا ٽمڪي رهيا هئا. اولداهيءَ سندن تجلي کي وڌائي ڇڏيو هو. پريا ويچار ڪيو ته منهنجي ڪاري نصيب ۾ روشن تارو ڪٿي آهي؟ مون لاءِ جيوت جا سک ڪٿي آهن؟ هن اڪيلي قيد ڪاٽڻ لاءِ جيئان؟ رئڻ لاءِ جيئان؟ اهڙي جيئڻ مان ڇا حاصل؟

۽ جيئڻ ۾ بدنامي به نه آهي. منهنجي دل جو حال ڪير ٿو ڄاڻي؟ دنيا مونکي بي غيرت چوندي هوندي

پروسي تي ئي مون وچن ڏيئي ڇڏيو. هينئر اُن ڦندي مان اوهين ئي مون کي ڇڏائي سگهو ٿا."

راڻي سوچ ڪري جواب ڏنو: تو وچن ڏنو آهي. ان جي پورائي ضروري آهي. تون ديوي آهين. تنهنجو وچن ٽري نٿو سگهي. محل جو دروازو کولائي ڇڏ. مگر اهو مناسب ناهي ته ڪمار پريا سان اڪيلي ملاقات ڪري. تون پاڻ ساڻس گڏ وڃ. مون خاطر ايتري تڪليف وٺ. مون کي خوف آهي ته هو ڪيس قتل ڪرڻ جي ارادي سان نه آيو هجي. حسد آدميءَ کي اندو ڪري ٿو ڇڏي. مون کي پريا کي ڪٺي اچڻ جو سخت افسوس آهي. مون سمجهيو ٿي ته هوءَ هتي رهندي رهندي هري مري ويندي، مگر اهو خيال غلط نڪتو. مونکي ڊپ آهي ته جيڪڏهن ڪيس ڪجهه ڏينهن هت وڌيڪ رهڻو پيو ته جيئري نه بچندي. خون ناحق تي ويندو. مون ڪيس جهالاوار وڃڻ لاءِ چيو، پر راضي نه ٿي. اڄ تون سندس ڳالهيون ٻڌج. جي هوءَ منڊرا ڪمار سان وڃڻ لاءِ خواهش هجي ته، آءٌ خوشيءَ سان ڪيس موڪل ڏيندس. مون ڪان سندس جلڻ پچڻ نه ٿو ڏٺو وڃي. جيڪر ان سندريءَ جي دل مون ڏانهن ايتري قدر سخت نه هجي هان ته منهنجي جيوت سکدائي ٿئي ها. منهنجي پرالبڌ ۾ اهو سک لکيل ناهي ته پوءِ ڪهڙو چارو آهي. مونکي توسان اهڙين ڳالهين

بلڪل بي زبان ٿي ٿي وڃان. هاءِ! ظالم منهنجي زندگي خاڪ ۾ ملائي ڇڏي ۽ هاڻي مون کي هرڪائي رهيو آهي ڇا ان لاءِ جيئري رهان ته سندس وشيءَ ڀوڳ جو رانديڪو بڻجان؟ ته پوءِ باقي ڪهڙي منشا آهي؟ ڪمار جو پيار؟ آها! هاڻي ان جو خيال ڪرڻ به مونلاءِ گناهه آهي. هاڻي آءٌ ان ديوتا جي لائق نه رهيس. پيارا! ڪو عرصو ٿيو جو مون توکي وساري ڇڏيو. تون مونکي دل مان ڪڍي ڇڏج.

پريا ڇرڪ ڀري چيو: "پرماتما! اهڙيون ڳالهيون منهنجي دل ۾ ڇو ٿيون اچن؟ مون لاءِ ته موت کان سواءِ هاڻي ڪو وسرام ڪونهي. جڳت سوامي! منهنجي هيڻي دل کي مضبوط ڪر ۽ مرڻ کان پوءِ مونکي گلا کان بچائج.

پريا وري ڪتاري کنئي. ارادو پورو هو. هٿ مٿي ڪيو ۽ سيني ۾ ڇيڻ لاءِ هيٺ لهڻ تي هو ته ڪنهن جي اچڻ جو کڙڪو ٿيو. هن ڇرڪ ڀري هيسيل نگاهن سان ڏٺو. مندرا جو ڪمار آهستي ڍيل قدمن سان ڪمري ۾ داخل ٿيو!

(٨)

پريا وسي تي ويٺي. هن ڪتاري ڪٽي لڪائي. راجڪمار کي ڏسي ڪيس خوشي ڪا نه ٿي، بلڪ خوف ٿيو. جيڪڏهن ڪنهن کي سڌس پئجي ويئي ته سندس جان جو خير ڪونهي. ڪيس هتان ترت نڪري وڃڻ

جهالاوار جون ديوين منهنجي مرڻ جي خبر ٻڌڻ لاءِ منتظر هونديون. منهنجي پياري ماتا جون اکيون هنجُن مٿي نہ ڪڇنديون هونديون. پر جڏهن هوءَ منهنجي مرڻ جي سڌ سڻندي تڏهن وڏائيءَ وچان سندس منهن مٿي ٿي ويندو. هيءَ ٻيهيانيءَ جي جيوت آهي. اُن کان مرڻ موچارو آهي.

پريا وهاڻي هينان هڪ آبدار ڪٽاري ڪڍي. هٿ ڏڪي رهيو هو. هن ڪٽاري طرف نظر ڄمائي. اُنکي جوشيلي پاڪر پاڻ لاءِ جگر کي مضبوط ڪيو. هٿ ڪنبيو، مگر مٿي نہ ڪڇيو. ارادي ۾ ڪمزوري هئي. اکيون ٻوٽجي ويئون. مغز ۾ چڪر اچي ويو. هياءُ وسامڻ لڳو. ڪٽاري هٿ مان ڪري زمين تي اچي پيئي.

پريا سيسراٽي پري. ڇا سچ پچ مان بي غيرت آهيان؟ مان راجپوت ڪنيا تي مرڻ کان ڊڄان ٿي! عزت وڃائي بي حياءُ جيئان ٿي! اُها ڪهڙي آرزو آهي جنهن مون کي اهڙو ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي؟ ڇا، راڻي جون منهون منيون باتيون؟ دشمن جون دل ونڻ جون ريتيون؟ هن مونکي حيوان سمجهيو آهي، جنهن کي قيد ۾ بند ڪري لالچائي ٿاري ڇڏجي. آها! جيڪر ان جادوگر اڳيان منهنجي زبان ڪلي! هو اهڙيءَ طرح ڦيرائي ڦيرائي ڳالهيون ٿو ڪري ۽ منهنجي طرفان دليل ڏيئي انهن جا اهڙا جواب ٿو ڏئي جو آءٌ

ڌڪاريندس. جلنديس. ڪڙهنديس. جڏهن هيءَ جلڻ سٺي نہ ويندي تڏهن زهر کائيندس. سيمي ۾ ڪناري هٽي پاڻ پورو ڪنديس. جيئنديس - مرنديس - مگر هن گهر ۾."

ڪمار جي دل ۾ گمان پيدا ٿيو. هن ويچار ڪيو تہ پريا تي راڻي جو منتر ڪارگر ٿي ويو ۽ هيءَ مون سان دوهہ ٿي ڪري. پيار جي جاءِ تي حسد جي باهہ ڀڙڪا ڏيئي اُٿي. تيز آواز ۾ چيائين: "۽ جيڪڏهن مان توکي هتان ڪٽي وڃان تہ؟"

پريا شوخ ٿي وئي. اکيون ڦوٽاري چيائين "مان اُهو ڪي ڪنديس جيڪي راجپوتڻين ڪري ڏيکاريو آهي. يا پنهنجي گلي تي ڇري وهائينديس يا تنهنجي گلي تي."

راجڪمار هڪ قدم اڳتي وڌيو ۽ طعني سان چيائين: "راڻي سان گڏ تہ خوش ٿي آئينءَ! اُن وقت اها ڇري ڪيڏانهن وئي هئي؟"

پريا ڀڄري وئي، چي "اُن وقت اُن ڇريءَ جي هڪ وار سان خون جي ندي وهڻ لڳي ها. منهنجي مرضي نہ هئي تہ منهنجي پنيان منهنجا پائي ٻندو قتل ڪيا وڃن. تنهنڪانسواءِ مان ڪنواري هيس. گهٽ ۾ گهٽ دنيا مونکي ائين ٿي سمجهيو. مون کي پنهنجي ننگ ناموس وڃڻ جو خوف ڪونہ هو. مون پٽي ورت ڪونہ ورتو هو، ڪٿ بہ دنيا تہ ائين ٿي سمجهيو. پنهنجي نگاهہ ۾ مان هميشہ بہ ساڳي آهيان. مگر سنسار جي

کپي. جيڪڏهن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو موقعو ڏيان ته دير ٿي ويندي ۽ پوءِ —— هو ضرور گرفتار ٿي ويندو. راڻو ڪيس ڪڏاهين جيئرو نه ڇڏيندو. اهي خيال طوفان ۽ ٻجليءَ جيان سندس دماغ ۾ آيا. هن تيزيءَ سان چيو: ”اندر نه اچ.“

ڪمار پڇيو: ”مونکي ڪونه سڃاتيءَ ڇا؟“

”بلڪل چڱيءَ طرح. مگر هيءُ ڳالهين ڪرڻ جو موقعو نه آهي: اندر نه اچ. راڻو تنهنجو لڪل ڇاري آهي. هن دم هتان نڪري وڃ.“

ڪمار هڪ قدم اڳتي وڌيو ۽ بيخوفيءَ سان چيائين:

”پريا تون مونسان بي مروتي ٿي ڪرين.“

”تون جيڪڏهن ترسندين ته آءٌ گوڙ مچائينديس.“

”اُن جو مونکي ڊپ ڪونهي. آءٌ حياتيءَ مان بيزار آهيان. پنهنجو سر تريءَ تي رکي آيو آهيان. اڄ ٻن مان هڪ جي صفائي ٿيندي. يا راڻو رهندو يا مان رهندس. تون مون سان هلندينءَ؟“

”نه.“

”ڇو؟ چتور جي آب هوا پسند اچي ويئي؟“

”دنيا ۾ هر ڪا ڳالهه پنهنجي مرضيءَ موجب نه ٿي ٿئي. جنهن ريت مان جيوت جا ڏينهن ڪاٽي رهي آهيان، سا ستم منهنجي اندر کي ئي آهي. مگر لوڪ لاڄ! دنيا جي نگاهه ۾ مان چتور جي راڻي ٿي چڪي آهيان. هن ۾ راڻو جڏهن رکي ٿڏن رهنديس. مرڻ گهڙيءَ تائين ڪيس

”هان، آخرين.“

راجڪمار تلوار ڪڍي ڀريا تي اُلر ڪري ويو. ڀريا خوف وچان اکيون بند ڪري هڪ قدم پٺتي هٽي ويئي. معلوم ٿي ٿيو ته هوءَ بيهوش ٿي ڪرندي.

اوچتو راڻو تلوار هٿ ۾ ڪٽي اُبهرائيءَ سان اندر آيو. ڪمار پاڻ سنڀالي بيهي رهيو.

راڻي ڪاوڙجي چيو: ”ڀري هٽ. ڪتري، استرين لاءِ تلوار ڪين هلائيندا آهن.“

”بي حيا استرين جي اِهائي سزا آهي.“

”تنهنجو دشمن ته آءٌ هوس. منهنجي سامهون ايندي ڇو ٿي شرم آيئه؟ مان به تنهنجي تلوار جو جوهر ڏسان ها.“

راجڪمار جوش ۾ اچي راڻي تي تلوار هلائي. راڻو تلوار بازيءَ ۾ امت هو. ڪمار جو وار گسائي مٿس تلوار چلائي. اک ڇنب ۾ ڀريا، جا سن ۾ پيٽ سان چنبڙي بيٺي هئي، بجليءَ جيان اُڇل ڏيئي ڪمار جي اڳيان اچي بيٺي. راڻو وار ڪري چڪو هو. تلوار جو ڌڪ سندس ڪلهي تي لڳو ۽ سيني تائين هليو ويو. رت جو ڦوهارو اُڇلون ڏيڻ لڳو. راڻي سرد آه ڀري ۽ تلوار هٿ مان اُڇلي ڪرندڙ ڀريا کي سنڀالي ورتو.

پل ڇن ۾ ڀريا جي ڇهري تي هيبت هارجي ويئي. اکيون ڦريون، هٿ پير ٺريا، ڏيئو گل ٿي ويو. منڊرا جو ڪمار به تلوار اُڇلي نمندڙ نيڻن سان ڀريا جي سامهون گوڏا کوڙي ويهي رهيو. ٻنهي محبتين جي اکين مان

نظر ۾ ڪجھ بہ ٿي ويئي آهيان. سنسار مونکي راڻي جو پابند بڻائي ڇڏيو آهي. پتي ورت جو زنجير منهنجي گلي ۾ ٻڌو ويو آهي. هينئر اهو منهنجو ڌرم آهي اُن ڪانسواءِ ٻيو ڪو قدم کڻڻ ڪنواڻين جي نالي تي ٽڪو لڳائڻو آهي. ڪنوارين جو سر هيٺ نوائڻو آهي. تون منهنجي قسمت تي لوڻ ٿو ٻرڪين. اها ڪهڙي ڀلمانسائي آهي؟ منهنجي تقدير ۾ جيڪي لکيل آهي سو ڀوڳيندي ڀوڳيان. مون کي ڀوڳڻ ڏي ۽ توکي منٿ ٿي ڪريان تہ هتان هليو وڃ."

راجڪمار هڪ قدم اڳتي وڌيو ۽ تيز ٺڪيدار نموني ۾ چيائين "پريا! ڇا، راڻي توکي ترپا چرتر بہ سيکاري ڇڏيا؟ تون مون سان بي وفائي ڪري هينئر ڌرم جي اوٽ وٺي رهي آهين. تو منهنجي دل ۽ جان کي پيرن هيٺان خاڪ ڪري ڇڏيو ۽ هينئر ننگ ناموس جا عذر ٿي ٻڌائين. آءٌ هنن اکين سان توکي راڻي جي محبتي ميلاپ ۾ عيش اڏائيندو ڏسي نہ ٿو سگهان. منهنجون سڀ اميدون برباد ٿي ويئيون تہ توکي بہ هتي نہ ڇڏيندس. توکي هتان ڪڍي ويندس. تنهنجي بي وفائي جي اها سزا آهي. ٻڌاءِ ڪهڙو ارادو اٿيئي؟ هن وقت مون سان گڏ هلين ٿي يا نہ؟ قلعي جي ٻاهران منهنجا آدمي تيار بيٺا آهن."

پريا بي خوفيءَ سان وراڻي ڏني "نہ."

"اهو آخرين فيصلو آهي؟"

راجا هردول

هردول، جوجهارسنگهہ اورڇا جي راجا جو ننڍو ڀاءُ
هو. اورڇا بنديلن جو هندورو آهي. اُنجي ڀاڙن جي
گود ۾ بنديل قوم پرورش پاتي هئي. اورڇا جو راجا
اڄ بہ بنديلي مجلس جو پردان آهي. جوجهارسنگهہ وڏو
دلير ۽ داناءُ شخص هو. شاهہ جهان اُن زماني ۾ دهليءَ
جو بادشاهہ هو. جڏهن خان جهان لوديءَ بغاوت جو
جهنڊو بلند ڪيو ۽ شاهي علائقي کي تلف و تاراج ڪندو
اورڇا طرف اچي نڪتو، تڏهن راجا جوجهارسنگهہ ساڻس
مردانو مقابلو ڪيو. شاهہ جهان راجا جي اُن جانباز خدمت
مان ڏاڍو خوش ٿيو. هو انساني جوهر پرکڻ جو ڪامل
جوهري هو. راجا کي يڪدم دکن ۾ هڪ عاليشان عهدي
تي مقرر ڪيائين. اُن سمي ۾ اورڇا ۾ خوب جشن منايا
ويا. شاهي سفارت قيمتي چوغو ۽ آفرين نامہ کڻي راجا
وٽ آئي. جوجهارسنگهہ کي وڏا وڏا ڪم ڪرڻ جو
موقعو هٿ آيو. سفر جون تياريون ٿيڻ لڳيون. راجا،
هردول کي سڏي چيو "ڀاءُ هردول! آءٌ وڃان ٿو.
هينئر هيءُ راڄ ڀاڳ تنهنجي حوالي آهي. منهنجي پرجا
مونکي ڏاڍي پياري آهي. تون بہ کين دل سان پيار

آنسو ٿي وهيا، پروانہ وسايل ڏئي مٿان بلهار بلهار ٿي ويا.

پريم جا رنگ نرالا آهن. هڪ گهڙي اڳ راجڪمار پريا تي تلوار جو حملو ڪيو هو. پريا ڪنهن بہ ريت ساڻس گڏ وهڻ لاءِ راضي نٿي ٿي. گلا جو ٻپ، ڌرم جي زنجير، فرض جو ڪوٽ روڪ ڪري رهيا هئا. مگر ساڳي پريا ڪمار جي جان جوکي ۾ ڏسي سندس بدران پاڻ ڪڏي ڪند ڪپايو. پريا پنهنجو پرن پاليو. وفائي جو شرط پورو ڪيو. هوءَ جيئري رهي، مري ويئي، مگر پنهنجي وچن موجب ”اُن گهر ۾.“

هان پريم جا رنگ نرالا آهن. هڪ گهڙي اڳ راجڪمار پريا تي تلوار جو حملو ڪيو هو. سندس خون جو پياسي هو. حسد جي باھ سيني ۾ پنيت ٿي ٻري. اُها آگ خون جي اُتل سان اُجهامي ويئي. ڪمار بي خوديءَ جي عالم ۾ ڪجهہ دير تائين ويهي رئندو رهيو. پوءِ اُٿيو ۽ تلوار ڪڍي زور سان پنهنجي سيني ۾ چپائي. وري رت جو ڦوهارو اچلون ڏيڻ لڳو. ٻئي ڌارائون ملبيون ۽ هڪ رنگ ٿي ويئون.

پريا ڪمار سان گڏ وهڻ لاءِ راضي نٿي ٿي، پر پريم جي زنجير ڪي ٽوڙي نہ سگهي! ڪمار پريا کي پاڻ سان وٺي وڃي نہ سگهيو، مگر مٿي پڇاڙيءَ بہ ڪيس اڪيلو نہ ڇڏيو!! ٻنهي ساڳئي وقت چالاڻو ڪيو.

سندن سيني ۾ دل کان ٿئي؛ يا جي آهي ته ٻره جي درد کان اڻ واقف! راڻي جڏن تڏن ڪري دل کي لوهه هڻي گهوڙها ڀي ويٺي ۽ همت ٻڌي راجا ڏانهن مشڪي نهاريائين. مگر ڇا اُها مرڪ هئي؟ جڏن اونده انڌڪار جا نيل ميدان ۾ ڏئي جي روشني انڌاري کي ويتر وڌائي ڇڏيندي آهي، تڏن اُن مرڪ جي روشني راڻيءَ جي دل جي اٿاه دک کي وڌيڪ روشن ڪري رهي هئي.

(٢)

جهوجهار سنگهه جي وڃڻ کانپوءِ هردول راج ڪرڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس انصاف ۽ هڏ ڏوکتا ڪري پرجا مٿس موهت ٿي پيئي. ماڻهن کان جهوجهار سنگهه وسري ويو. جهوجهار سنگهه جا دوست به هئا. دشمن به. مگر هردول هردلعزيز ٿي پيو. هُو اهڙو ڪلمک، اهڙو شان مان وارو، اهڙو مٺي ٻول وارو هو، جو جيڪو ساڻس ٻه چار ڳالهيون ڪندو هو، سو ساري عمر سندس ساراه ڪندو رهندو هو. ساري رياست ۾ اهڙو ٻيو بشر نه هو جنهنکي ساڻس ملاقات ڪرڻ ۾ ڪا مشڪلات درپيش اچي. سندس دربار جو دروازو رات ڏينهن کليل رهندو هو. اورڇا کي ٻه اهڙو سرؤ پرجا - پيارو راجا اڳ نصيب نه ٿيو هو. هُو اُدارچت هو. نياوُڪاري هو. ودِيا ۽ هنر جو قدردان. مگر سڀ کان وڏي خوبي جا منجهس هئي، سا بهادري هئي. اُهو گڻ منجهس حد درجي تي پهتل هو. اُها قوم، جنهن جي جيوت جو دارومدار تلوار تي

ڪبج. انصاف راجا جو سڀ کان زبردست هٿيار آهي. نياوَ جي پناهه هيٺ شهر ۾ ڪو به دشمن اُپڙي نه سگهندو، اگرچ هو راوڻ جي فوج يا هرناڪس جو زور وٺي اچي. مگر انصاف اُهو سچو آهي، جنهن کي پرجا به انصاف سمجهي. تنهنجو ڪم نه فقط بي رياءُ نياوُ ڪرڻ ٿيندو، مگر رعيت کي پنهنجي انصاف جو يقينو ڏيارڻو پوندو. وڌيڪ مان ڇا سمجهايانءِ. تون پاڻ سياڻو آهين."

ائين چئي راجا پنهنجي پڳڙي لاهي سندس مٿي تي رکي. هردول روئندو روئندو سندس پيرن تي ڪري پيو.

پوءِ راجا پنهنجي راڻي ڪليننا کان موڪلائڻ لاءِ رڻواس ۾ ويو. راڻيءَ دروازي تي بيٺي رنو. ڪيس ڏسندئي سندس قدمن تي ڪري پيئي. جوجهار سنگهه ڪيس اُٿاري ڇاتيءَ سان لاتوءِ ۽ چيائين "پياري! هيءُ روئڻ جو وقت ناهي. بنديلن جون استريون اهڙن موقعن تي روئنديون نه آهن. ايشور چاهيو ته تون مان وري گڏ باسون. جدائيءَ ۾ به اهڙوئي پريم قائم رکج. مون راڄ هردول کي سونپيو آهي. هو اڃا انڍ آهي. اڃا زماني جون لاهيون چاڙهيون ڪين ڏٺيون اٿس. پنهنجي صلاح سان ڪيس سهائتا ڪندي رهج."

وڇوڙي جي درد وچان راڻيءَ جي زبان بند ٿي ويئي. دل ۾ چوڻ لڳي هاءِ! چوي ٿو ته بنديلن جون استريون اهڙن موقعن تي ڪين روئنديون آهن. شايد

مان ڪک هجي سواءِ ساڻس مقابلو ڪري." اورڇا جا بهادر بنديل بانڪا اِهو مغرور پڙهو ٻڌي ڪپي باه ٿي ويا. ڍولڪ جي آواز ۽ منهن منهن راڳ جي بدلي ڀال جي گوجنا ۽ تلوار جا واجٽ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. هردول جو آکاڙو اورڇا جي مشهور لڙاڪن ۽ پهلوانن جو مرڪز هو. شام جو اتي ساري شهر جا سورما گڏ ٿيا. ڪالديو ۽ ڀالديو بنديلن جا نڪ هئا. هنن سوين ميدان ماريا هئا. اُهي ٻئي پهلوان قادرخان جي مستي لاهڻ لاءِ چونڊجي ويا.

ٻئي ڏينهن قلعي جي سامهون تلاءَ جي ڪناري تي ڪشادي ميدان ۾ اورڇا جا خاص ۽ عام، ننڍا ۽ وڏا اچي ڪٺا ٿيا. ڪهڙا ڪهڙا نه سهڻا البيلا جوان هئا، جن جي مٿن تي خوش رنگ ڪرڙيون پڳڙيون، لرڙن تي صندل جو تلڪ، اکين ۾ مردانگيءَ جي جهلڪ، ڪمرن تي آبدار خنجر. ۽ ڪهڙا ڪهڙا نه پوڙها هئا، جن جون وئيل مڇون، ساديون مگر پاسيريون پڳڙيون. ڪن سان ٻدل ڏاڙهيون. شڪل جا پوڙها، مگر دل جا جوان. عمر جي بوجي کي تيج سمجهڻ وارا. سندن مرداني حشمت ۽ تاب نوجوانن کي رشڪ تي ڏياري. هر شخص جي زبان تي سپاهگيريءَ جي ڳالهه هئي. نوجوانن تي چيو "ڏسجي ته اورڇا جي لاج رهجي اچي ٿي يا نه." مگر پوڙهن تي چيو "اورڇا جي هار نه ڪڏهن ٿي آهي ۽ نه ٿيندي." خلق جو اهو جوش

هجي، سا پنهنجي راجا جي ڪنهن وصف تي ايترو ناز ڪين ڪندي، جيترو سندس دليريءَ تي. هردول سچيءَ ويرتا جو پتلو هو ۽ بنديلي تلوار جا ٽڪا. هردول سندن دل تي راڄ ڪرڻ لڳو، جو ملڪ ۽ مال تي راڄ ڪرڻ کان ڏکيو هو. ان ريت ٻارهن مهنا گذريا. هُوڏانهن جهوجهار سنگهه دکن ۾ پنهنجي سٺي انتظام سان چؤطرف شاهي سڪو ڄمايو. هيڏانهن اورڇا ۾ هردول رعيت تي موهني منتر ڦوڪي ڇڏيو.

ڦڳڻ جو مهنو هو. گلزاريءَ ۽ سرهاڻ سان پرٿوي بهار بهار تي رهي آهي. ڦاڳڻ جا اُڪير پريا آلاپ وڇڙيل دلين کي بيتاب ڪري رهيا آهن. ربيع ٻنين ۾ سونهري فرش وڇايو آهي ۽ ويرانن ۾ وسنءَ جا رنگ رچايا آهن. آسودگي ان ڪل فصل تي، تي ڦري ۽ واندڪائي پاسي ۾ مٺيون ٻوليون ٻولي رهي آهي. اُنهن ڏينهن ۾ دهليءَ جو نامور پهلوان قادرخان اورڇا ۾ آيو. وڏا وڏا آزمودگار ويڙهاڪ سندس تلوار جي تيزي مڃي چڪا هئا. دهليءَ کان اورڇا تائين مردانگيءَ جي مستيءَ ۾ متوالا سندس سامهون آيا، مگر ڪنهن بازي نه جيتي. ساڻس لڙڻ قسمت سان نه، بلڪ موت سان لڙڻ هو ۽ هُو ڪنهن انعام اڪرام جو بکيو نه هو. جهڙو دل جو دلير هو، اهڙو ئي سپاهه جو سنو. بنهه هوليءَ ڏينهن هن دهل تي ڏنڪو هڻائي اورڇا ۾ ڍنڍورو گهمارايو ته "خدا جو شير دهليءَ جو قادرخان اچي پهتو آهي، جيڪو جان

مشڪل ڪم هو. اوچتو قادر خان "الله اڪبر" جو نعرو ماريو، گويا بادل گوڙ ڪيو ۽ اُنهيءَ گجندي ٿي ڪالديو جي سر تي بجلي ڪڙڪي!

(٣)

ڪالديو جي ڪرندي ئي بنديلن جو ضبط ويندو رهيو. هرهڪ چهرو مايوسي، غصي ۽ غم جي تصوير بڻجي ويو. هزارين آدمي جوش ۽ مستيءَ ۾ آڪاڙي طرف ڊوڙيا. مگر هردول هڪل ڪئي:- "خبردار! مٿان ڪو اڳتي وڌيو آهي." ان آواز پيرن سان زنجيرن واري ڪار ڪئي. بگڙيل انبوهه کي روڪي جڏهن هردول آڪاڙي ۾ ويو ۽ ڪالديو کي ڏٺائين، تڏهن سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو. زخمي شير زمين تي ليٽي تڙڦي رهيو هو. سندس حياتيءَ جو پيالو سندس تلوار جيان ڀڄي اڌ تي ويو هو!

ڏينهن گذريو. رات آئي. مگر بنديلن جي اکين ۾ ننڊ ڪٿي. آدمين پاسا ورائي ورائي رات ڪاٽي، شايد چيچلائيندڙ مرض ۾ مبتلا انسان به صبح جي سهائي لاءِ اهڙيءَ بي صبريءَ سان انتظار ڪين ڪندو آهي. آدمي رکي رکي آسمان طرف نهاري سندس سست رفتار تي ڀوسريا. بنديلن جي قومي غرور کي موتمار زخم لڳو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن سج اُڀريو تڏهن ٽن لکن بنديلن تلاءَ جي ڪناري تي سندس آجيان ڪئي ۽ جڏهن ڀالديو آڪاڙي ڏانهن هليو، تڏهن دلين ڌڙڪڻ لڳيون.

ڏسي هردول بلند آواز سان چئي ڏنو ”خبردار! بنديلن جي لاج رهي يا نه رهي، مگر سندس شان ۾ جئن هرگز ترجو تفاوت نه پوي. جيڪڏهن ڪنهن ڌار ين کي ائين چوڻ جو موقع ڏنو ته بنديل تلوار سان پچي نه سگهيا ۽ خالي رڳمرول ڪري وينا، ته اُهو قوم جو دشمن سمجهبو.“

سورج اُڀريو، اوچتو نقاري تي چوٽ لڳي. اميد ۽ انديشي آدمين جي دلين کي اُڇل ڏياري چمن تي پهچايو. ڪالديو ۽ قادرخان لنگوٽ ڪشي ٻن شينهن جيان آکاڙي ۾ لٿا ۽ هڪ ٻئي سان گلي مليا. پوءِ ٻنهي تلوارون ڪڍيون ۽ اٽڪي پيا. بادل جي ٻن ٽڪرن مان بجلي چمڪڻ لڳي. برابر ٽن ڪلاڪن تائين تي معلوم ٿيو ته ٻه باهه ڪيندڙ بلائون آگ جا اُلا وسائڻ ۾ مشغول آهن. هزارين آدمي چٽاپيٽي ڏسڻ ۾ محو هئا. مگر ميدان ۾ آڌي رات جو سناٽو ڇانيل هو. هان جڏهن ڪالديو ڪو هيبتناڪ هٿ تي هلايو يا جبري وار ڪان پاڻ تي بچايو تڏهن ماڻهن جا گردن خود بخود مٿي تي تي ويا. مگر ڇا مجال جو زبان مان هڪ اکر به نڪري. آکاڙي جي اندر ڪنڇاتاڻ هئي. مگر باريڪ بين لاءِ باهر ميدان ۾ زياده ڏسڻ جهڙي ڪشمڪش هئي. هر هر قومي شان جي خيال کان انساني دل جي جذبن کي روڪڻ ۽ خوشي يا رنج جي آوازن کي زبان کان باهر نه نڪرڻ ڏيڻ تلوارن جي وار بچائڻ کان به وڌيڪ

مخالفتيءَ جي هٿ ۾ تلوار نه هجي ها. مگر قادر خان کتري ڌرم جو اصول ڪين ڄاڻي. تنهن هوندي به اسان ثابت ڪيو آهي ته اسين تلوار بازيءَ ۾ سندس مٽ آهيون ۽ هينئر اسان کي باقي اهو ثابت ڪرڻو آهي ته اسانجي تلوار ۾ به اهڙوئي جوهر آهي."

ان طرح ماڻهن کي دلداري ڏيئي راجا هردول محلات ۾ ويو. راڻيءَ ڪلينتا پڇيس "ڀائي! اڄ اکاڙي جو ڪهڙو احوال آهي؟"

هردول ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو: "ساڳيو ڪالهه جهڙو."

ڪلينتا بيتاب ٿي پڇيو: "ڇا پالديو مارجي ويو؟"

"نه. مارجي ڪين ويو. مگر هار ٿي ويئي."

"ته پوءِ هينئر ڇا ڪرڻو پوندو؟"

"مان پاڻ ويچار ۾ آهيان. اڄ تاءِ اورڇا کي ڪڏهن شڪست ڏسڻي نه پيئي هئي. اسان وٽ دولت ڪانه هئي، وڏو راڄ ڪين هو، مگر سپاهگيري سڀ کان اعليٰ هئي، هينئر اسين ڪهڙي منهن سان مرڪنداسون. اورڇا ۽ بنديل قوم جي لاڄ ٿي وڃي."

"ته ڇا هينئر ڪا اميد ڪانهي؟"

هردول گنڀير ٿي دردي آواز ۾ جواب ڏنو: "اسان جي پهلوانن ۾ اهڙو ڪو ڪونهي جو قادر خان جي سامهون بيهي سگهي. پالديو جي هار بنديلن جا پير ڍرا ڪري ڇڏيا آهن. اڄ ساري شهر ۾ ماتم مچي ويو

ڪالهہ جڏهن ڪالديو آکاڙي ۾ لٿو هو، تڏهن بنديلن جو دماغ چوٽ چڙهيل هو. مگر اڄ اُهو حال نہ هو. دلين تي اُميد جي عيوض خوف غالب پئجي ويو هو. جڏهن قادرخان ڪا قاتل ڪار تي ڪئي تڏهن سندن لنؤ لنؤ ۾ ڏڪڻي پئجي تي ويئي. سورج ويو ٿي چڙهندو ۽ آدمين جي دل ويئي ٿي سسندي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونہ هو تہ پالديو پنهنجي پاءُ جي نسبت وڌيڪ قوت هو. هن ڪئين دفعا قادرخان کي تنگ ڪري ڇڏيو، مگر دهليءَ جي آزمودگار پهلوان هر بار پاڻ سنڀالي تي ورتو. چار ڪلاڪ ٻنهي دلير مڙسن جي وچ ۾ تلوار هلندي رهي. اوچتو ٺڪاءُ ٿيو ۽ پالديو جي تلوار ٻہ ٽڪرا ٿي پيئي. راجا هردول آکاڙي جي سامهون بيٺو هو. پالديو ڏانهن يڪدم تلوار اُڇلايائين! پالديو تلوار کڻڻ لاءِ جهڪيو تہ قادرخان جي تلوار سندس گردن تي لڳي. زخم سخت نہ هو، فقط هڪ گهاءُ هو. مگر اُن لڙائيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

هنڌ دل شڪست بنديل گهر ڏانهن موٽيا، جيتوڻيڪ پالديو اڃا بہ مقابلي لاءِ تيار هو ۽ بنديلي ڪنهن بہ ريت هار مڃڻ وارا ڪين هئا. مگر هردول کين سمجهايو: ”سڄڻو! اسانجي هار ان وقت ٿي، جڏهن تلوار دوکو ڏنو. جيڪڏهن اسان ماڻ ڪو قادرخان جي جڳهہ تي هجي ها تہ بي هٿيار آدميءَ تي وار ڪين ڪري ها ۽ ان وقت تاءِ همت ڪين هلائي ها جيسين

بنديلن جو شان ٻئي ڪنهن کي اهڙو پيارو آهي؟ ڪانئس وٽ ڪو پڪو ماتر ڀوميءَ جو ڀڳت ٻيو ڪير آهي؟ هن وقت سندس آگيا نوڙڻ ئي در حقيقت آگيا مڃڻ آهي. اِهو ويچار ڪري ڪلينتا تلوار آڻي هردول کي ڏني.

(۴)

صبح ٿيندي ئي اها خبر ڦهلجي ويئي ته راجا هردول قادرخان سان مقابلو ڪرڻ ٿو چاهي. ايترو ٻڌندي ئي جڻ ته هرڪنهن آدميءَ کي جنگ جو نوتو ملي ويو. ماڻهو چرڪ ڀري اٿي ويٺا ۽ چرين جيان آکاڙي طرف ڊوڙڻ لڳا. هرڪنهن ٿي چيو ته جيسين تاءِ آءٌ جيئرو آهيان تيسين تاءِ مهاراجا کي مقابلي ۾ اچڻ ڪين ڏيندس، مگر جڏهن اهي آکاڙي وٽ پهتا، تڏهن ڏٺائون ته لڙائي اڳيئي جاري ٿي ويئي هئي. بنديلن جي دل تي ان وقت جيڪي وهي گذريو، تنهن جو انيو ڪرڻ ڪٺن آهي.

ان ڪشادي ميدان ۾ جيستاءِ نظر ٿي پهتي، تيستاءِ آدمي ئي آدمي ٿي ڏٺا. مگر چوطرف صفا سانت هئي. هرڪا اک آکاڙي طرف لڳل هئي ۽ هر دل هردول کي آسيسون ڪري رهي هئي. قادرخان جي هڪ هڪ وار هزارين دلين کي ٽڪرا ٿي ڪيو ۽ هردول جي هڪ هڪ موٽ دلين ۾ خوشيءَ جون لهرون ٿي اُٿاريون. آکاڙي ۾ ٻن پهلوانن جو مقابلو هو ۽ ٻاهر اميد ۽ نا اميديءَ جو. آخر

آهي. سهسين گهرن ۾ باهه ڪين دکي آهي. ڏيئا ڪين ٻريا آهن. اسان جي ملڪ ۽ قوم جي اها چيز هنئر پوياڻ پساه کڻي رهي آهي، جنهن ۾ اسانجي عزت هئي. پالديو منهنجو اُستاد آهي. سندس هار ڪائڻ ڪان پوء منهنجو ميدان ۾ اچڻ هڪ بي ادبي جي ڳالهه آهي. مگر بنديلن جو نانءُ ناموس ٿو وڃي ته منهنجو سر به ان سان گڏ ويندو. قادرخان بيشڪ پنهنجي فن ۾ لاثاني آهي مگر اسانجو پالديو به ڪائنس گهٽ ڪونهي. قادرخان جي سوڀ فقط ان ڪري ٿي، جو سندس تلوار پڪي ۽ آبدار آهي. قادرخان جي تلوار جيڪڏهن پالديو جي هٿ ۾ هجي ها ته هو ضرور کٽي ها. اورڇا ۾ فقط هڪ تلوار آهي جا قادرخان جي تلوار جو منهن موڙي سگهندي. اُها پاڻوء واري تلوار آهي. جيڪڏهن تون اورڇا جي لڄ پت رکڻ چاهين ٿي ته اُها تلوار مونکي ڏي. اها اسانجي آخرين ڪوشش ٿيندي. جيڪڏهن ان پيري به سوڀ نه ٿي ته اورڇا جو نالو هميشه لاء ٻڏي ويندو.”

ڪلينتا سوچڻ لڳي ته تلوار ڏيان يا نه ڏيان. راجا منع ڪري ويو آهي. سندس حڪم آهي ته ڪنهن ٻئي جو مٿس پاڇو به نه پوي. ڇا اهڙي حالت ۾ آءٌ تلوار ڪڍي ڏيان ته ناراض ته ڪين ٿيندو؟ هرگز نه. جڏهن هو ٻڌندو ته مون ڪهڙي نه نازڪ وقت تلوار ڪڍي آهي، تڏهن رنج ٿيڻ بدران ڀاڻ خوش ٿيندو.

هلائڻ ۾ ب پرٻين هو. هن پنهنجي سڄي انتظام سان دکن
جي ملڪ کي سک سمپديءَ ۽ آسوديءَ سان هريو
ڀريو ڪري ڇڏيو. پوري سال کانپوءِ بادشاه کان موڪل
وٺي وطن طرف وريو. اورڇا جي يادگيري کيس هميشه
بي چين ڪري ڇڏيندي هئي. آها! اورڇا! اهو سياڳو
ڏينهن ڪڏهن ايندو، جڏهن وري تنهنجو درشن ٿيندو.
راجا منزلون ڪندو ٿي آيو. نه بک جي غرض نه پياس
جي پرواه. اورڇا ۽ اورڇا جي رهواسين جو پريم کيس
بي اختيار ڇڪيندو ٿي آيو ۽ اهڙو تيز، جو سندس ساٿي
سڀ پٺتي رهجي ويا ۽ هو تن تنها اچي اورڇا جي ٻاهران
جهنگل ۾ پهتو. ٻنپهرن جو وقت هو. ننهڻ اُس. گهوڙي
تان لهي هڪ وڻ جي هيٺان وڃي ويٺو. اتفاق سان
راجا هردول ب ان ڏينهن جي سوڀ جي خوشي ملهائڻ
لاءِ شڪار ڪرڻ نڪتو هو. سوين بنديل سردار ساڻس
گڏ هئا. فخر جي نشي ۾ جهوليندا ٿي آيا. اُنهن پرڀان
راجا جوجهار سنگهه کي اڪيلو ويٺل ڏٺو، پر پنهنجي ڌن
۾ اهڙو مگهن هئا، جو ويجهو نه ويا. سمجهيائون ته ڪو
مسافر هوندو. هردول جي اکين ب دوکو کاڌو. هو ب
گهوڙي کي ڪڏائيندو جوجهار سنگهه جي سامهون آيو ۽
کانئس پڇڻ ٿي ته تون ڪير آهين، ته ڏٺائين ته هيءَ ته
ڀائو آهي. سڃاڻندي ئي گهوڙي تان ٽپو ڏيئي لٿو ۽
سندس چرن چميائين. راجا ب اُٿي هردول کي گلي
لاتو. مگر اُن سيني ۾ هنئڙ پراڻا ڀاوُ نه هو. پريم جي جڳهه

گهڙيال ڏهه وڄايا. گڏوگڏ هردول "هرهر مهاديو" جي گرجنا ڪئي ۽ پسمرڪنڊڙ بجليءَ قادرخان جي سر تي ڪڙڪي! اهو ڏسي بنديلي سورمن جي جوش ۾ باهه ولا تي ويا. ڪنهن کي ڪنهن جي سڌ نه رهي. ڪي هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي تي گڏيا. ڪن ٽپا ڏنا. ڪن جهمر تي ماري. ڪن همبوشيون تي هنيون. هزارين آدمين کي جوشيلي خوشي ورتي ويئي. تلوارون ازخود مياڻن مان نڪري آيون ۽ ممڪن هو ته خوشيءَ جي مستيءَ ۾ پاڻ ۾ اٽڪي پون ته راجا هردل آڪاڙي کان ٻاهر آيو ۽ بنديلن کي تيز نگاه سان ڏنائين، ته پل ڇن ۾ سندن هوش ٺڪاڻي آيو. تلوارون مياڻن ۾ لڪيون ۽ زبانون چپن اندر. خيال آيو:- هيءَ خوشي ڪهڙي ڪارڻ؟ هيءَ مڇلائيءَ جي اُتل ڇالاءِ؟ هيءَ مستي ڪهڙي سبب؟ بنديلن لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي. ان خيال تي آدمين جا چوهه ڇٽي ويو.

هردول جي ان جانبازيءَ هر بنديل جي دل ۾ ڪيس شرڌا ۽ پريم جي اُن اوچي سنگهاسن تي براجمان ڪيو، جتي انصاف ۽ پرگهور جي هزارن هيلن سان به پهچڻ مشڪل هو. هو اڳيئي هردلعزيز هو. هينئر ته پنهنجي قوم جو پوڄنيه سرومڻي ۽ بنديل بهاديءَ جو ناز بڻجي پيو.

(۵)

راجا جوجهار سنگهه ڏکڻ ۾ ڏاڪو ڄمايو. هوءَ نه رڳو رڻ ڀوميءَ ۾ سورهيه سيناپتي هو، مگر راج جي ڪاروبار

سندس ساهہ سڪي ويو ۽ جان ٿي ٽال تـي نظر پيس
تان ٿي سندس ڪليجو ڪنبي ويو. زمين پيرن هيٺان
کسڪي ويئي. هن اُيو ساهہ پوري دل ۾ چيو ”پرماتما!
راتوڪي رات سک سان گذارج. مونکي آثار چڱا نظر
نہ ٿا اچن.“

(٦)

راجا جوجهار سنگهہ سيج محل ۾ ليٽيو. داسيءَ راڻيءَ
کي سينگار ڪرايو ۽ مشڪي چيائين ”سڀاڻي مهاراجا
کان هنجو انعام وٺنديس.“ اِئين چئي هوءَ هلي ويئي.
مگر ڪليننا اتي ئي ويٺي رهي. هوءَ ڳوڙهي ويچار ۾
غرق هئي. سندس سامهون کهڙو منهن وٺي وڃان؟
داسيءَ ناحق مونکي سينگار ڪرايو. چا ڀلا هو هيءُ
هار سينگار ڏسي خوش ٿيندو. مون کان هنوقت خطا
ٿي ويئي آهي. آءٌ اپراڌڻ آهيان. هن وقت سينگار
ڪري سندس اڳيان وڃڻ ڪين سڀائي. اڄ نہ مونکي
ٻکارڻيءَ جي ويس ۾ وڃڻ جڳائي. آءٌ کانئس ڪميا دان
منگنديس. هن وقت اِئين ئي مناسب آهي. اِهو ويچار
ڪري راڻي وڏي آدميءَ جي قد جيڏيءَ درسنيءَ
اڳيان ٿي بيٺي. هوءَ اپڇرا ٿي معلوم ٿي. هن ڪيترين ئي
سوڀياوان صورتون ڏٺيون هيون، مگر انوقت درسنيءَ
واري صورت سڀ کان سهڻي ٿـي نظر آئي. سوڀيا ۽
خود پسنديءَ جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي. ميندي رنگ ڏيڻ
کانسواءِ نہ رهي سگهندي. ٿوريءَ دير لاءِ ڪليننا سونهن

حسد ورتي هئي ۽ صرف اُن ڪري جو هردول پريان ئي پيرين پيادو نہ آيو ۽ سندس سوارن دور کان ئي ادب سان ڪنڌ نہ نوايو.

سڄ لهڻ تي هو تہ بئي اورڇا ۾ پهتا. راجا جي موٽي اچڻ جو حال معلوم ٿيو تہ شادمانا ٿيڻ لڳا. جابجا خوشيءَ جون محفلون لڳي ويون ۽ ڏسندي ڏسندي سارو شهر ڏيئن جي جهرمر سان ڀڪڪڻ لڳو. اڄ راڻي ڪلينتا پنهنجي هٿن سان ڀوڄن ٺاهيو. نو لڳا هوندا. داسيءَ اچي چيو "مهاراج! ڀوڄن تيار آهي."

بئي ڀائر کانو کائڻ ويا. سوني ٿالهہ ۾ راجا لاءِ کانو پروسيو ويو ۽ چانديءَ جي ٿال ۾ هردول لاءِ. ڪلينتا خود ڀوڄن ٺاهيو هو. پاڻ ٿال پرسيا هئا ۽ پاڻ ئي کڻي آئي هئي. مگر خوشيءَ جو نشو چڙهيو يا قسمت جو ليکو، جو هن پل ۾ سون جو ٿالهہ هردول جي اڳيان رکيو ۽ چانديءَ جو ٿالهہ راجا اڳيان. هردول جي اوڏانهن تہ نگاهہ بہ ڪانہ ويئي. مگر جوجهار سنگهہ کامي پچي ويو. زبان مان تہ ڪين ڪڇيائين. مگر رخ بدلجي ويو. منهن لال ٿي ويو. راڻيءَ طرف گهور ڪري نهاريائين ۽ کانو کائڻ لڳو. مگر اُنوقت هڪ هڪ گره زهر ٿي لڳس. ٻہ چار گره کڻي اُٿيو. راڻي سندس رخ ڏسي هيسجي ويئي. اڄ کهڙي نہ پريم سان ڀوڄن ٺاهيو هئائين. ڪيتري نہ انتظار ڪانپوءِ هيءُ شڀ ڏينهن آيو هو. سندس آنند جو ڪو پار ڪونہ هو. مگر راجا جو بدليل رخ ڏسي

ڏڙڪڻ لڳي. ٽنگ لڳ ڏڪڻ لڳو. راجا چيو "ڪير!
ڪلينتا آهين؟ اندر ڇو نه ٿي اچين؟" ڪلينتا دل
ڏاڍي ڪري چيو "ڪٿي اچان. مان پنهنجي جڳهه
تي ڪروڌ کي ويٺل ٿي ڏسان."

راجا طعنو هڻي چيو "انهن ڇو نه ٿي چوين ته دل
گنهگار آهي، ان ڪري اکيون ملائڻ نٿي ڏئي."

راڻيءَ عاجزي سان وراڻي ڏني "بيشڪ مونکان خطا
ٿي آهي. مگر هڪ ابلا اوهان کان ڪهڙا دان ٿي گهري."

"اُن جو پراشچت ڪرڻو پوندو."

"ڪهڙيءَ طرح؟"

"هردول جي خون سان."

ڪلينتا ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏڪي ويئي. چيائين
"ڇا ان ڪري جو اڄ منهنجي پل کان پوڄن جا ٿال
بدلجي ويا؟"

"نه. اُن ڪري جو هردول تنهنجي پريم کي
بدلائي ڇڏيو آهي." جنهن باهه جي پنيت پرلوه لال ٿي
ويندو آهي تنهن راڻيءَ جو منهن ٽامڻي هڻي ويو. ڪا
گهڙي نه انهن ٿي محسوس ٿيس ته ڄڻ دل ۽ دماغ
ڪباب ٿا ٿين. مگر هن پاڻ سموري آتمڪ بل سان
سنڀالي ڌيرج سان جواب ڏنو "مان هردول کي پنهنجو
بالڪ ۽ ڀاءُ ٿي سمجهان."

راجا اُٿي بيٺو. گهائيندڙ نوع ۾ چيائين "نه. هردول
ٻار ناهي. ٻار نه مان آهيان، جنهن تو تي وشواس رکيو.

جي نشي ۾ ڦولي نہ سمائي. هوءَ چيلهہ کي هٿ ڏيئي،
اکہ پاسيري ڪري ويٺي. چوندا آهن تہ حسن جادو
آهي ۽ اهو جادو، جنهن لاءِ ڪو علاج ڪونهي. دين ۽
ايمان، جان ۽ جهان سڀ حسن تي فدا آهن. ڇا منهنجي
سونهن ۾ ايتري بہ شڪتي ڪانهي جو مهاراجا کان
منهنجي خطا معاف ڪرائي سگهي؟ هيءُ ٻانهون، جنهن
وقت سندس گلي جو هار ٿينديون، ۽ هي اکيون جنهن
وقت پريم جي نشي ۾ مخمور ٿي ڏانهس نهارينديون
۽ هيءُ چانڊوڻي - ڇهرو جنهن وقت چڪور جي اکيان
چمڪندو، ڇا تنهن وقت سندس ڪاوڙ لهي نہ ويندي؟
مگر خيالن وري پلٽو کاڌو. آه! مان هيءُ ڪهڙو خواب
ڏسي رهي آهيان؟ پر تہ بہ دل ۾ اهڙيون ڳالهيون اچي
چو ٿيون. آءٌ سندري آهيان يا سانوري، سندس ئي
داسي آهيان. مون کان قصور ٿيو آهي. ڪانئس کميا گهرڻ
گهرجي. هيءُ هار سينگار هن وقت بي موقع آهي. اهو
ويچار ڪري راڻيءَ سڀ زيور لاٿا. ماڪ جي رنگ
جي عطر ڇٽڪايل ساڙهي بدلائي، موتين جا هار لاهي
ڇڏيا. خوب اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. هاءِ! هيءُ
ميلاپ جي رات آهي؟ وڇوڙي جي رات کان بہ
وڌيڪ دردي!!

بڪارڻيءَ جو ويس بڻائي راڻي سيج محل ڏانهن
هلي. قدم اڳتي تي وڌيا، مگر دل پٺتي رهندي ٿي
ويئي. دروازي تاءِ آئي تہ سندس پير جمي ويا. دل

راڻيءَ ڏڪار جي نگاهه سان ٻان جي ٻيڙيءَ کي ڏٺو ۽ ٻويان ٻير ڪري موٽي ويئي.

(٧)

راڻي سوچڻ لڳي ته هينئر مان ڇا ڪريان؟ ڇا هردول جي جان وٺان؟ بيگناهه، نيڪ ۽ اشراف هردول جي خون سان پنهنجا هٿ رڱيان، جو مونکي ڀيڻ سمجهندو آهي. اهو پاپ ڪنهن جي سر تي پوندو؟ ڇا هڪ بيگناهه جو خون ٻارڻ کين ٻاريندو؟ آهه! بدنصيب ڪليمنتا! توکي اڄ پنهنجي سيل سَت جي ثابتي ڏيڻ جي ضرورت پيئي آهي ۽ اهـا به ڪئن!! نه مونکان اهو پاپ نه ٿيندو. جيڪڏهن هو مونکي بيوفا ٿو سمجهي ته ڀل سمجهي. جيڪڏهن کيس مون ۾ شڪ آهي ته ڀل هجي. مگر مونکان اهو پاپ نه ٿيندو. نيٺ به راجا کي اهو بدگمان ڪئن جاڳيو؟ ڇا فقط ٿالن جي بدل سدل ڪري؟ نه. ضرور ٻي ڪا ڳالهه ٿي آهي. اڄ هردول کيس شڪارگاهه ۾ گڏيو هو. راجا سندس ڪمر ۾ پاڻ واري تلوار بدل ڏٺي هوندي. ڪهڙو عجب آهي ته هردول کان ڪا بي ادبي ٿي ويئي هجي. مگر منهنجو ڏوهه ڪهڙو؟ مونتي ڇو اهڙو ڀاري دوش ڌريو ٿو وڃي؟ فقط ٿالن جي بدلجڻ ڪري! اي دک ڀنڃن! مان ڪنهن سان پنهنجو دک اوريان. تون ئي منهنجو ساکي ۽ ڄاڻي جاڻڻهار آهين. ڪجهه به ٿي پوي، مگر مونکان اهو پاپ نه ٿيندو، نه ٿيندو.

ڪلينتا ! مون کي تو مان اهڙي اميد نہ هئي. مون کي تو تي گھمنڊ هو. آءٌ سمجھندو هوس تہ هماچل جبل پنهنجي جاءِ ڦيرائي سگھي ٿو، مگر تنهنجي دل نہ ڦرندي. ليڪن اڄ مونکي معلوم ٿيو تہ اها منهنجي ناداني هئي سراسر نادانِي. وڏن سچ چيو آهي تہ استريءَ جي دل پاڻيءَ جي ڌارا آهي؛ جيڏانهن لاهي اچيس تيڏانهن وهي وڃي."

لوهہ حد درجي تي گرم ٿي پگھربو آهي. ڪلينتا روئڻ لڳي. جڏهن آواز قابو ۾ آيو، تڏهن چيائين "مان اوهانجي اُن شڪ کي ڪئن مٽايان؟"

"هردول جي خون سان."

راڻي سڏڪا ڀريندي پڇيو "منهنجي خون سان اهو داغ نہ مٽندو؟"

"تنهنجي خون سان ويتر پختو ٿيندو."

"ٻي ڪا بہ تدبير ڪانهي؟"

"نہ."

"اِهو اوهانجو آخرين فيصلو آهي؟"

"هان. بلڪل آخرين. ڏس هن خاصدان ۾ پان جو بيڙو رکيو آهي. تنهنجي ستيا جي اِها ثابتي آهي تہ تون اُهو پنهنجي هٿن سان هردول کي کاراءِ. منهنجي دل مان شڪ ان وقت نڪرندو، جڏهن هن گھر مان هردول جو لاش نڪرندو."

پوندو. نه رڳو پر اينترو پاپ ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪلڻو خوش رهڻو پوندو. جيڪڏهن تنهنجي طبيعت سالم نه رهي، جيڪڏهن تنهنجو چهرو مايوس ٿيو، ته اهو مهاپاپ ڪرڻ بعد به لوڪا بدگماني جهڙي لاٿي تهڙي نه لاٿي. تنهنجي دل تي ڪي به ڦهي گذري، توکي اهو پاپ ڪرڻو پوندو.

مگر ڪير پڇندو؟ ڇا مان هردول کي قتل ڪنديس؟ اهو سوچ ڪندي ئي راڻيءَ جي تن بدن ۾ ڏڪڻي پئجي ويئي. نه! ماءُ پٽ کي ڪيئن هٿن سان ماريندي؟ منهنجو همت ٿوري نه ڪڇندو. پيارا هردول آءٌ توکي زهر ڪارائي نه ٿي سگهان. آءٌ ڄاڻان ٿي ته تون مون خاطر شوق سان زهر جو پيڙو کائي ويندين. هان آءٌ ڄاڻان ٿي ته تون انڪار نه ڪندين - هبڪندين هٽڪندين نه. چون چران نه ڪندين. مگر مونکان اهو پاپ نه ٿيندو. هڪبار نه، هزار بار نه ٿي سگهندو!

(٨)

هردول کي اُن معاملي جي ڪا خبر ڪا نه رهي آڌيءَ رات جي وقت پنهنجا داسي روئندي وٽس ويئي ۽ کيس سڀ حال حرف بحرف ڏنائين. هوءَ پان ايلاچي ڪٺي راڻيءَ جي پنيان پنيان سيج محل جي دروازي تائين ويئي هئي ۽ سڀ ڳالهيون ٻڌي آئي هئي. هردول راجا جو رخ ڏسي پهريائين ٻرڪي ويو ته سندس دل ۾ ڪو نه ڪو ڪنڊو چڀي رهيو آهي. پنهنجا جي ڳالهين

راڻيءَ وري ويچار ڪيو: راجا! ڇا تنهنجي دل اهڙي نندي، اهڙي شڪي آهي؟ تون مونکي پنهنجي ڀاءُ جي جان وٺڻ لاءِ ٿو چوين. جيڪڏهن تون سندس اختياري ۽ حشمت ڏسي نه ٿو سگهين ته صاف صاف ائين ڇو نه ٿو چوين. ڇو مردن جيان کليو کلايو سامهون نه ٿو لڙين؟ ڇو پاڻ کيس قتل نه ٿو ڪرين؟ مونکي ڇو اهو ڪم ڪرڻ لاءِ ٿو چوين جو پاڻ خوب ڄاڻين. اُهو ڪين ڪري سگهنديس. جيڪڏهن تنهنجو ڀڄي تون مان ڪنڪ ٿي پيو آهين، جيڪڏهن مان جان موجنجال تي پيئي آهيان ته مونکي ڪاشي يا مٿرا موڪلي ڏيو. آءٌ خوشيءَ سان هلي وينديس. مگر پرماتما جي نالي مونتي اهڙو مهاد وش نه ڏريو. تون منهنجو مالڪ آهين. بيشڪ بيوفا سمجهه. مگر آءٌ هاڻي جيئري ڇا لاءِ رهان؟ مون لاءِ جيوت ۾ ڪو سک ڪونهي، منهنجو مرڻ ئي موچارو آهي. آءٌ پاڻ پراڻ ڏينديس، مگر مونکان اهو پاپ نه ٿيندو.

ڄيالن وري پلٽو کاڌو. ڪلينتا! توکي اِهو پاپ ڪرڻو پوندو. اُنکان وڏو پاپ شايد اڄ تائين دنيا ۾ نه ٿيو آهي. مگر توکي اِهو پاپ ڪرڻو پوندو. تنهنجي پتوورتا ڌرم ۾ شڪ آندو ٿو وڃي ۽ توکي اِهو شڪ لوڙڻ ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن تنهنجي جان خطري ۾ هجي ها، ته فڪر ڪو نه هو. تون پنهنجي جان ڏيئي هردول کي بچائي سگهين ها. مگر هينئر تنهنجو پتي ورت ڪسوٽيءَ تي آهي. اُن ڪري توکي اِهو پاپ ڪرڻو

ڪي ڌڪار ۽ ذلت جو نشان ٻڌايان ٿو. اها منهنجي بي حيائي ٿيندي. هن قرباني ڪرڻ لاءِ ڳڻ ٽور ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. آءٌ خوشيءَ سان زهر جو پيڙو ڪائيندس. اُن ڪان وڌيڪ مبارڪ موت ٻيو ڪهڙو ٿي سگهندو. غصي ۽ دشمنيءَ جي جولان ۾، دلاوريءَ ۽ ناموس جي ڏُن ۾، نقاري جي ٻڙڪائيندڙ چوٽن تي ۽ بگل باجن جي جوشيلن آلاپن تي جوش ۾ اچي جان ڏيڻ ڪو مشڪل ڪم ڪونهي. شان ۽ مانَ سانگي، سيل ۽ ستيا جي صدقي سر ڏيڻ سچي سورمتا آهي.

ٻئي ڏينهن هردول سويل صبح جو اشنان ڪيو. بدن تي هٿيار ڪشيا. نهي نڪي مشڪندو راجا اڳيان آيو. راجا ننڊ مان تازو اٿيو هو. ڪَر تي پڳائين. سندس ننڊاڪريون اکيون هردول جي طرف لڳل هيون. راجا ڪڏهن سندس منهن ڏانهن تي ڏنو، ڪڏهن پان ڏانهن. شايد خيال اُن وِهم جي ٻيڙي ۽ ان تصوير ۾ ڪو لاڳاپو پيدا ڪري ڇڏيو هو. ان وقت جو هردول اوچتو ڪمري ۾ داخل ٿيو ته، راجا ڇرڪ ڀريو ۽ سنڀالي پڇيائينس: ”هن وقت ڪيڏانهن تو وڃين؟“

هردول جو چهرو ڦڪيو ٿي، ڇاڪاڻ ته منهن دل جي درسني آهي. ڪلي چيائين ”اوهان راجڌانيءَ ۾ وري پير گهمايا آهن. ان جي واڌائيءَ ۾ اڄ اسين شڪار ڪيڏڻ ٿا وڃون. ايشور اوهان کي اجيت بڻايو آهي.

ڪيس پڪ ڏياري. هردول داسيءَ کي سخت تاڪيد ڪيو تہ جئن ٻئي ڪنهن جي بہ ڪن تائين اُن ڳالهہ جي سڌس بہ نہ پوي ۽ پاڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

هردول بنديل بهادريءَ جو سورج ۽ بنديل قوم جو فخر هو. سندس اک جي اشاري تي ٿي لک سورما مرڻ مارڻ لاءِ گڏ ٿي سگهيا ٿي. اورڇا مٿس ٻلهار ٻلهار ٿي ويو. جيڪڏهن جوجهار سنگهہ ڪلهي ميدان ۾ سندس مقابلو ڪري ها تہ يقيناً وري نہ اُٿي ها، ڇاڪاڻ تہ هردول بہ بنديل هو ۽ بنديل پنهنجي دشمن سان ڪنهن طرح جي چڏ ڇوٽ مناسب ڪين ڄاڻن. مرڻ مارڻ سندن زندگيءَ جو دلچسپ شغل آهي. مگر اُن وقت هڪ ابلا کي سندس خون جي ضرورت هئي ۽ مرداني شانائتي غيرت اِن لاءِ گهر ڪري رهي هئي. جيڪڏهن پاڻوءَ کي اِهو شڪ پوي ها تہ آءٌ سندس خون جو پياسي آهيان ۽ ڪيس ماري راڄ تي قبضو ڪرڻ ٿو چاهيان تہ ڪو فڪر ڪو نہ هو. راڄ لاءِ قتل ۽ خون، دغا فريب واجب سمجهيا ٿا وڃن. مگر سندس هن نازڪ گمان جو جواب منهنجي موت کانسواءِ ٻيو ڪو ٿي نہ ٿو سگهي. هن وقت منهنجو اِهو فرض آهي، تہ مان پنهنجي جان ڏيئي سندس شڪ لاهيان. سندس دل ۾ اهڙو خوفناڪ، اهڙو قاتل شڪ پيدا ڪري بہ جيڪڏهن مان جيئرو رهان ۽ پوترتا کان بہ وڌيڪ پوتر ڪليننا

جوجهار سنگهه پنهنجي جڳهه تان ذرو به نه چريو.
سندس ڇهري تي بي قياس مرڪ هئي، مگر اکين ۾
آنسو. روشنيءَ ۾ اونداهيءَ جو ميلاپ ٿي ويو.

نوٽ:- بنديل کنڊ راجپوتانا جو ڀاڱو آهي. اتي ڳوٺ ڳوٺ ۾ هردول جو چبوترو آهي. وهانءَ ۾ ٻين اهڙن شڀ موقعن تي استريون سينگار ڪري انهن چبوترن تي اينديون آهن ۽ هردول تي پوڄا جا گل ۽ شوڊا جو پرشاد چاڙهينديون آهن. جيسين تائين سهاڳ جي چانورن ۽ سهاڳ جي مينديءَ مان هردول کي حصو نه ملي تيسين شاديءَ جي رسم پوري سمجهي نه ويندي آهي. بنديل کنڊ جو ٻار ٻار ان چبوتري جو ڏس ڏيئي سگهندو. سندس ساراه ۾ ڪوتائون رچيل آهن. سندس داستان اڄ به غيرتمند دلين ۾ دلاوريءَ ۽ جانبازيءَ جو جوش پيدا ڪندو آهي ۽ انيڪ استريون ان مان عبرت جو سبق سکنديون آهن.

مونکي پنهنجي هٿن سان سوپ جو بيڙو ڏيو." ائين چئي، هردول جاري مان خاصدان کنيو ۽ اهو راجا جي اڳيان رکي بيڙو وٺڻ لاءِ هٿ ڌگهيريو. هردول جو منوهر منهن ڏسي راجا جي حسد جي باهه وڌيڪ ڀڙڪي. دل ۾ چوڻ لڳو: "ظالم! منهنجي زخم تي لوڻ ٻرڪڻ آيو آهين. منهنجي سک ۽ عزت کي تباهه ڪري اڃا توکي ڍؤ ڪين ٿيو. مون کان تو سوپ جو بيڙو گهرئين. هان وٺ هي سوپ جو بيڙو. مگر منهنجي سوپ جو ۽ تنهنجي موت جو. اهو ويچار ڪري جوجهار سنگهه بيڙو هٿ ۾ کنيو. هڪ پل تائين ڪجهه ويچاريندو رهيو. پوءِ مشڪندي هردول کي بيڙو ڏنائين. هردول ڪنڌ جهڪائي بيڙو ورتو. مستڪ تي چاڙهيائين. هڪ ڀيرو حسرتناڪ نگاهن سان در ۽ ديوار کي ڏنائين. بيڙو وات ۾ وڌائين. هڪ سچي راجپوت مرداني شان ۽ غيرت جو حق ادا ڪيو. مرداني جانبازي اُن کان بهتر تحسين جوڳي مشڪل نظر آئي.

زهر قاتل هو. ترت ئي مان لنگهندي ئي هردول جي چهري تي زردي ڇانئجي ويئي. اکين جي چمڪ ويندي رهي. هن هڪ تڏو ساهه پريو. ٻئي هٿ جوڙي پرنام ڪيائين ۽ زمين تي ليٽي پيو. سندس پيشانيءَ تي پگهر جا وڏا وڏا ڦڙا نظر اچڻ لڳا. ساهه ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳو، مگر منهن تي نوراني جهلڪ هئي.

وقت ڏاڍي چورا ڪورا. سندس رستو ٻن جنگي قومن مالوئن ۽ ڪادرڪن جي وچ مان هو، جي ٻنهي نديـن جي جدا جدا ڪنارن تي رهندا هئا. مبادا اُهي لشڪر سان ڪُونس ڪن ۽ موٽڻ ۾ اڙچڻ وجهن، اُن ڪري سڪندر کين دٻائڻ چاهيو. موقعو ٻـم سٺو هو. ٻنهي قومن جي وچ ۾ پيڙهه بپيڙهه دشمني هلندي ٿي آئي ۽ هميشه سندن وچ ۾ جنگ و جدل جاري هئي. اُنهن ويڙهاڪ قومن کي ڪو راجا ڪونه هو. پنچات اُنهن لاءِ قاعدا قانون جوڙيندي هئي ۽ ڪاروباري جماعت جي وسيلي حڪمراني هلندي هئي. اِپيسلي بيدار مغز براهمڻ مالون جو مهندار هو ۽ پڻ ڪ براهمڻ ڪادرڪن جو.

جڏهن زورآور ڌاريئي دشمن اچي سندن در تي دڳ ڪوڙي، تڏهن هنن به مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ چاهيو، مگر اڪيلو لڙڻ سان سوڀ ناممڪن هئي. ٻنهي قومن اها ڳالهه محسوس ڪئي. اِپيسلي ٻهرين ڳالهه چوري. هن ڪادرڪن ڏانهن نياپو موڪليو:- ”پنجاب جا گهڻو ڪري سڀ راجائون ڌاريو ڳت ڳچيءَ ۾ وجهي ويٺا آهن. مالون کي ان ڪان غيرت آهي. اميد ته ڪادرڪ به پنهنجي کين پوندا.“

موٽ ۾ اهڙوئي شاندار جواب آيو:- ”ڪادرڪ لڙائي کان ڀڄڻ وارا ڪين آهن. مالون کي اهو چڱي طرح معلوم آهي. هو مرندا مري ويندا، مگر خود مختياري ڪين ڇڏيندا.“ سو ساڳي سبب کين ملائي

پورڻ ڳڻ

يونان جي تاريخ جا وسريل ورق

عيسوي سن کان ٣٢٧ سال اڳ، جي ڳالهہ آهي. سڪندر اعظم ساريءَ دنيا تي پنهنجو ڌاڪو ڄمائي هندستان فتح ڪندو ٿي ويو، تان جو مگڌ ديش (بهار) جي زبردست سلطنت وٽ سندس فوجون جنگين مان ڪڪ ٿي اڳتي وڌڻ کان ڦڙ ڪيدي بيٺيون. سندس فتح جي شان ۾ ٻارهن يادگار جوڙايا ويا ۽ لشڪر کي پنهنجي موٽڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا. موٽندي شاهي لشڪر جو گهڻو حصو ملتان کان مٿيرو (راوي ۽ چناب جي ميلاپ وٽان) سنڌو لڏي رستي روانو ٿيو ۽ باقي حصو سندس پاسن جي بچاءُ لاءِ پيادل ندين جو ڪنارو وٺي هليو. تن ڏينهن ۾ پنجاب ۾ راڄنيتي جاڳرتا ڪانہ هئي. پنجاب جو شير پورس يوناني سياستي چالبازيءَ جي چنبي ۾ اچي ويو. آسٽي ٽئڪسلا جو راجا سڪندر جو وفادار گولو بڻجي چڪو هو. تنهن هوندي بہ ڪيس موٽڻ

ڏيکاريو! سڪندر حيران ٿي پنهنجي ڪمانيءَ کي چيو ”جيڪي چندرگپت براهمڻن بابت چيو هو، سو سچ نڪتو. اهڙو شادين - وارو - صلح اچ تائين دنيا ۾ نه ڏٺو نه ٻڌو!“

”جيءُ - جيئندا قبلا! هن ملڪ ۾ هرڪا شيءِ عجيب غريب آهي. بادشاهت بادشاه کان سواءِ! اسين ٻه روءِ زمين لتاڙي آيا آهيون، مگر اهڙا ماڻهو ڪونه ڏٺا هئاسين - سنيرون. اُهي سهڻا، ڪشاده پيشانين ۽ ٻهڪندڙ اکين وارا انسان ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکارڻ وارا آهن. اُهي بي نظير آهن .... ڪمانيءَ کي اڌ ۾ پاڻ روڪڻو پيو. يونان جي لاثاني جنگي جوڌي ۽ دنيا جي مغرور شهنشاه جي اکين مان زخمي فخر جا تڪا تير ٿي چڪيا، جي وري ڦيرو کائي زبان مان ظاهر ٿيا:- ”اُن ڪري ئي آءٌ ان قوم کي جيتڻ ٿو چاهيان.“

”مگر حضور! لڙائين ۾ ٿڪل لشڪر بي دليو ٿي پيو آهي.“

”چا“ سڪندر گجگوڙ ڪري چيو ”جي ائين آهي ته آءٌ جهازن جو سارو غراب سنڌو نديءَ ۾ ٻوڙائي ڇڏيندس ۽ مئڪبونيا تائين ڪو ڪونه پهچندو“......

بي اختيار غصي سندس آواز اوچتو روڪي ڇڏيو. گهڙي رکي چوڻ لڳو ”نيرڪس! تون ڀانئين ٿو ته آءٌ لشڪر جي هٿ ۾ فقط کيڏوڻو ٿيان؟“ ائين چئي

هڪ ڪيو. سندن پنڇاتيون دوستيءَ جو بنياد رتي ڀارڻ لاءِ ڪنيون ٿيون. مگر معاملو مشڪل هو. ورهين جي وير وروڌ هوندي هڪ ٻئي ۾ ويساهه ڪئن جمي؟ هر ڪنهن کي اندر ۾ اِهو انديشو هو، تہ متان ٻيو ڌر نازڪ وقت تي دوکو ڏئي، جيترو ٺيڪ ٻاهران ڪنهن اِها ڳالهہ ڪين ٿي ڀاقي. نيٺ اپيسليءَ ڳالهہ ڇنڊي چاٽي ڀاري. هن رٿ ڏني تہ ٻئي قومون هڪ ٻئي ۾ مائٽيون ڪن ۽ جيڪي پرڻجڻ جيڏا جوڙا هجن، تن جي شادي ڪئي وڃي. اعتبار لاءِ اِها پڪي ضمانت ٿيندي. ڪير چاهيندو تہ ٻيءَ ڌر سان ويساهه گهاتي ڪري پنهنجا جان جگر مارايان. پنڇاتن اها عجيب غريب رٿ خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ اُن تي تڙت عمل ڪيو. لاشڪ اِها مدبرائيءَ جي افلاطوني تجويز هئي. ٻيو ڪو بہ بهتر اُپاءُ ڪونہ هو. ان ۾ شتابي ناهه ڪانسواءِ آئينده جي پڪي پرچاءَ جون پڻ وڏيون اُميدون هيون، ۽ ٻن ويڙهاڪ قومن جو ملي هڪ زبردست قوم ٿيڻ جو آسرو هو.

راويءَ جي لڙ- لهرين تي جنگي جهاز ترندا ٿي ويا. سڪندر کي هندستانين جي اَجيت همت ۽ ويڙهاڪ طبيعت جا چڱا هٿ لڳل هئا، مگر راجنيتي وديا ۾ هوُ ڪين گهٽ سمجهندو هو. اُن ڪري هن جڏهن ان عبرت انگيز عهدنامي بنسبت ٻڌو، تڏهن سندس عقل چرخ تي ويو. روشن دماغ براهمڻ چاچا نہ ڪري

ڪنديون هيون . اويل سويل لاءِ زنانيون پلٽڻيون راجائن جي سر جي راکن (Body Guard) طور رکڻ ۾ ايند يون هيون .

اپيسلي ، شهر جي پاسيري چيڙي تي هڪ ننڍيءَ مگر عمديءَ ڪاٺ جي جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو . چانڊوڪين راتين جي پوئين پهر ، لهندڙ چندرما جي جهڪيءَ سهائيءَ ۾ اُها جهوپڙي ائين نظر ايندي هئي ، جڻ سنيما ۾ ڪا سهڻي تصوير . دور دور ڏرتيءَ آسمان جي گهيري جي ملاوٽ وٽ شفق جو شعاع ويو ٿي وڌندو ، جنهن روز روشن جي راجيسر جي اچڻ جو اشارو ٿي ڏنو . اهڙي سهاوڻي سمي ، اُن ڪٽيا جي چوڌاري زنانئي ۽ سهڻي چمن ۾ پورڻ گڻ گل چني رهي هئي . جڏهن هن پنهنجون نرم نرم آڱريون تي وڌايون ، تڏهن ٿارين قرب مان ڪنڌ ٿي نوايو ۽ خوشيءَ سان قسمين خوشبودار گلن جون سوکڙيون ٿي ڏنيون ، جي هوءَ خوش نگه ٽوڪريءَ ۾ وجهندي ٿي ويئي . سندس هنس جهڙي پنيءَ تي ڊگها ڊگها وار ڪمر کان هيٺ تي لٽڪيا ۽ ڪير جهڙيءَ اڇيءَ ساڙهيءَ تي لڏي لاڏ ڪري رهيا هئا . ڳلن گلابي گلن کي ٿي شرمايو . نازڪ بدن نرم ڦولن کي ٿي لڄايو . پورڻ گڻ پنهنجي منيءَ ۽ معصوم موج ۾ مگهن هئي . اچانڪ هن ڏٺو ته سندس پلو ٿاريءَ جي ڪنڊن ۾ اٽڪي پيو هو . هڪ هٿ ۾ ٽوڪري هيس ، ٻئي سان پهچ ڇڏائڻ

هن حڪم ڏنو تہ تازي پرتي جيڪا مقدونيا مان اچي پهتي آهي، سا تيار ٿئي. سڪندر پاڻ سپهہ سالار بڻجي روانو ٿي ويو ۽ ڪپتان کي حڪم ڏنائين ويو تہ منهنجي اچڻ کان اڳ قدم بہ اڳتي نہ وڌجو. ڪمائي ٽالمي ۽ راجا آستي ساڻس گڏ ويا.

(٢)

اپيسلي مالون جو مهندار، وديا ۾ پربين ۽ عقل جو اڪابر هو. منجهس حڪمراني ۽ مدبري جون سڀ وصفون موجود هيون. پنچات ۾ سندس رايو سڀ کان وڌيڪ وزنائتو هو. اهڙي انسان لاءِ مايا اڪيچار، مگر هو سچي براهمڻ جي جيوت گذاريندو هو. سادي سودي مگر اعليٰ آدرشي رهڻيءَ وارو شخص هو. ٻهراڻ استريءَ جي چالاڪي ڪانوءَ وري ڪين پرڻيو. کيس فقط هڪ نياڻي هئي جنهن جو نالو پورڻ گڙهه هو. هن ڌيءَ کي عمدي سالم وديا ڏني هئي. پورڻ گڙهه سنسڪرت ۾ پڙهي هئي. جنگي سکيا ۾ قابل ۽ نڙاڪندار ڪلائن ۾ ماهر. آريہ استريون اڄوڪي سمي جي ابلائن جيان ڪين هيون. سندن نرت جو نمونو، جنگي قواعد جي تربيت ڏيندڙ، عضوا سگهارا، چست ۽ شاندار ڪند هو ۽ اوکيءَ ۾ پاڻ بچائڻ جو وسيلو ٿيندو هو. اُن ڪري اُهي دلير ديويون پنجويهن ورهين جي عمر تائين اُن حسن افزا ۽ طاقتور هنر جي ماهيت ۾ گذاريندي يون هيون. بلڪ کي تہ دستوري سپاهگيريءَ جو تندواختيار

”نہ بہ کبس موکل ئني ملي.“

”سندس نصيب!“

”نهايت ڪم نصيبي!“ اُن هڪ لفظ ۾ ڪيڏي نہ ترا سائي، درد ۽ سوز هو. اُنوقت پورڻ گڙ ڪنڌ ن مان صفا جند ڇڏائي هئي ۽ نوجوان جو اچانڪ دردي آواز ٻڌي ڇرڪ پريائين. هن ڏانهس گهور ڪري نهاريو ۽ ڏٺائين تہ جوان جوش ۾ آهي. پاءُ پاڪ ماٿ ۾ رهي. پوءِ مدُر آواز ۾ چيائين ”ديوپتي! جنهن وقت دشمن ديس جو دروازو کڙڪائيندو هجي، تنهن وقت سندس سيناپتي ڪنهن ڪماريءَ جي پريمي پلؤ جي ڇڪ ڪري، سو......“

نوجوان وچ ۾ ئي جواب ڏنو ”بس گهڻو ٿيو، پورڻ گڙ! آءٌ هنئر سيکي تو سمجهان.“

”مهربان، ڇا؟“

”توکي اڳيئي سڌ آهي.“

”نہ ڪو.“

جوان جون بي اعتبار اکيون نازڪ بدن جا ليڙ تلاش ڪرڻ لڳيون.

”آءٌ سمجهي نہ تو سگهان تہ اوهين ڇوڪريون ڪئن مردن کي ماري ٿيون وجهو.“

”ڇاڪاڻ تہ اسان کي اهڙا وجهہ ڏنا ٿا وڃن - پر اُن ڳالهہ کي ڇڏ. صاف صاف ٻڌاءِ تہ تنهنجو اشارو

لڳي، مگر ڪنهن اهڙو وچڙي ويا هئا، جو هڪ ڪنڌ تي آجي تي نه بي تي اٽڪي. سياويڪ چڙ وچان سندس چهري ۾ لالائي ڊوڙي آئي، جنهن سندس سوڀيا کي وڌيڪ رونقدار بڻايو. جنهن هن نگاه ڦيرائي، تنهن پرسان ڪلهي سر سبز ميدان سان لاڳيتي رستي تي هڪ جنگي جرنيل بيٺل ڏٺائين، جنهن مشڪ نيڻن سان ڏانهس چتائي تي نهاريو ۽ اڳتي وڌي اچي چيائين "جئه سيتارام! اڄ سنسار ۾ نرالي پره ڦٽي آهي." نوجوان وڏاءُ ڪين ڪيو. ڪٽڪي ڏسو پورب پهاڙ جي اتاهين چوٽيءَ تي ڪورات جي پڙدي کي تيزي سان چيڪي رهيو هو. روشني ۽ اونداهيءَ جي چڪتاڻ مان هير پيدا ٿي نڪرين ۽ ماترين تان پسار ڪندي تي آئي. سندس بهاري جهلڪن تي پکي اکه کولي آکيرا ڇڏي اڏامي گيت ڳائڻ لڳا. اپرندڙ آفتاب جي چمڪندڙ تاج، ڪنيا جي چمبيلي چهري تي تازن سونهري ترورن جي جاري ڇانئي ڇڏي. سندس هار جا سفيد موتي، جي سندس پربل ڇاتيءَ جي چوڏاري قطار ڪري لٽڪيل هئا، پنهنجي خوش نصيب جڳهه تي حيرتي حسن سان ڀهڪڻ لڳا. اهڙي درلڀ ديدار تي بي اختيار ڇڪجي نوجوان وڏي چيو "آءٌ مدد ڪريانءِ؟"

ڪماريءَ ٽوڪبازيءَ وچان چيس "جيءَ. ديس جي سيناپتي لاءِ لاشڪ اهو سهائيندڙ ڪم آهي!"

”پسند آهي يا نه، اُن ڳالهه کي ڇڏ. مگر آءٌ توکان تي پڇان ته توکي وڏيڪ پيارو ڪير آهي. ماتر ڀومي يا مان؟“

”مان ڇٽي نٿو سگهان.“

”جيڪڏهن توکي هڪ لاءِ ٻي ڇڏڻي پوي ته پوءِ؟“

”آءٌ ٻئي ڇڏيندس.“

پورڻ گرڻ اڳيئي تي سمجهيو ته ڪهڙو جواب ملندو ته به ليلائي چيائين:-

”ديويتي! پلائي ڪري ائين ڪيم ڪر. پرماتما جي صدقي، منهنجي صدقي، جا تنهنجي نظر ۾ ماتر ڀوميءَ کان مٿي آهي، ائين ڪيم ڪر.“

سندس منٿن ماڳهين اُلٽو اثر ڪيو. دڪايل باھ پڙڪا ڏيئي اُٿي. ديويتي جواب ڏنس ”تون اڻ ٽيٺي ڳالهه لاءِ پيئي چوين. منهنجو جياپو تنهنجي جند سان جڙيل آهي، جو جدا تي نه ٿو سگهي. هڪ کي وڇوڙ ته ٻئي جي ازخود پڇاڻي ٿيندي.“

ڪماريءَ جاتو تي ته اُن سچائيءَ ۾ رتي ماتر به سنديهه نه هو. هو بالپڻ کان هڪ ٻئي جا ساٿي هئا. گڏ راند روند ڪندا هئا. عمر وڌڻ سان پريت پڪي ٿيندي ويئي جنهن سندن جيءُ جڪڙي ڇڏيو هو. خود سندس پتا کي اُن جي ڇٽيءَ ريت خبر هئي. سندن شادي فقط وقت جي پابند هئي.

مگر هاڻي اهڙي اچي ٻڻي، جنهن جو خواب خيال

کھڙي طرف آهي؟" سندس آواز جي گنڀيرتا کيس يقين ڏياريو.

"تنهنجي پتا توکي تنهنجي شاديءَ بابت ڪي ڪين ٻڌايو؟"

"نه. ڪي به نه."

"پر تو، اسان ڪادرڪن جي وچ ھڪ ٻئي سان مٽي مائٽيءَ جو عھدنامو ٻڌو آهي."

"هائو، اُهو مون ٻڌو آهي."

"اُن ناھه جي زور تي ڪادرڪن جو سيناپتي جڳوڌن تنهنجي ٻانھن لاءِ گھر ڪري رهيو آهي."

ٻئي ملاقاتي سن ۾ پئجي ويا. جوان جان ڪٿي نهاري ڏسي ته ڪنيا جو منھن پنوئي ڇڏي ويو آهي.

هن پوءِ زور ڏيئي چيو "جيڪو شخص توسان پرڻبو، سو دشمن سان مقابلي لاءِ ٻنهي ملڪن جي گڏيل لشڪر جو سپهه سالار ٿيندو."

پورڻ گڙ حيرت ۾ پئجي پڇيو "ڪئن؟"

"اپيسلي- پدجاب جي پوجنيه اڳوان جو نائي ھئڻ جي زور تي."

"پوءِ توٽي هو ڪٿي لائق نه هجي."

"جيءُ. گهٽ ۾ گهٽ ڪادرڪ ته ائين ئي سمجھن."

"مون کي ان جي ڪا ڄاڻ ڪانه هئي."

"پر هئڻ توکي سڌ پيئي. توکي اها ڳالھه پسند آهي پورڻ گڙ؟"

جي منشا معلوم ھئي . پريءِ جوڙي جي ورھين جي
دلي آرزو سنڌس ئي دير مدار ڪري مهمل ٿيندي
ٿي آئي . آڳهه جي لهي ڪير پائي ! مگر جڏھن ڄڳوڏن
وٽان آچ آئي ، تڏھن ھو ٽڪڙ ڪري ٽاري نه ٿي سگهيو .
صلح جا شرط سنڌس ئي دماغ رٿيا ھئا . انهن شرطن
موجب ٻنهي قومن جي وچ ڪيترين شاديون به ٿي
چڪيون ھيون . ھاڻ جيڪڏھن ھو پاڻ التي ريت تو
ھلي ته صلح ٽٽندو ، مالون کي اڪيلو مقابلو ڪرڻو پوندو
۽ ٽئين قوم جي جوڙجڪ جون اُميدون ڊانوان ڊول
ٿي وينديون . سنڌس پوئلڳ ، جن اڳيئي لاچاري مٿيون
مائٽيون ڪيون ھيون ، پابندي کان ٻڙ ڪڍي بيهندا
۽ وڏو رڳمرول مچي پوندو . ان ڪري ھن اھو سوال
فيصلي لاءِ پنچات اڳيان رکيو . گرما گرم بحث ھليو .
ديويتيءَ تي زور آندو ويو ته تون ملڪ خاطر اھا قرباني
ڪر . سنڌس چوڻ ھو ته ” اُن مائٽي چڪائڻ جي اِھا
مراد آھي ته ڄڳوڏن گڏيل فوجن جو سپهه سالار ٿئي ،
البت اپيسليءَ جي ٽاني ٿيڻ ڪري اِھو حق چڪيو
ويندو . مگر ائين قبول ڪرڻ مشڪل آھي ڇاڪاڻ ته
دشمن اول اسانجي ملڪ تي ٿوڪا ھيي . “ سنڌس دليل
وزنائتو ھو . تنهنڪري پنچات فيصلو ڪيو ته پورڻ گڙ
جو وھاڻءُ ڄڳوڏن سان ڪجي ، مگر گڏيل لشڪرن جي
واڳ ديويتيءَ جي ھٿ ۾ ڏجي . ٻيءَ ڌر کي ان نهراءَ
جي خبر ڏني ويئي .

۽ ڪونہ ھو. سندس پتا ۽ جڏھن اِھا ڳالھہ جي رٿ پيش ڪئي ھئي، تڏھن لھي ڪانہ-پاتي ھئي. جيڪڏھن ڪيس اِھا ڳالھہ سجھي ۽ ھوندي تہ ۽ وطن خاطر شخصي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ھوندو. ھاڻي جيڪڏھن ھوءَ انڪار تي ڪري تہ صلح ٽٽي پوندو، ملڪ برباد ٿي ويندو ۽ سندس پياري پوڄيہ پتا تي دائما بدناميءَ جو داغ لڳي ويندو. مگر جيڪڏھن مڃي ٿي تہ آھا! پنھنجي پرينءَ ڪان ڌار... اُن خيال سندس ساھ سڪائي ڇڏيو. سندس گلو گھٽجي ويو. فقط ايترو چئي سگھي ”ديويتي! ملڪ منھنجو آھي. پتا منھنجو آھي. توھان منھنجو آھيو. بداءِ تہ آءٌ ڇا ڪريان“ حيرت ۾ حيران جوان اڃا ڪي چوڻ لاءِ آواز قابو ۾ ڪري ئي ڪري تہ ڏسي تہ گلن جي ٽوڪري زمين تي رکي آھي. نازڪ گل تيز ترورن ۾ ڪوماڻبا پيا وڃن، ۽ چوندڻ واري الوپ ٿي ويئي آھي.

(٣)

جڏھن صلح جي شرطن راھ ڪولي، تڏھن ڪادرڪ فوج جي سيناپتي ڄڄوڌن اپيسليءَ جي ڪماريءَ پورڻ گڙھ جي ٻانھن ڇڪي. ساري پنجاب ۾ سوپيا ۽ لپٽن ۾ سندس مت ڪانہ ھئي. سندس ڪل پڻ اوچ ھو. اُن تي مالون ۾ واءِ ويلا مڃي ويئي؛ ڇاڪاڻ تہ ھر ڪنھن کي سڌ ھئي تہ پورڻ گڙھ ديويتيءَ جي ئي ٽيڪي ھئي. اپيسلي موڙھاري ۾ پئجي ويو. ڪيس ڏيءَ

هو. ڪجهه منٽن ڪانپوءِ مس مس بزرگ براهمڻ کي ڏيءَ جي حاضريءَ جو پتو پيو.

”هت آئي ڪيتري مهل تي اٿيئي؟ ونکي سڌ ڇو نه تي ڪيءِ؟“

”اوهين ويچار ۾ ويٺا هئا. آءٌ وچ ۾ هلاڪ ڪيئن ڪريان؟“

”ان ڪري ئي مون توکي گهرايو آهي. تو ڪادرڪن جي رٿ ٻڌي آهي؟“

”جيءُ.“

”ڪنهن کان؟“

”ديوڪيتيءَ کان. تازو صبح جو.“

هن پنهنجي تيز نظر سان نياڻيءَ کي چتائي ڏٺو، جا ظاهري بردبار ٿي بيٺي هئي. پوءِ چيائين ”مون اهاً ڳالهه پنچات تي ڇڏي آهي.“

”اوهانجي آڳيا ڪافي آهي.“

”پتري! اِهو آءٌ ڄاڻان تو. مگر آءٌ ڪو فيصلو ڪري نه ٿي سگهيس.“

پورڻ گڙ ماٺ ۾ رهي. سندس پتا وري چيو ”پنچات نهراءُ ڪيو آهي ته تون ڄڳوڏن سان شادي ڪر.“

”پتا!“ پورڻ گڙ بي اختيار ٿي پڪاريو. ان هڪ لفظ ۾ چوٽ هئي، نراسائي هئي ۽ سخت آنڌ مانڌ هئي.

پورڻ گرڻ کي ان باري ۾ ڪا سمڪ ڪا نہ هئي. ديوتيءَ جي ڏنل سماچار ڪيس اوچتو گهائي وڌو. هوءَ باغ مان تيزيءَ سان موٽي پنهنجي ڪمري ۾ آئي. صبح جو سورج تي چمڪيو. سنگمرمر تي ديوين ۽ ديوتائن جون اُڪريل تصويرون، سون سان پلٽيل سلوڪ، عاج سان پيوندي ساز ڀڃ ڀڃ ڪيو تي ڀڪيا. مگر پورڻ گرڻ پنهنجي غلطانيءَ ۾ هئي. هن چؤطرف نهاريو، مگر سينگاريل ڪمرو سڃو تي لڳو. تيج اکين ۾ تي چڀيو.

هن دريون بند ڪري ڇڏيون. اونداهيءَ ايڪانت سندس تنل من کي البت سيتل ڪيو. اُپاءُ سوچڻ لڳي اينتري ۾ ٻاهران دروازي تي کڙڪو ٿيو. هن در کوليو. ٻاهر داسي بيٺي هئي. پورڻ گرڻ کي امالڪ گلن جي يادگيري پيئي، ڇاڪاڻ تہ اهو سندس پتا جي پُوڄا جو نيمي وقت هو. هوءَ باغ ڏانهن هلڻ لڳي. داسي سندس گهوماٽيل چهرو ڏسي واڻڙي تي ويٺي ۽ لڪي وڪ ڪٽي پڇي ڇيائينس ”سائڻ! پتا تو سڏيئي.“

”جيءُ. موکي خبر آهي. سندس پوڄا لاءِ گل ڪٽڻ تي وڃان.“

”مگر مان پانيان تي نہ هو هاڻي ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ تو کونيئي. هو ملاقاتي ڪمري ۾ ويٺو آهي.“

پورڻ گرڻ پنني موٽي داسيءَ سان گڏجي ويئي. سندس دل ۾ درماندي ۽ ساهه بي سڌ ير هو. آهستي آهستي وڃي پيءُ اڳيان بيٺي جو ڪنهن اونهي ويچار ۾ غرق

سڪندر مالون مٿان هيبتناڪ هائيدوس مچائي ڏنو. بي اَجهي ڳوٺ جلايا ويا.. پڪل فصل ساڙيا ويا. مرد قتل ڪيا ويا ۽ زالون ٻانهيون ڪيون وييون.

ڪادرڪن جي پاليءَ ڪيڏ بازيءَ مالون کي ماري وڌو. هو مدد جي اوسيئڙي ۾ رهيا، مگر اجايو. اپيسلي اهو ٻڌوکو پرکي ورتو. ڪادرڪن جي راڄدانيءَ ۾ راجا آستيءَ جو وچڙ ان جي ثابتي هو، مگر جنهن تہ معاملي جو گهٽو تڻو واسطو ساٽس هو، تنهن هو پنچات کي سويل ٿي پنهنجو ٻوڻو ٻارڻ جي رت لاءِ زور پري نہ سگهيو. ان کري جڏهن ڪادرڪن وٽان آخرين جواب آيو تہ "ٻئي شرط مڃو نہ تہ عهدنامو ڪين ٿيندو" تڏهن صفائي ٿي؛ مگر ان وچ ۾ وڏو وئل وهي چڪو هو. جيسين مالون جو لشڪر پهچي ٿي پهچي، تنهن کان اڳ ڳوٺن جا ڳوٺ سڙي پسر ٿيا. اپيسلي ڏٺو تہ جڏهن اڳيئي اڌ ملڪ دشمن جي قبضي ۾ اچي چڪو آهي تڏهن ميدان تي لڙائي مشڪل آهي! هن لشڪر جي ٽوري ٽوري پرتي ٿي موڪلي تہ ڳوٺن جي بچائڻ ۾ جيڪا واهر ڪري سگهن سا ڪن. سڪندر ڏوڪيندو اچي تخت گاه وٽ پهتو، جو قلعي اندر هو. پريو مهنو گهيرو هليو. ڌهرين ديوارين ۽ مالون جي تيز خبرداريءَ سڪندر جون مرادون نسقل ڪري ڇڏيون. سڪندر پنهنجي سر ميدان ۾ آيو. رات جو پوڻ. پهر چوند سپاهين جي ٽولي ساڻ ڪري قلعي جي پٺ جي ڏوراهين ۽ اوجهڙ ڪنڊ ڳولي

اوچتو باهه ۾ ڪريل جلندڙ انسان وڏيڪ دردي دانهن
ڪين ڪري ها.

برهمڻ دلگير ٿي ڇرڪ پريو:

هو اهو درد گهڻ برسات ڪري سهي، جنگي جذبا
روڪي ديريني مدبر جيان ڌيرج سان ڇپڻ لڳو:
"پورڻ گڙهه! شخصي ويچار لاءِ هي وقت نه آهي. تنهنجي
ماتر ڀومي کي توهان ايتري آشا آهي ته تون سندس
سچي نياڻي ٿين." ائين چئي هو ڪمرو ڇڏي هليو ويو،
جنهن کو وويڪ وارو نازڪ دل جج موت جي فتوي
ڏيئي ڪورٽ جو ڪمرو ڇڏي وڃي. پورڻ گڙهه بوتي
مثل بيٺي رهي. دريءَ مان سورج ليٽو پاڻي سندس
منهن تي تيز ترورا هڻي ڪيس سجاڳ ڪيو ۽ ڪرڻ کان
بچائي ورتو.

(٤)

سڪندر پرچاءُ جو بڌي پريشان ٿي ويو. مگر جڏهن
ڪيس سڌ پيئي ته ٻنهي ڌرين جي وچ ڪجهه ناسازي
ٿي پيئي آهي تڏهن گد گد ٿيو. هن موچاري مهل ڏسي
راجا آستيءَ کي ڪاردڪن ڏانهن موڪليو. هن بدنصيب
ملڪ ۾ ديش گهاتڪن جي کوٽ ڪانهي. رشوتي رضانامو
ٿيو. شخصي ضد ۽ فريب چوءَ مان ڇلڪي پيا. ديس
ڀڳتي پوٽي پٺڀي ويئي. ڪاردڪن دشمن جو موڪليل
سونهري زنجير سويڪار ڪري پاڻ کي انڪايو ۽
ديس پاين کي لٽڪايو. چالبازيءَ جو داءُ چلي ويو.

جنگ جاري رکڻ جي نه هئي ، اُن ڪري هنن ملون سان صلح ڪيو ۽ گهيرو ڪڻي ڇڏيو.

دنيا جو جبرو جنگي جرنيل ڪجهه ڏينهن تائين بي سُڌ پيو رهيو. زخم موتمار ٿي ڏنو. جڏهن مرض يوناني جراحن جي همٿ کان ٻاهر نڪري ويو تڏهن جنگي سرڪردا ششدر ٿي ويا. ڪين سمجهندو هو ته جي شهنشاه ڌارئي سرزمين تي لاڏاڻو ڪيو ته ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو. موقعه جي نازڪ حالي محسوس ڪري راجا آستيءَ رت ڏني ته ٽڪسلا وديا پيٺ (ان سمي ۾ ڀارت جي سڀ کان مکيه وديا پيٺ هئي) جي جراح جو علاج ڪيو وڃي. سڪندر هندستاني حاذق حڪيم جي حوالي ڪيو ويو. شهنشاه هوش ۾ هو. ٽڪسلا جي جراح ڪيس بيهوشيءَ جي شيشي سنگهائي آپريشن ڪرڻ تي گهريو.

سڪندر بيهوش ٿي علاج ڪرائڻ کان انڪار ڪيو. جراح چيو "اوهان لاءِ بيهوش ٿيڻ لازمي آهي."

"ڇو؟"

"ڇاتيءَ مان تير ڪيڏڻا آهن. توري ئي لوڏي تي جان جو جوکو آهي."

"آءٌ سرجيت ٿي ڪيائيندس."

"مگر اُن ۾ حياتيءَ جو جوکو آهي."

مرڻينگ ملوڪ مشڪي چيو "مگر سڪندر کي شان، زندگيءَ کان وڌيڪ پيارو آهي."

سورهيه سرڪردو پهرين پاڻ مٿي چڙهيو. سپاهي قدم بقدم چڙهندا آيا. جڏهن سڀ چڙهي بيٺا تڏهن هن باقي پرتيءَ کي اچڻ جو اشارو ڏنو. رهبر روشنيءَ جي اشاري تي تڪو تڪو چڙهندا ويا. اڃا مٿي مس پهتا ته ناد جو بلند آواز آيو ۽ سڪندر مٿان ڦهه تي هيٺ زمين تي ڪريو. ڇاتيءَ ۾ ٻه لوهي تير چيچي ويا هئس. ڪيس يڪدم ڇاوڻيءَ ۾ ڪڍي ويا.

جنگي ناد جي واجٽ تي مالوا ذوڪي اتي آيا، جتي يونانين اڳيئي ٻرگهل ڪري ڇڏيو هو. خوفناڪ دوبدو لڙائي لڳي. يوناني ٽالميءَ جي هٿ هيٺ تي لڙيا. هيڏانهن ديوپتي ڪماني هو. خونريز لڙائيءَ ۾ حملي ڪندڙن کي سخت ئي هندستانين جي اعليٰ تر طاقت سببان شڪست سهڻي پيئي. دشمن مان ڪي مٽا، ڪي پٺي ڇٽا.

جڏهن يوناني قلعي جي ديوار جي ٻاهران ڪلهي ميدان تي پهتا، تڏهن صفا صبوح تي ويو هو. ٽالميءَ ڏنو ته منهان منهن مقابلي ۾ هندستانين سان پهچڻ جي جاءِ ناهي، تڏهن هن موت ڪاٽڻ جو مڪر ڪيو. مگر ديوپتي الي بيٺو هو. هن لها رمز بازي سهي ڪئي. سندس حڪم تي هندستاني فوج پنهنجو اجهو ڇڏي يوناني پلٽڻ جي پٺ ڪين ورتي. ٽالمي پوءِ ڦيرو ڪائي ڇاوڻي ۾ ويو.

سڪندر جي حالت نازڪ هئي. سرڪردن جي مرضي

مالون ڏانهن نياپو موڪليو ويو ته هو اچي يوناني ڇانوڻيءَ ۾ صلح جون ڳالهيون ٻولهيون ڪن. هن پوءِ ڪمانيءَ کان پڇيو ”جن مون کي تير هنيا سي گرفتار ڪري سزاياب ڪيا ويا آهن؟“

”جهان پناه! گرفتار ڪيا ويا آهن، مگر سزاياب نه.“

”ڇو؟“

”مرد هڪڙو هو جو مقابلي ۾ ماريو ويو. باقي عورتون آهن جي حوالات ۾ آهن.“

”عورتون! ڪين هتي وٺي اچو.“

ٽالمي هڪڙي دربان کي حڪم ڏنو ته انهن عورتن جي اڳواڻ استريءَ کي وٺي اچ. حڪم جي تعميل ٿي.

سندس صورت ڏسي زماني جي بادشاه جون اکيون ڦاٽي ويون. هو گهور ڪري نهاريندو رهيو. هن روءِ زمين جا چڪر هنيا هئا، لکها سندريون ڏٺيون هيون، مگر ان نازنين جي مٽ سرڳ ۾ اپسرا، نڪا سنسار ۾ ناري هئي. ڇا، خود چندرما ته انساني پوش پهري اڳيان اچي نه بيٺو هو! پر هو روشن منجهه رات، سچڻ نت سوجهرو! شهنشاه جي واتون بي اختيار حيرت جو حرف نڪري ويو. مگر هن سنت ٽي پاڻ سنڀالي ورتو ۽ دستوري بردباريءَ حشمت ذاري ويٺو. پڇيائين:-

”تون ڪير آهين؟“

”اوهانجي قيدياڻي.“

جواب سڪندر جا تپ ٽاري ڇڏيا.

جراح کي مڃٽو پيو. تعجب آهي تہ آپريشن (وڍ ڪٽ) جي عرصي ۾ سڪندر نہ اک ڇنڀي، نہ لڱ لوڏيو، نہ چپ چوريو، تان جو حيرت انگيز حڪمت سان جراح سندس ڇاتيءَ مان تير ڪڍي ورتا. شهنشاهہ موت کان بچايو ويو. سڪندر لاشڪ پنهنجو مٽ پاڻ هو: ۽ آها! اُن سمي ۾ ڀارت جو ڇا نہ شان عاليشان هو!

ٽورن هفتن کانپوءِ بهادر ٻانڪو ٺيڪ ٺيو. تڏهن هن جنگ جو حال احوال پڇيو. مهندارن کي ان سوال جو انديشو هو. ڪيترا ڄاڻ هئا تہ صلح جو سماچار ٻڌي شهنشاهہ ڪي باهہ وٺي ويندي. ڪي ٻڪ هئا تہ هو وري جنگ جوٽڻ لاءِ حڪم ڏيندو ۽ سندن ڪا بہ نہ ٻڌندو.

هنن ڏکندي احوال ڏنو. سڪندر غضب ۾ اچي ويو. اکيون شوخ ڪري چيائين "ڌڪار! ڌڪار! اوهان سڪندر جي نالي کي بدنام ڪري ڇڏيو. هن دم هٿيار ڪڍو. آءٌ لڙائي سان معاملي جي ڀاڃي ڏسڻ ٿو گهران."

ٿالمي صبر ۾ رهيو. جڏهن شهنشاهہ ڪروڌ جو ڇوهہ ڇنڊي رهيو هو، تڏهن سينا پتي نرميءَ سان دليل ڏيڻ لڳو. هن ڏيکاريو تہ موجوده حالتن ۾ صلح ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونہ هو. هار ٿوڻي سوڀ ۾ گهر جوئي گهاٽو هو. غير آباد زمين جي ٽڪري وٽڻ ۾ دولت ۽ فوج جي ڪيڏي نہ هاڃي ٿئي ها. سڪندر قدري ٺريو هو. اڳيئي جيڪي اڻ اُجهامندڙ تمنا ۽ اُلڏي آکڙ ڪري ويهائي نہ ٿي سگهيو، سو سندس سمجهہ ۾ آيو. تنهنڪري

”جيءُ. مالون ڪادرڪن جي ڪيڏ سهي نہ ڪئي ۽ پنا تي زور آندائون تہ مون کي ڄڳوڌن ڏانهن موڪليو وڃي. اوڪي مهل ڏسي آءٌ لڪي ڇپي ڪي ڏاسيون وٽي گهران نڪتيس ۽ مشڪلات ڪانپوءِ دریاه اُڪري پار پهتاسون. اُتي ڪادرڪن جي ٽولي شڪار لاءِ آئي هئي. هڪ شينهن هڪڙي شڪاريءَ تي حملو ڪرڻ تي هو، جنهن جو تير اُنس گسي ويو هو. اسان خونخوار جانور کي ماري رکيو. اهو شخص پاڻ ڄڳوڌن هو، جو اسان سان گڏيو آيو.“

”هو هنڌ ڪٿي آهي؟“

”اوهانجي سپاهين کيس قتل ڪري ڇڏيو.“

سڪندر جا طاق لڳي ويا؛ تہ بہ حشمت سان چياءِ:-

”تو منهنجي حياتي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ منهنجي وفادار دوست کي منهنجي ئي سپاهين هٿان مارائي ڇڏيو آهي. توکي ڳري سزا ملندي.“

”براهمڻ جي ڪنيا ان پرُدڄڻ واري ڪين آهي.“

”تڏهن توکي ساري عمر تاءِ قيد جي سزا ٿو ڏيان.“

”اُن جي عيوض موت ڏيو.“

”اِها ڪا تو لاءِ سزا نہ آهي.“ ائين چئي بنديائي سرڪردن جي حوالي ڪري سڪندر ڪمرو ڇڏي هليو ويو.

(٥)

ٻئي ڏينهن يوناني دربار تجليدار طومان سان، شاهي

”توسان ڪير ڪير هئا؟“

”منهنجا ساٿي ۽ سپاهي.“

”تو مون کي تير هنيا؟“

”جي، خود مون.“

”تو!“ شهنشاه جي آواز مان ارمان ٿي بڪيو. ”مگر تو اهڙي لڪل خون جي ڪوشش ڇو ڪئي؟“

”لڪل ڪونه هئي. ملڪ جي دشمن کي مارڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي.“

”تون استري آهين.“

”ماتر ڀوميءَ جي شيوا لاءِ استريءَ تي اهڙوئي فرض آهي، جهڙو مرد تي.“

”اوهانجي راجڌاني گهيري هيٺ هئي. پوءِ تون ڪئن ٻاهر نڪري وئينءَ؟“

بندياڻي ماٺ ۾ رهي.

شهنشاه پوءِ نهايت نماڻي نوع ۾ چيو ”تون منهنجي بندياڻي آهين. آءٌ جواب لاءِ ڪو زور ڪونه ٿو ڀريان، مگر منٿ ٿو ڪريان. جيڪڏهن توکي اعتراض نه هجي ته ٻڌاءِ ته تون ڪئن ٻاهر نڪري آئينءَ.“

”تڏهن ٻڌو. اوهان مالونءَ کاڌرڪن جي وچ عهدنامي بابت ٻڌو آهي.“

”هائو.“

”آءٌ ئي خاص سبب آهيان.“

”تون ئي اپيسليءَ جي ڪنيا آهين؟“

”جيءَ. مالون ڪادرڪن جي ڪيڏ سهي نہ ڪئي ۽ پنا تي زور آندائون تہ مون کي جڳودن ڏانهن موڪليو وڃي. اڳوکي مهل ڏسي آءٌ لڪي ڇپي کي داسيون وني گهران نڪتيس ۽ مشڪلات ڪانپوءِ درياه اُڪري پار پهتاسون. اُتي ڪادرڪن جي ٽولي شڪار لاءِ آئي هئي. هڪ شينهن هڪڙي شڪاريءَ تي حملو ڪرڻ تي هو، جنهن جو تير اُنس گسي ويو هو. اسان خونخوار جانور کي ماري رکيو. اهو شخص پاڻ جڳودن هو، جو اسان سان گڏيو آيو.“

”هو هنئر ڪٿي آهي؟“

”اوهانجي سپاهين کيس قتل ڪري ڇڏيو.“

سڪندر جا طاق لڳي ويا، تہ بہ حشمت سان چيائين:-

”تو منهنجي حياتي ونڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ منهنجي وفادار دوست کي منهنجي ئي سپاهين هٿان مارائي ڇڏيو آهي. توکي ڪهڙي سزا ملندي.“

”براهمڻ جي ڪنيا ان ڀر ڏجڻ واري ڪين آهي.“

”تڏهن توکي ساري عمر تاءِ قيد جي سزا ٿو ڏيان.“

”اُن جي عيوض موت ڏيو.“

”اِها ڪا تو لاءِ سزا نہ آهي.“ ائين چئي بنديائي سرڪردن جي حوالي ڪري سڪندر ڪمرو ڇڏي هليو ويو.

(٥)

ٻئي ڏينهن يوناني دربار تجليدار طومان سان، شاهي

”توسان ڪير ڪير هئا؟“

”منهنجا ساٿي؛ سپاهي.“

”تو مون کي تير هنيا؟“

”جيءَ، خود مون.“

”تو!“ شهنشاه جي آواز مان ارمان ٿي بکيو. ”مگر تو اهڙي اڪل خون جي ڪوشش ڇو ڪئي؟“

”اڪل ڪونہ هئي. ملڪ جي دشمن کي مارڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي.“

”تون استري آهين.“

”ماتر ڀومي جي شيوا لاءِ استريءَ تي اهڙوئي فرض آهي، جهڙو مرد تي.“

”اوهانجي راجڌاني گهيري هيٺ هئي. پوءِ تون ڪئن ٻاهر نڪري ويئينءَ؟“

بنديائي ماٺ ۾ رهي.

شهنشاه پوءِ نهايت نماڻي نوع ۾ چيو ”تون منهنجي بنديائي آهين. آءٌ جواب لاءِ ڪو زور ڪونہ ٿو ڀريان، مگر منت ٿو ڪريان. جيڪڏهن توکي اعتراض نہ هجي تہ ٻڌاءِ تہ تون ڪئن ٻاهر نڪري آئينءَ.“

”تڏهن ٻڌو. اوهان مالون ۽ ڪادرڪن جي وچ عهدنامي بابت ٻڌو آهي.“

”هائو.“

”آءٌ ئي خاص سبب آهيان.“

”تون ئي اپيسليءَ جي ڪنيا آهين؟“

اوُج تي آڻي ۽ اِهائي منهنجي آرزو آهي.“

شهنشاه جي گفتگو جي لطيف طرز ۽ طرح ۾ عجيب تاثير هو. چتر براهمڻ اجايو سندس اکين ۾ راجنيتي رمز جاچڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وقت اهي سڀئي سڌارڪ جي چڪمتار سان تي ڀڪيون. تنهن هوندي به دوراند يشي ڪري وڏيڪ چيائين ”شهنشاه جا خيال بلند آهن. رعيت عمدي تربيت واري چونه هجي مگر حاڪمن سان برابري ڪري ڪين سگهندي. هڪ ماڻهوءَ جي اعليٰ عهدي مان ڇا وري ڇا سري؟ خيالن ۽ سيپيتا جي آزاد مت ست لاءِ بهتر اپاءُ ضروري آهن.“

”اوهين برابر آهيو. ۽ ان لاءِ آءٌ اوهان وارو اُصول اختيار ڪندس.“

”منهنجو اصول؟“

”جيءُ. ان موجب هندن ۽ يونانين جي وچ ۾ شاديون ڪيو وڃن. ان مان جيڪا قوم پيدا ٿيندي سا دنيا جي بهبوديءَ جي رهبر ٿيندي.“ اپيسلي چيو ”ان ارادي تي عمل ٿي سگهي ته نيڪ نتيجو نڪري سگهيتو.“

”آءٌ ڀريائين پاڻ تو شروع ڪريان.“

”شهنشاه پاڻ؟“

”جيءُ. منهنجو ارادو آهي ته آءٌ اوهانجي نياڻيءَ پورڻگرڻ سان شادي ڪريان.“

اپيسلي ۽ ديوپتي ٻنهي اهو ٻالو ٻڌي ڇرڪ ڀريو. اپيسلي دستوري تحمل سان پڇيو ”هنڌرهوءَ ڪٿي آهي؟“

پيڪي سان رونق افروز ٿي. روءِ زمين جي شهنشاه جو جاه و جلال اچلون ڏيئي رهيو هو. مالون پاران اپيسلي ۽ ديوپٽي آيا. واجبي ۽ عزت آبرو وارن شرطن تي صلح ٿيو ۽ عهدنامي تي دستخط پيا. سڪندر پوءِ اپيسليءَ ڏانهن منهن ڪري چيو ”هنئر اسين دوست آهيون. آءٌ هڪڙو عرض ڪريان؟“

”پنهنجي خوش خواهش فرمايو.“

”منهنجي مرضي آهي ته منهنجي پوربي پرڳڻن جي سنڀال اوهين ڪريو.“

”شهنشاه وٽ اڳيئي لائق عملدار آهن.“

”بيشڪ. مگر هو هن ملڪ جي حالتن ۽ رسمن رواجن مان واقف ڪين آهن.“

”ائين هجي به. مگر شهنشاه کي منهنجي مقرريءَ مان ڪهڙو فائدو پهچندو؟“

”مون دنيا شخصي فائدي لاءِ فتح ڪين ڪئي آهي. مگر منهنجي مراد آهي ته دنيا هڪ آدرشي سيپتا هيٺ وڃي ويجهي.“

”مون کان اُن جي پورائي ڪئن ٿي سگهندي؟“

”اوهين ئي ڪري سگهندا. مون کي خبر آهي. ان ڪري ئي ائين ٿو چوان. اوهانجي سيپتا يونان جهڙي اوچ آهي. جيڪڏهن انهن ٻنهي جي ملاوت ٿئي ته هوند منجهائن اهو پرڪاش نروار ٿئي جو ساري دنيا کي روشن ڪري ۽ سندس موجوده چرخو ڦيري ڪيس اوڙ

مگر يوناني جنرل ٽالمي خبردار ويٺو هو، جنهن سنڊس وار کي روڪي کيس گرفتار ڪري ڪڙيون وجهي ڇڏيون. اپيسلي هن اوچتيءَ ڳڙ ٻڙ تي هراسان ڪين ٿيو. مگر ڊيرج سان چيائين ”ديوتيءَ جي اهڙي گستاخي سچ پچ ناقابل معافي آهي.“

سڪندر اشارو ڏنو. پورڻ گڙ حاضر ڪئي ويئي. هوءَ ڏسي حيران ٿي ويئي ته ديوتي زنجيرن سان ٻڌو بيٺو هو ۽ بيسود ڪروڌ ۾ ڏند ڪرٽي رهيو هو. سنڊس پتا سڪندر جي پاسي ۾ ڪاوڙ ۾ ڀريو ويٺو هو. جلد ئي سڪندر کيس چيو ”بندياڻي! اجهو هو نوجوان بيٺو آهي، جنهن تو خاطر منهنجي جان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي.“

هوءَ ڪند هيٺ ڪري ماٺ ۾ رهي. دل ۾ اهائي آرائنا ٿي ڪيائين ته اُن ڏوهه جي سزا سنڊس بدران شل مون کي ملي.

سو جڏهن سڪندر کيس اتيئي چيو ”سنڊس قصور جي سزا توکي ڏيندس،“ تڏهن خوش ٿي نهه ڦهه وراڻي ڏنائين ”شهنشاهه حڪم مبارڪ فرمائي.“

”اسانجو حڪم آهي ته تون سڪندر اعظم جي راڻي ٿي دنيا جي ترقي ڪرائڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻي آهين.“

جيڪڏهن آسمان مان تارن جو مينهن وسي ها ته به پورڻ گڙ ائين وسي ٿي نه وڃي ها. سنڊس اکيون ديوتيءَ جي اکين سان مليون. کيس ڀاسڻ لڳو ته هنئڙ اونده اندوڪار ٿيندو ٿو وڃي. روشني ۽ هوا بند

”هتي. منهنجي ٻنڍياڻي طور.“

”مگر اها حقيقت اسان جي ڌيان تي نه آندي ويئي!“

سڪندر جواب ڏنو ”ان وقت اهڙي ڪا معلوميت ڪا نه هئي. اوهان ٻڌو آهي ته ڪنهن لڪل آدميءَ تيز تيرن سان موڪي موتمار زخم رسايا هئا.“

”هائو.“

”اُها اوهانجي ڪماري آهي.“

ديويتيءَ جو ٻڪهندڙ منهن خود شهنشاهه جي زير نظر آيو، جنهن ڏانهس نهاري چيو ”اوهان کي اچا ڪي وڌيڪ ٻڌائڻو اٿم. هن جڳوڌن جرنيل کي شينهن جي چنبي مان بچائي ورتوءَ، ڪيس هرڪائي پاڻ سان آڻي منهنجي جان وڃڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس شامل ڪيو، جنهن ۾ هو منهنجي سپاهين جي هٿان قتل ٿي ويو.“

چتر براهمڻ ڏاهپ ڪري پڇيو ”شهنشاهه قاتل ڪنيا جي ٻانهن قبول ڪندو؟“

”هوءَ ٿي دنيا جي مهاراڻي ٿيڻ جي لائق آهي.“

ديويتيءَ لاءِ وڌيڪ ترسڻ محال هو. هن حقارت آميز بلڪ ڌمڪائيندڙ نوع ۾ چئي ڏنو ”اسين عهدنامو ٽا ٽوڙيون. مالوا اِها بي عزتي ڪين سهندا.“

سڪندر ڪلي لاغرضيءَ سان چيو ”نوجوان! سڪندر اعظم ڌمڪڻ جو نه آهي. مالوا ناس ٿي ويندا، مگر ڪيس هٿ ڪري ڪين سگهندا.“

اک چنڀ ۾ ديويتي تلوار ڪڍي مٿس اُلري ويو،

شبانما

تمام جهوني ڳالهه آهي. هندن جو هڪ قافلو اتر-
اولهه سرحد جي بي ترس، تعصبي ۽ ظالم علائقي مان
ڀڄندو ڪنهن سلامتيءَ جي جاءِ ڏانهن وڌندو ٿي ويو.
ٻن پهرن جي اُس ٻاهه وسائي رهي هئي، مگر اُن قافلي
کي ساهي پٽڻ جي فرصت ڪانه هئي. ڪي روئڻهارڪا
ٻار هئا، ڪي خسته حال ٻڍا، ڪي زالون ۽ ڇوڪريون
۽ ڪي نا اُميديءَ جا پتلا جوان. هيءُ اُهي خانداني
مگر برباد آدمي هئا، جي پنهنجو سڀ ڪجهه، ڌرم مٿان
صدقي ڪري ڪنهن اهڙيءَ جڳهه جي ڳولا ۾ ٽڪو ٽڪو
سفر ڪري رهيا هئا، جتي رام ۽ رحيم ۾ فرق نه هجي،
جتي مختلف عقيده ڪفر نه هجي، جتي ڌرم ۽ ڪرم
جي آزادي هجي. هفتن لاڳر ڪين اُن جي نصيب نه
ٿيو هو. جن جو سر ٿريءَ تي هجي تن کي ٻڪ ۾ اُڃ
ڪٿي؟ جان جو خوف ڪونه هو، ٻپ هون ته بي
عزتيءَ جو، بي حرمتيءَ جو ۽ ننگ ناموس جو. هر دم
اِهو خطرو هون ته پٺيان جهاد ڪندڙ ڪاساين جو ٽولو ته
ڪونه ٿو اچي. اُن وقت ٻه ٻه جوان ڪلهن تي بندوقون
رکي پٺيان بچاءُ جي نظر رکندا ٿي آيا. اُنهن مان هڪ
قداور، سهڻو ۽ سگهارو جوان هو، جنهنجي اکين مان
خودداري ۽ غرور جا شعاع نڪري رهيا هئا، گويا

ٽيندي تي وڃي. پل ڇن ۾ هوءَ شهنشاهه اڳيان گوڏا کوڙي هٿ ٻڌي ويٺي. سڪندر جي لڱن ۾ سيات پهچي ويو. پورٽ گرٽ جي ڇهري مان سڀ چانڊاڻ گم ٿي ويئي هئي. سندس اکيون اونهيءَ اداسائيءَ سان ڀرجي ويون، جن ۾ ڏهاڳ جا ڏک سمايل هئا. سڪندر کجهه منٽن تائين نه ڪجهه ڪين سگهيو. سندس اندر ۾ عجيب غريب خيالن جون سخت لهرون ٿي لڳيون. ساري سنسار جون ڪهڙيون نه حسين عورتون سندس قدمن تي ٿي ڪريون، مگر نا اُميد ٿي ويون! هو پاڻ ڪڏهن منٿائو ڪين ٿيو هو، نه ته هيءَ هندستاني ڇوڪري ڌرتي ۽ پاڻيءَ جي راڻي ٿيڻ کان انڪار ڪري رهي هئي! سڪندر جي غرور کي ڌڪ لڳو، مگر ان ساڳي خيال سندس دل ۾ شاهي شفقت ۽ نازڪ جذبن کي جاڳايو. هن ويچاريو ته پورٽ گرٽ جو نياڳ لاثاني آهي. هو اوچتو تخت تان اُٿيو ۽ پنهنجي هٿن سان قيديءَ کي آزاد ڪري چيائين ”نوجوان! خوش ٿيءُ. پورٽ گرٽ تنهنجي آهي. تون مونکان وڌيڪ بختاور آهين.“

آهن. اُتي ٻ اُنهن جو سهارو هو، اڳتي ٻ اُنهن تي ڀروسو آهي."

"جيڪڏهن اڄوڪو ڏينهن ٻ خير سان گذريو ٿ پوءِ ڪو انديشو ڪونهي."

"آءٌ ٿ اُنهيءَ انتظار ۾ آهيان ٿ ڪو هڪ اڌ شڪار نظر اچي. هڪ درجن ٻ اچي وڃي ٿ فنا ڪري ڇڏيان."

اوچتو ڀهاڙن جي اوٽ مان هڪ ڪماري هٿ ۾ لونوءِ ڏور ڪٽي اچي نڪتي ۽ سامهون هڪ ڪوهه طرف هلي. سو پيا سندس قدمن تان صدقي ٿي رهي هئي.

ٻئي نوجوان ڏانهنس وڌيا. خزانچند ٿ ٻ چار وکون ڪٽي روڪجي بيٺو. ڌرمداس وڌي اُن سندريءَ کان لونوءِ ڏوري ورتا ۽ گڏ گڏ ٽيندو کوهه طرف وڌيو. خزانچند وري پنهنجي بندوق سنڀالي ۽ پنهنجي خفت مٽائڻ لاءِ آسمان ڏانهن تڪڻ لڳو. اهڙيون شڪستون ڪيس گهڻائي ڀيرا ملي چڪيون هيون. شايد هوُ اُنهن تي هري ويو هو. اُن ۾ شڪ جي گنجايش ڪا نہ هئي ٿ شياما جو دل-گهريو ڌرمداس هو. خزانچند جي ساري دولت ڌرمداس جي مرداني سونهن جي مقابلي ۾ تڇ هئي. شياما ڪيترا ڀيرا ڪليو ڪلايو خزانچند کي روڪ ٽوڪ جواب ڏنو هو، مگر هوُ بدنصيب، مايوس ٿي ٻ ٿ جاڻان ڇو اڃا مٿس پاڻ گهورڻ لاءِ تيار هو. ٽيئي هڪ ٻئي ڀُوت جا رهاڪو ۽ گڏ راند روند ڪندڙ هئا. شياما اُناٿ هئي. ڪيس هڪ غريب پاڙيسرڻ پاليو هو،

سندس هر هڪ انگ جي چري تي آسمان جا ديوتائون خوشي منائي رهيا هئا. ٻيو جوان قد ۾ وچون وهه ۽ بدن ۾ لٺل، جنهنجي صورت ٻيڪسيءَ جي تصوير هئي، ڇوته دنيا ۾ هن لاءِ ڪا اُميد ڪانه هئي ۽ هو ويچارو روئي روئي حياتي ڪاٽڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو، ٻهرين جو نالو ڏرمداس هو ۽ ٻئي جو خزانچند.

هلندي هلندي قافلي جا ماڻهو هڪ پهاڙ جي دامن ۾ پهتا، جتي هڪ ننڍو ڪوهه هو. ڪوه ڏسندي ئي ڪين آئت اچي ويو. اڳتي وک نه وڌين. 'جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو' اهو خيال ڪري اُتي ئي منزل هنيائون. هڪ اُيي پهاڙي ٽيلي جي اوٽ ۾ ننڍي بستي آباد ٿي ويئي.

ڏرمداس ڪلهي تان بندوق لاهي، هڪ پٿر تي ويهي، خزانچند کي چيو "تو پنهنجي لاءِ ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي؟ تنهنجي لک سوا لک جي ته ملڪيت هوندي."

خزانچند مايوس نوع ۾ جواب ڏنو "لک سوا لک جي ته ڪانه هئي، البت پنجاهه سٺ هزارن جي هئي."

"ته پوءِ هاڻي ڇا ڪندين؟"

جيڪي سر تي ايندو سو سهندس. ٻه چار مائٽ راولپنڊيءَ ۾ آهن، شايد اُهي مدد ڪن. تو پنهنجو ڪهڙو ويچار ڪيو آهي؟"

"مونکي ڪهڙو فڪر آهي؟ پنهنجا ٻه هٿ سلامت

نہ سوار اچي سر مٿان ڪڙڪيس ۽ کيس گهيرو ڪري ويا. ڌرمداس همت ڀريو جوان هو، پر اچانڪ موت مٿان ڏسي ڍلجي ويو. سندس اکين اڳيان اونداهيرو ڇانئجي ويو. هٿ مان بندوق ڇڏائجي ڪري پيس!

هڪ پٺاڻ چيو ”اڙي او سر مردود جو. دغاباز! ڪافر!“

ٻئي چيو ”نہ نہ. ترسو. جيڪڏهن هي هاڻي بہ اسلام قبول ڪري تہ اسين کيس معاف ڪري سگهون ٿا. ڪٿي ڌرمداس، توکي هن دغا جي ڪهڙي سزا ڏجي؟ اسان توکي هڪ رات جي مهلت ويچار ڪرڻ لاءِ ڏني، پر تون رات واه اسانکي دوکو ڏئي ڀڄي نڪتين. ان دغا جي سزا تہ اها آهي تہ توکي هن وقت جهنم اماڻيو وڃي. مگر اسان توکي ٻيو بہ وجهہ ڏيون ٿا. هيءُ آخرين موقعو اٿيئي. جيڪڏهن تون اڃا بہ ڪفر نہ ڇڏيندين تہ هيءُ تيز تلوارون ڏس. انهن سان توکي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو.“

ڌرمداس هٻڪندي هٻڪندي جواب ڏنو ”جا ڳالهہ عقل قبول نہ ٿو ڪري سا . . . . . .

”سا . . . سا سمجهو سر. مذهب جو عقل سان ڪو تعلق ڪونهي.“ ٻهرين سوار غصي ۾ ڀرجي چيو.

ٽيون- ڪفر آه! ڪفر آه!

ٻهريون- اڙي او سر مردود جو. چلايو تلوار.

پيو- ترسو ترسو. ماري وجهڻ مشڪل ناهي، جيارڻ مشڪل آهي. ڌرمداس، تنهنجا ٻيا ساٿي ڪٿي آهن؟

جا هن حال ۾ ۽ سندس نگهبان هئي ۽ جنهنجي مرضي هئي ته شياما خزانچند سان پرڻجي. ڇوڪريءَ جي حياتي به سک آرام ۾ گذري ۽ کيس به پيريءَ ۾ سهارو ملي وڃي. مگر شياما ڏرمداس طرف مائل هئي. هنکي کهڙي خبر ته جنهن خزانچند کي هوءَ انڪار جون نوڪرون هڻي رهي آهي، سوئي سندس ڀولڊيءَ جو ناڪئو آهي. خزانچند ئي ان ڀڏيءَ جو سيٺ، خزانچي وڪيل ۽ سڀ ڪجهه هو، گرچ کيس اها ڄاڻ هئي ته شياما هن حياتيءَ ۾ کيس ڪين ملي سگهندي. جيڪس سندس دولت مان اهو ڪارج سڌ نه ٿيندو هجي ها ته هو سڀ ڪجهه لٽي وڃي فقير ٿئي ها.

(٢)

ڏرمداس پاڻي ڪٽڻي موٽيو ٿي ته کيس اولهه کان ڪيترا سوار ڏوڪيندا نظر آيا. هن ڳڻي ڏٺا ته پنج هئا. سندس بندوق جون ناليون اُس ۾ صاف چمڪي رهيون هيون. ڏرمداس ڊوڙيو، ان لاءِ ته رستي ۾ سوار نه اچي مٿان ڪڙڪن. پر ڪلهي تي بندوق ۽ هٿ ۾ لوٽو ڏوري هوندي تکو ڊوڙي نه ٿي سگهيو. مفاصلو به سؤ کن وال هو. رستي ۾ پٿرن جا ڍير ڇڙوڇڙ پيا هئا. خوف ٿي ٿيس ته ڪا ٺوڪر نه لڳي وڃي، ڪٿي پير نه کسڪي وڃي. هوڏانهن سوار پل پل ۾ ويجها پوندا ٿي ويا. عربي گهوڙن سان پيرڙيو ماڻهو ڪٿي پڄي سگهندو؟ اڃا ٻه ڇاهه کن قدم مس کنيائين

ڏسي رهي هئي. هوءَ دل ۾ پڇتائي رهي هئي ته مون ناحق کيس ٻاٽي پرڻ لاءِ موڪليو. جيڪڏهن معلوم هجيم ها ته تقدير لڪي لامارو هڻڻ واري آهي ته جيڪر پياس ۾ مرندي مري وڃان ها، پر کيس ٻاٽي پرڻ کين موڪليان ها. شياما کان ڪجهه پرڀرو خزانچند پرڻ بيٺو هو. شياما ڏانهنس آلين اکين سان نهاري چيو "هاڻي سندس جان بچڻ جو ڪو امڪان ڪونه ٿو ڏسجي."

خزانچند - بندوق ته هٿ مان ڪري پيس!

شياما - نه ڄاڻان ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون ٿين. اڙي غضب! هو ظالم ڏانهنس بندوق تاڻي رهيو آهي.

خزانچند - ٿورو اڳيرو وڃڻ ته مان بندوق هلايان. ايتريءَ دوريءَ جو زور هن ۾ ڪونهي.

شياما - اڙي! ڏسو، هو سڀ کيس گلي لائي رهيا آهن. هيءَ ماجرا ڪهڙي؟

"ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي."

"ڇا هن اسلام نه کين قبوليو؟"

"شايد. ڌرمداس مان اهڙي اُميد لئل ڪانه هئي."

شياما بيتاب ٿي چيو "مون سمجهيو. نيڪ اِها ڳالهه آهي. بندوق چلاءِ."

"ڌرمداس وچ ۾ آهي. کيس نه لڳي وڃي."

"ڪو هرج ڪونهي. منهنجي مرضي آهي ته پهرين گولي ڌرمداس کي ئي لڳي. بي غيرت! بي شرم! جان لاءِ پنهنجو ڌرم ڇڏي ڏنائين! اهڙي بي حيائيءَ

ڏرمداس - سڀ مون سان گڏ آهن.

ڀيو - ڪلام الله جو قسم. جيڪڏهن توهين سڀ خدا پاڪ ۽ خدا جي رسول تي ايمان آڻيو ته پوءِ ڪو اوهان ڏانهن تيز اک کڻي به ڪين نهاري سگهندو.

ڏرمداس - ويچار ڪرڻ لاءِ به ڪو وقت ڏيندا يا نه؟

اُن تي پنجن ئي سوارن پڪاريو "نه، نه - بلڪل نه! اسين توکي هٿان ڪين ڇڏينداسون هيءَ آخرين موقعو آهي"

ايترو چوندي ڀيرين سوار بندوق ڏرمداس جي سيني طرف سڌي ڪري چيو "بس يڪدم ٻڌاءِ ڇا منظور اٿيئي؟"

تنهن کان پوءِ ٽائين ڪنبندي چيو "جيڪڏهن مان اسلام قبول ڪريان ته منهنجي ساٿين کي ته ڪا تڪليف ڪا نه رسندي؟"

ڀيو - بشرطيڪ تون ضامن پوندين ته اُهي به اسلام قبول ڪندا.

ڀيرون - اهو شرط اجايو آهي. تنهنجي ساٿين سان اسين پاڻهي پڄنداسون. تون پنهنجي ڳالهه ڪر هائو يا نه؟

ڏرمداس زهر جو ڍڪ پيئي چيو "مان خدا تي ايمان آڻيان ٿو."

پنجن ئي پٺاڻن يڪزبان ٿي چيو: الحمد الله! الحمد الله! ۽ پوءِ واري سان ڏرمداس کي پاڪ ڪرڻ پاتائون.

(٣)

شياما دل کي ٻنهي هٿن سان دٻي هيءَ نظارو

ٿيون - خزانچند، توکي دغا، خون ۽ ڪفر جا ٿي الزام آهن. توکي قتل ڪرڻ عين ثواب آهي، مگر توکي هڪ وجھ ٻيو ٻ ڏيون ٿا. جيڪڏهن تون هاڻي ب خدا ۽ خدا جي رسول تي ايمان آڻين ت اسين توکي ڇائيءَ سان لائڻ لاءِ تيار آهيون. ان کانسواءِ تنهنجي گناهن جو ٻيو ڪو ڪفارو (پراشچت) ڪونهي. اهو اسانجو آخرين فيصلو آهي. چؤ توکي ڇا چوڻو اٿيئي؟

ڇهني پٺاڻن مياڻن مان تلوارون ڪڍيون ۽ خزانچند جي سر مٿان جهلي بيٺا، گويا 'ن' جو لفظ سندس زبان مان نڪرندي ئي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويندو.

خزانچند جي چهري تي بهادريءَ جي شان جو جلوو نظر آيو. سندس اکيون شهادت جي شوق سان ٻهڪڻ لڳيون. تحمل ۽ بردباريءَ سان چوڻ لڳو "اوهين هڪ هندوءَ کان اهو سوال ڪري رهيا آهيو؟ ڇا، اوهين سمجھو ٿا ت جان جي خوف کان سندس ايمان ڪي لوڏو اچي ويندو؟ هندن کي پنهنجي ايشور وٽ پهچڻ لاءِ ڪنهن نبيءَ وليءَ يا پيغمبر جي ضرورت ناهي."

ڇهني پٺاڻن پڪاري چيو: ڪفر! ڪفر!

خزانچند - جيڪڏهن توهين اهو ڪفر ٿا سمجھو ت پل سمجھو. مان پاڻ کي اوهان کان وڌيڪ خدا پرست ٿو سمجھان. مان اُن ڌرم جو پيروي ڪندڙ آهيان جنهنجو بنياد عقل ۽ آزاديءَ تي آهي. انسان ۾ عقل ئي

جي جيوت کان موت هزار درجا بهتر آهي. اجا ڪهڙي ويچار ۾ آهين؟ ڇا تنهنجا هٿ پير ٻڌي سگهي ويا؟ مونکي ڏي بندوق. آءٌ اُن بي غيرت کي پنهنجي هٿن سان ماريندي‌س."

"مونکي نه پڪ نه آهي پوي ته ڪو ڏمداس...

"اڪين ٻيان ڏسي به اعتبار نٿو اچيئي؟ مونکي ڏي بندوق. مڙوُ ٻڌجي بيٺو ٿو لڪين! ڇا، هوُ سر تي اچي ڪڙڪندا، تڏهن بندوق هلائيندين؟ ڇا، توکي به اِهو منظور آهي ته اسلام تي ايمان آڻي جان بچائين؟ ڏاڍو ڇگو. وڃ. شياما پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهي ٿي. کيس تو جهڙي نامرد جي حفاظت جي ضرورت ناهي. مگر کيس وري پنهنجو منهن نه ڏيکارج."

خزانچند يڪدم گولي چلائي: ٺا! گولي هڪ سوار جو پٽڪو اُڏائي ويئي. جهادين 'الله اڪبر' جو نعره ماريو. ٻي گولي ڇٽي: ٺا! اُها هڪ گهوڙي کي ڇاتيءَ ۾ لڳي. گهوڙو اُتي ئي ڪريو. جهادين وري "الله اڪبر" جو نعره ماريو. ٽين گولي آئي: ٺا! هڪ پٺاڻ زمين تي ڪري ڇڙهيون هڻڻ لڳو. چوٿين گولي ڇٽڻ تي هئي ته چار پٺاڻ اچي خزانچند مٿان ڪِڙڪيا ۽ سندس هٿ مان بندوق کسي ورتائون!

هڪ سوار خزانچند طرف بندوق تاڻي چيو "اُڏايان سر مردود جو؟ هن کان خون جو بدلو وٺڻو آهي."

ٻيو - نه نه، هيءُ دلير آدمي آهي.

۾ اچ. تنهنجا سڀ ڪپڙا رت ۾ پيل پيا آهن. هنڻ روئڻ مان ڇا وزندو؟ هي پناڻ اسانجا دوست آهن. اسانکي ڪا تڪليف ڪا نہ ڏيندا. اسين وري گهر هلنداسون ۽ حياتيءَ جا ڏينهن آرام سان گذاريندا سون. شياما ڏانهس نفرت جي نگاه سان گهور ڪري نهاري چيو "توکي پنهنجو گهر ايترو پيارو آهي تہ وڃ. منهنجو فڪر ڪين ڪر. آءٌ هاڻي ڪين هلنديس. هان جيڪڏهن مون لاءِ اجا بہ ڪو پيار اٿيئي تہ هنن پنهنجن دوستن کي چؤ تہ انهن تلوارن سان منهنجي بہ پڇاڻي ڪن."

ڏرمداس دردي نوع ۾ چيس "شياما، تون اِهو ڇا ٿي چئين؟ توکان وسري ويو تہ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪهڙا انجام اقرار ٿيا هئا. مونکي پاڻ خزانچند جي موت تي رنج آهي، مگر تيئٽيءَ کي ڪير ٽاري سگهي."

شياما - جيڪڏهن هيءَ تيئٽي هئي، تہ اِها بہ تيئٽي جاڻ تہ مان ساري عمر هن پوتر آتما جي يادگيريءَ ۾ گذاريندس، جنهنجو حياتيءَ ۾ مون ڪو قدر ڪو نہ ڪيو!

ائين چوندي شياما جي ڳوڙهن جو ڦوهارو، جو اجا تائين نفرت ۽ ناراضپي هيٺان دٻيل هو، ڇلڪي پيو. هوءَ خزانچند جي سرد ۽ بيحس هٿن کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي اچي روئڻ ۾ چڙڪي.

چار سنگدل پناڻ بہ هيءَ وفائيءَ ۽ قربانيءَ جو دردي نظارو ڏسي رهيا هئا. نيڻ سندن دل ڀرڻ پيئي. هڪ ڏرمداس کي چيو "هن پارسا خاتونءَ کي

حقيقي نور آهي. اسانجو ايمان عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ٿو.

ڇٽني پٺاڻن جي زبان مان نڪتو:- ڪفر! ڪفر! ۽ ڇارئي تلوارون گڏوگڏ خزانچند جي گردن تي وهي ويون! لاش زمين تي تڙفڻ لڳو. ٽرمداس ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. هُو دل ۾ خوش هو ته هاڻ خزانچند جي ساري ملڪيت منهنجي هٿ چڙهندي ۽ شياما سان گڏ حياتيءَ جون موجون ماڻيندس. مگر تقدير ڪجهه ٻيو سٽي رهي هئي. جڏهن خزانچند زمين تي ڪريو، تڏهن ئي شياما مستيءَ جي حالت ۾ ڊوڙي آئي ۽ ڪيس گود ۾ ڪري، رئي جي پلؤ سان رت جي ڌارا کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. سندس سڀ ڪپڙا رت سان رڱجي پيا. هن ڪئين سهڻيون سٽيون پاتيون هيون، پر ان رت- رنگيل سٽڻ جو شان ٻيان کان ٻاهر هو. گلن ڦلن سان پُريل سٽيون سندس سونهن کي سوايا وڌائينديون رهيون؛ مگر هيءَ شهيدي رت سان پُريل سٽڻ سندس آتما کي روشن ڪري رهي هئي. خزانچند جي اُجهامندڙ اکين ۾ نوراني جلوو ٿي ٻڪيو. انهن نيڻن ۾ ڪيڏي نه روحانيت، ڪيتري نه خوشي، ڪهڙو نه شان جهلڪا ڏئي رهيو هو. جيڪڏهن جنهنکي پريم جي بيک به نه ملي، سو هئي اَپار پريم جو مالڪ بڻجي پيو.

(٥)

ٽرمداس شياما جو هٿ جهلي چيو "شياما، هوش

هئي. اُن لاثاني ورثي کي تو اج خسيس جان لاء کوهي ڇڏيو. اهڙي موت توکي مبارڪ هجي. تون وڄ. جن تلوارن سور بير خزانچند جي حياتيءَ جو فيصلو ڪيو آهي، تن منهنجي پريم جو پڻ فيصلو ڪري ڇڏيو. حياتيءَ ۾ مون ساڻس جيڪا بي رخي ۽ بي وفائي ڪئي آهي، تنهن جي تلافي، سندس مرڻ پڄاڻا ڪنديس. هو ڌرم تي جان ڏيڻ وارو جوڌو هو. ڌرم وڪڻڻ وارو ڪانئر ڪين هو. جيڪڏهن تو ۾ اڃا به ڪجهه همدردي آهي ته هن لاش جي ڪريا ڪرم ۾ منهنجي مدد ڪر پر جيڪڏهن تنهنجي مالڪن کي اهو به پسند نه هجي ته نهيو. آءٌ سڀ ڪجهه پاڻ اڪيلي سر ڪنديس."

دلير پناڻن جي دل درد سان ڦُٽڻ لڳي. انسانيت جو جذبه جهاد تي غالب پئجي ويو. ڏسندي ڏسندي ڪاٺين جو انبار لڳي ويو. ڌرمداس شرم ۾ ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. چئن پناڻن چکيا تيار ڪئي ۽ جن بيدرد هٿن خزانچند جي جان ورتي هئي، تن سندس لاش کي چکيا تي رکيو. شياما پنهنجي هٿن سان آگ لڳائي. شعلا آسمان طرف وڌندا ويا ڄڻ ته اگني ديوتا پنهنجي آتشين زبانن سان اُن ڌرم-وير جو جس ڳائي رهيو هو.

(٢)

پناڻن خزانچند جي سڀ دولت آڻي شياما کي ڏني. هن گهڻوئي انڪار ڪيو، مگر ٻڌي ڪير. شياما

چؤ ته اسان سان گڏجي هلي. اسين جند جان سان سندس
سنڀال ڪنداسون. اسان مان ڪو ٻيو پورو نه سمجهي."

ڌرمداس جي سيني ۾ حسد جي باهه ٻرڪا ڏيئي
رهي هئي. اُها سندري، جنهن کي هو پنهنجي سمجهي
ويٺو هو، هن وقت سندس صورت ڏسڻ کان به بيزار
هئي. پرچائڻ سانگي چيائينس "شياما، تون ڀلي هن
لاش تي ڳوڙهن جو درياه وهاءِ، پر هو جيئرو ڪين
ٿيندو، ۽ نه ڪي خزانچند هاڻي تنهنجي وفائيءَ جو
قدر ڪري سگهندو. هتان هلڻ جي تياري ڪر. مان
پنهنجي دوستن کي به ٻاهر ٿو ڪريان. هيءُ اسانجي
بچاءَ جو ذمو ٿا کڻن. اسانجون جايون جڳهيون، مال
ملڪيت سڀ موٽي ملندا. خزانچند جي دولت جا
مالڪ به اسين ٿينداسون. هاڻي دير نه ڪر. روئڻ پٽڻ
مان ڪي ڪين وريندو."

شياما ڌرمداس ڏانهن اُلا ڪيڏندڙ اکين سان نهاري
پڇيو "۽ ان موٽڻ جي قيمت ڪهڙي ڏيڻي پوندي؟
ساڳي، جيڪا تو ڏني آهي؟"

ڌرمداس اهو طعنو سمجهي ڪين سگهيو. چيائين
"مون ته ڪا قيمت ڪا نه ڏني آهي. مون وٽ رکيو
ڇا هو؟"

شياما - تو وٽ ڇا رکيو هو؟ تو وٽ اُهو امولڪ
خزانو هو، جو توکي رشين کان بخشيش ٿيو هو، جنهنجي
سنڀال رگهوءَ ۽ منوءَ، رام ۽ ڪرشن، ٻڌ ۽ شنڪر ڪئي

ڏرمداس اُٿي ئي زمين تي ويهي چيو:- ”هان شياما، مان بدنصيب ڏرمداس ئي آهيان. ٻارهن مهينا دربدر ڦرندو وتيو آهيان. مون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ انعام جو اعلان ڪيو ويو آهي. سارو علائقو منهنجي پٺيان آهي. آءٌ حياتيءَ مان ڪڪ ٿي پيو آهيان، مگر موت ٻه نٿو اچي.“

شياما ڪو جواب ڪونه ڏنو. ڏرمداس گهڙي کن رکي وري بيڪسيءَ جي نموني ۾ چيو ”ڪنهن شياما، ڇا اڃا تائين تنهنجي دل مونڏانهن صاف نه ٿي آهي؟ تو منهنجي خطا معاف نه ڪئي آهي؟“

شياما رکائيءَ سان چيس ”مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو.“

”مان اڃا تائين هندو آهيان. مون اسلام قبول ڪونه ڪيو آهي.“

”ڄاڻان ٿي.“

”اهو ڄاڻندي به توکي مون تي رحم نه ٿو اچي؟“

شياما سخت نگاهن سان نهاري، جوش ۾ ڀري چيس ”توکي مون سان اهڙيون ڳالهيون ڪندي شرم نه ٿو اچي؟ مان هن شهيد جي ڪنوار آهيان، جنهن پنهنجي قوم جي لاڄ رکي آهي؛ پنهنجي ڌرم تان ساهه صدقي ڪيو آهي. تون سمجهين ٿو ته هو مري ويو آهي. اِها تنهنجي غلطي آهي. هو اَمر آهي. مان هن وقت به سندس نوراني چهرو ڏسي رهي آهيان. تون ڪانئر، دوکيباز ۽ بي حياءُ آهين. تو هندو قوم کي

اُتي ئي پهاڙ جي دامن ۾ ڪوهه جي پرسان هڪ ڪٽيا اَڏائي ۽ وفائيءَ جو حق نباهڻ لڳي. ٻيئي پاڙيسرڻ ساڻس گڏ رهي. باقي ٻيا سڀ آدمي واپس موٽي ويا، ڇاڪاڻ ته هاڻي اسلام قبول ڪرڻ جو شرط ڪونه هو. خزانچند جي شهادت جهاد جي جذبي ڪني ٺاري ڇڏيو هو. ڌرمداس به اُتي ئي رهڻ تي چاهيو، پر پناڻن ڪيس ڪين ڇڏيو. ساڻ وٺي ويس. ٻئي ڏينهن مسجد ۾ اَنيڪ ملن جو ميڙ ٿيو. ڪي ماڻهو ڌرمداس کي سندس گهر سڏڻ ويا، مگر اُتي سندس پتو ڪونه پيو. چوطرف هن لاءِ ڳولا ڪئي ويئي، مگر ڪٿي به ڏس ڪونه مليو.

سچو سال گذري ويو. شام جو وقت هو. شياما پنهنجي جهوپڙيءَ جي سامهون پنهنجي آئينده جا مٺا سپنا لهي رهي هئي. گذريل زمانو دکدائي، حال دل-ٽوڙ هو. سڀ آرزو ايندڙ وقت سان جڙيل هيون ۽ آئينده به اُهو، جنهن جو هن حياتيءَ سان ڪو واسطو ڪونه هو. آتما جي ڪيڏي نه اُوچ منزل ڇٽي!

آسمان تي لالائي ڇانيل هئي ۽ سامهون پهاڙ سونهري پوشاڪ پهري خوشنما نظارو پسائي رهيا هئا. وڻن جي لڏندڙ ٽارين مان پانت پانت جا آلاپ اچي رهيا هئا، ڄڻ ته ڪنهن دردي گيت جون تانون ٿي لڳيون.

اوچتو هڪ خستہ حال، اگهاڙو آدمي اچي جهوپڙيءَ جي سامهون بيٺو. ڪٿو زور سان پڙڪي اُٿيو. شياما ڇرڪ پري نهاريو ۽ تعجب ۾ پڪاري چيائين: ڌرمداس!

راڻي سارندا

انڌيري رات جي سناٽي ۾ وهندڙ ندي ٽڪرن ۽ پٿرن سان لڳي سهاوڻو آواز پيدا ٿي ڪيو، گويا ڇڪيون گهر... ر، گهر... ر ڪري رهيون آهن. درياه جي ساڄي ڪناري، هڪ ٽيلي تي پراڻو قلع ٺهيل آهي. اُڀرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. اُهو قلعو ۽ ڳوٺ بنديل سردارن جا يادگار آهن. صديون گذري ويون. بنديل ڪنڊ ۾ سلطنتون ٺهيون ۽ بگڙيون. مسلمان آيا ۽ ويا. بنديل راجائون اُسريا ۽ ڪريا. ڪا ديهه، ڪو علائقو اهڙو نه هو، جنهن تي اُنهن ڪاهن جو داغ نه لڳو هجي، مگر هن قلعي تي ڪنهن دشمن جو جهنڊو نه جهليو ۽ هن ڳوٺ ۾ ڪنهن ڌارئي قدم نه رکيو. اِها اُن جي خوش نصيبي هئي.

آنند سنگهه دلير راجپوت هو. اُهو زمانو ئي اهڙو هو، جڏهن هر شخص کي مجبور بهادر ۽ جانباز بڻجڻو پوندو هو. هڪ طرف مسلمان فوجون حملا ڪنديون هيون، ٻئي طرف زبردست بنديل راجائون ننڍين ننڍين رياستن

بدنام ڪيو آهي. منهنجي سامهون هٽي وڃ."

ڏرمداس ڪو جواب ڏيئي نہ سگهيو. چپ چاپ ۾ اُٿي، اُيو ساهہ ڀري رمندو رهيو.

صبح جو شياما پاڻي ڀرڻ ٿي ويئي تہ ڏسڻي ۾ ڪيس هڪ لاش نظر آيو. ٻہ چار ڄڻا ڪڍهو مٿس لاما را ڏيئي رهيون هيون. سندس ڇاتي ڌڙڪڻ لڳي. ويجهو وڃي ڏنائين. سڃاتائينس. هوءَ ڏرمداس هو!

شياما جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پٽ تي پيا، جنهن سندس ساري ڪدورت کي انهن مٽي ڇڏيو، جٿن گرمي برف ڳڳهاري پاڻي ڪري ڇڏي.

سارندا - توکي لولي ڏيئي رهي آهيان.
سيتلا - منهنجي اکين مان ته ننڊ اُڏامي ويئي آهي.
سارندا - کنهن کي ڳولڻ ويئي هوندي.

اينتري ۾ دروازو کليو ۽ ڪجهي قد جو پريل بدن وارو جوان اندر آيو. اُهو انرڌ هو. اسندس ڪپڙا پسيل هئا ۽ بدن تي ڪو هٿيار ڪونه هوس. سيتلا ڪمت تان لهي هيٺ ويهي رهي. سارندا پڇيس "دادا ڪپڙا ڇو پسيا اٿيئي؟"

انرڌ - ندي تري آيو آهيان.
سارندا - هٿيار ڪيڏانهن ڪيءِ؟"
انرڌ - ڪسجي ويا.
سارندا - ۽ ساٿي سپاهي؟
انرڌ - سڀ ميدان ۾ مارجي ويا.
سيتلا دبيل آواز ۾ چيو "پرماتما سک ڪيو."
مگر سارندا بگڙي ويئي. سندس منهن لال ٿي ويو. چيائين "دادا! تو ڪل جي رسم ٽوڙي ڇڏي. ائين اڳ ڪڏهن ڪونه ٿيو آهي."

سارندا پاڻ کي گهڻو گهرندي هئي. سندس اهي جلائيندڙ ويڻ ٻڌي انرڌسنگهه شرم ۾ عرق عرق ٿي ويو ۽ اُهو مردانه جوش، جنهن کي سڪ ڪجهه دير لاءِ ٿڌو ڪري ڇڏيو هو، اُن طعني تي پڙ ڪي اُٿيو. هو پوئين پير موٽيو ۽ ائين چئي "سارندا! تو مونکي

ڪي حريص نگاهن سان ڏسندا رهندا هئا. اَنرڌ سنگهه وٽ سوارن ۽ پيادن جي توري مگر آزمودگار فوج هئي. اُن سان هوُ پنهنجي خاندان جو شان ۽ پنهنجي وڏن جي عزت قائم رکندو ايندو هو. ڪيس ڪڏهن آرام سان وهڻ نصيب نه ٿيو، ٻي سال ٿيا جو سندس شادي سيتلا ديوي سان ٿي، مگر انرڌ سنگهه جي پريم پريت جا ڏينهن ۽ آسن اُميدن جون راتيون جهنگلن ۽ بيابانن ۾ گذرنديون هيون ۽ ويچاري سيتلا ديوي جون سندس سک سلامتيءَ لاءِ آرادنا ڪرڻ ۾. هن ڪيترا ڀيرا پنهنجي پتيءَ جي پيرن تي ڪري ڪيس ليلايو ته اوهين منهنجي اکين کان پاسي ڪين ٿيو. مونکي رڻ يوميءَ ۾ وٺي هلو. مونکي اوهان سان گڏ جهنگل ۾ رهڻ به منظور آهي، مگر هيءُ وڇوڙو هينئر سٺو نه ٿو وڃي. هن ٻيار مان ليلايو ۽ منٿ ڪري ڇيو، ضد ڪيو، مگر انرڌ سنگهه بيدل هو. سيتلا پنهنجي ڪنهن به حيلي وسيلي سان مٿس سوڀ پائي ڪين سگهي.

آڌي رات هئي. ساري دنيا ننڊ ۾ هئي، مگر تارا آسمان ۾ سجاڳ هئا. سيتلا ديوي پلنگ تي سمهي پاسا ورائي رهي هئي ۽ سندس نٽان سارندا فرش تي ويهي دلڪش آواز ۾ ڳائي رهي هئي:-

بنا رگهوبير ڪو ديکي -
نهين دل ڪو قرار ي هيءِ.

سيتلا - جيءُ نه جلاءِ. ڇا توکي به ننڊ نه ٿي اچي؟

شادي اورڇا جي راجا چمپت راءِ سان ٿي، ته به اُن
ڏينهن جي يادگيري ٻنهي استرين جي دل ۾ ٿي کٽڪي.

(۲)

راجا چمپت راءِ نهايت دهشت وارو ۽ جانباز راجپوت
هو. ساري بنديل قوم مٿس ناز ڪندي هئي. سندس
اک جي اشاري تي فوجون تيار ۽ بادشاهتون برباد ٿي
وينديون هيون. تخت تي چڙهندي ئي هن مغل بادشاهن
کي ڏيل ڏيڻ بند ڪئي ۽ تلوار جي زور سان پنهنجي
راڄداليءَ جون حدون وڌائڻ لڳو. اسلامي لشڪرن
بار بار حملا ڪيا، مگر شڪست کائي موٽيا. سوربير راجا
جي نالي تي سارو بنديل کنڊ فدا ٿيڻ لاءِ تيار هو. موقع
موچارو ڏسي، انردسنگهه پنهنجي پياري ڀيڻ، سندس
ڀرير پرئي سنبنڌ ۾ سونپي. سارندا جي من مانهي مراد
پوري ٿي. سندس اها آرزو، ته منهنجو پتي سڀني
بنديلن جو سرتاج هجي، پوري ٿي ويئي. جيتوڻيڪ
چمپتراءِ جي رڻواس ۾ پنج راڻيون هيون، هڪ ٻئي کان
وڌيڪ سوپياوان، ته به ڪيس سنت ئي معلوم ٿيو ته اُها
استري، جا دل ۾ منهنجي پوڄا ڪندي آهي،
سارندا ئي آهي.

راجا خود مختيار هو، مگر اتفاق اهڙو اچي بڻيو،
جو ڪيس دهليءَ جي دربار جو ڳت ڳچيءَ ۾ وجهڻو پيو.
هن پنهنجو ملڪ ۽ مال پنهنجي ڀاءُ پهاڙسنگهه کي سونپيو
۽ پاڻ دهلي ڏانهن روانو ٿيو. شاهه جهان جو آخرين وقت

عمر لاءِ خبردار ڪري ڇڏيو. اهي ڳالهيون مون کان ڪڏهن ڪين وسرنديون“ ٻاهر هليو ويو.

اونداهي رات هئي. ٻاهر ڪاري ٻاٽ هئي. انرت سنگهه قلعي کان ٻاهر نڪتو ۽ توري وقت ۾ ندي جي ڀرين پر وڃي پهتو. پوءِ اونداهيءَ جي اٿاهه ساگر ۾ گم ٿي ويو. سيتلا سندس پٺيان قلعي جي ڊنگ تائين آئي مگر جڏهن انرت سنگهه اچانڪ ڏيئي ٻاهر ٽپي پيو، تڏهن هوءَ برهه جي ماري هڪ پٿر تي ويهي رڙ لڳي.

ايتري ۾ سارندا به اچي پهتي. سيتلا ناڳڻ جيان شوخ ٿي چيس ”رسم ايتري پياري اٿيئي؟“

سارندا - جيءَ.

سيتلا - پنهنجو پتي هجيئي ها ته ڪيس ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏين ها.

سارندا - نه. ڇاتيءَ ۾ خنجر ٽنبيانس ها.

سيتلا ٺوڪ مان چيس ”ڏوليءَ ۾ لڪائي ڇڏيندينس منهنجي ڳالهه ڳنڍ ٻڌي ڇڏ.“

سارندا - جڏهن اِها نوبت ايندي، تڏهن آءٌ پنهنجي وچن جي پوئواري ڪري ڏيکاريندس.

سيتلا - پاڻهي خبر پوندي.

سارندا - بيشڪ.

ان واقع کان ٽي مهنا پوءِ انرت سنگهه مهروني جو قلعو فتح ڪري موٽيو. ٻارهن مهنن کانپوءِ سارندا جي

شادي اورڇا جي راجا چمپت راءِ سان ٿي، ته به اُن ڏينهن جي يادگيري ٻنهي استرين جي دل ۾ ٿي کٽڪي.

(٢)

راجا چمپت راءِ نهايت دهشت وارو ۽ جانباز راجپوت هو. ساري ٻنديل قوم مٿس ناز ڪندي هئي. سندس اک جي اشاري تي فوجون تيار ۽ بادشاهتون برباد ٿي وينديون هيون. تخت تي چڙهندي ئي هن مغل بادشاهن کي ڏل ڏيڻ بند ڪئي ۽ تلوار جي زور سان پنهنجي راڄڌانيءَ جون حدون وڌائڻ لڳو. اسلامي لشڪرن بار بار حملا ڪيا، مگر شڪست کائي موٽيا. سورهيه راجا جي نالي تي سارو ٻنديل ڪٽنب فدا ٿيڻ لاءِ تيار هو. موقع موچارو ڏسي، انرڌسنگهه پنهنجي پياري ڀيڻ، سندس پريم پرڻي سمبنڌ ۾ سونپي. سارندا جي من ماني مراد پوري ٿي. سندس اها آرزو، ته منهنجو پتي سڀني ٻنديلن جو سرتاج هجي، پوري ٿي ويئي. جيتوڻيڪ چمپتراءِ جي رڻواس ۾ پنج راڻيون هيون، هڪ ٻئي کان وڌيڪ سوڀياوان، ته به ڪيس ستت ئي معلوم ٿيو ته اُها استري، جا دل ۾ منهنجي پوڄا ڪندي آهي، سارندا ئي آهي.

راجا خود مختيار هو، مگر اتفاق اهڙو اچي ٻڻيو، جو ڪيس دهليءَ جي دربار جو ڄُٽ ڳچيءَ ۾ وجهڻو پيو. هن پنهنجو ملڪ ۽ مال پنهنجي ڀاءُ ڀهاڙسنگهه کي سونپيو ۽ پاڻ دهلي ڏانهن روانو ٿيو. شاهه جهان جو آخرين وقت

عمر لاءِ خبردار ڪري ڇڏيو. اهي ڳالهيون مون کان ڪڏهن ڪين وسرنديون" ٻاهر هليو ويو.

اونداهي رات هئي. ٻاهر ڪاري ٻاٽ هئي. انرت سنگهه قلعي کان ٻاهر نڪتو ۽ توري وقت ۾ نديءَ جي ٻرين پر وڃي پهتو. پوءِ اونداهيءَ جي اٿاه ساگر ۾ گم ٿي ويو. سيتلا بندس پنهنجي قلعي جي دنگ تائين آئي مگر جڏهن انرت سنگهه اچانڪ ڏيٺي ٻاهر نڪري پيو، تڏهن هوءَ برهه جي ماري هڪ پٿر تي ويهي رئڻ لڳي.

ايتري ۾ سارندا به اچي پهتي. سيتلا ناگڻ جيان شوخ ٿي چيس "رسم ايتري پياري اٿيئي؟"

سارندا - جيءَ.

سيتلا - پنهنجو پتي هجيئي ها ته ڪيئن چاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏين ها.

سارندا - نه. چاتيءَ ۾ خنجر کنبيانس ها.

سيتلا ٽوڪ مان چيس "ڏوليءَ ۾ لڪائي ڇڏيندينءَس منهنجي ڳالهه ڳنڍ ٻڌي ڇڏ."

سارندا - جڏهن اِها نوبت ايندي، تڏهن آءٌ پنهنجي وچن جي پوئواري ڪري ڏيکاريندس.

سيتلا - پاڻهي خبر پوندي.

سارندا - بيشڪ.

ان واقع کان ٽي مهنا پوءِ انرت سنگهه مهروني جو قلع فتح ڪري موٽيو. ٻارهن مهنن کانپوءِ سارندا جي

مون تنهنجي منهن تي ڪڏهن مرڪ ڪا نه ڏٺي، جا منهنجو من موهي ڇڏيندي هئي. تو ڪڏهن مونکي پنهنجي هٿن سان پان جو بيڙو نه کارايو. ڪڏهن منهنجي پڳڙي نه سنواري - ڪڏهن منهنجي بدن تي هٿيار نه سنواريا - کهڙي ڳالهه آهي؟ ڇا، مان اهو خيال ڪريان ته تنهنجي پريم ۾ هنئر اُها تازگي نه رهي؟"

سارندا - پران ناٿ! اوهين مونکان اهڙي ڳالهه ٿا پڇو جنهن جو جواب آءٌ ڏيئي نه ٿي سگهان. بيشڪ اڄ ڪالهه منهنجي طبيعت ٺڙيل نه ٿي رهي - آءٌ گهڻوئي ٿي چاهيان ته خوش رهان، مگر هڪڙو بوجو دل کي دبائي رهيو آهي.

چمپت راءِ (ڪجهه خشڪ ٿي) "مونکي اُن ويدن جو ڪو خاص سبب سمجهي ئي نه ٿو. ايشور توکي ڇا نه ڏنو آهي؟ آخر اور ڇا ۾ کهڙو سک هو جو هتي نه آهي؟"

سارندا جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو - چيائين "مان ڪجهه چوان - اوهين ناراض ته نه ٿيندا؟"

چمپت راءِ - نه - بيشڪ چؤ

سارندا - اورڇا ۾ آءٌ هڪ راڄا جي راڻي هيس، هتي هڪ جاگيردار جي استري. اورڇا ۾ آءٌ اُها هيس، جا ايوڌيا ۾ ڪوشليا هئي. مگر هتي شاهي نوڪ ڪائيندڙ جي داسي آهيان. جنهن بادشاه جي روبرو اڄ نيازمان ڪندي ٿا نوايو سو ٿورن ڏينهن کان اڳ تائين اوهان جو نالو ٻڌي ٿر ٿر ڪنبندو هو، راڻيءَ مان ڦري بندياڻي

هو. وليعهد جي اکين ۾ مروت ۽ دل ۾ شرافت هئي.
هن چمپت راء جي چڙهاين ۽ سوين جا داستان ٻڌا هئا.
ساڻس ڏاڍي لحاظ ۽ عزت سان گڏيو ۽ هڪ وڏي
جاگير کيس سونپي، جنهن جي ساليانيَ پيدائش نو لک
روپيه هئي.

اُهو زندگيءَ جو ٻهريون موقعه هو، جو چمپت راء
جي دل تان آئيندہ جي لڙاين جو کٽڪو لٿو. شان
شوکت سان حڪمراني ڪرڻ لڳو. ڪشمڪش جي
جڳهه فرحت ورتي. عشرت محفلون سينگاريون ۽ خوشي
گانا ڳائڻ لڳي. راجا عيش جي نشي ۾ متوالو ٿي پيو.
راڻيون پٽ پٽيهر ۽ هيرن جواهرن تي ريجهي رهيون.
ڪامرانيءَ جي ڪوڙڪي سڀني کي قيد ڪري ڇڏيو.
عيش سڀني کي مدهوش ڪري ڇڏيو. هڪ سارنداٰئي
هئي، جا انهن ڏينهن ۾ اُداس ۽ دلگير گذاريندي هئي.
هوءَ خوشيءَ جي مجلسن ۾ گهٽ وهندي هئي. سو به
لاچار ۽ شادمانہ جشن جا جلسا کيس پسند ڪين پوندا هئا.

هڪ ڏينهن چمپت راء سارندا کي چيو "سارن، تون
اداس ڇو ٿي رهين؟ مون توکي ڪڏهن ڪلندو ڪين
ڏٺو. ڇا مون سان ناراض ٿي آهين؟".

سارندا اکين ۾ پاڻي آڻي چيو "سوامي! اوهين اهڙو
خيال ڇو ٿا ڪريو؟ اوهانجي خوشي منهنجي خوشي
آهي. جڏهن اوهين خوش آهيو تڏهن آءٌ به خوش آهيان."

چمپت راء- آءٌ جڏهانڪر هتي آيو آهيان، تڏهانڪر

۽ اورنگزيب پنهنجون فوجون سنهرائي دکن مان روانا ٿيا.

برسات جي موسم هئي. نديون واهه ڦوڪيا ٿي وهيا. جهنگ جهر ساوڪ سان سبز ٿي پيو هو. گلزاري گونا گون رنگن سان پنهنجو تماشو ڏيکاري رهي هئي. مراد ۽ اورنگزيب هوس پوري بي صبريءَ سان قدم وڌائيندا ٿي ويا، ايتري قدر جو هو ڍولپور جي ويجهو چمبل نديءَ جي ڪناري تي اچي پهتا، مگر اتي ٻنهي پل تي شاهي فوج سندن مقابلي لاءِ تيار بيٺي هئي.

شهزادو مراد هنن ڏاڍي ڇورا ڪورا ۾ پئجي ويو. سامهون درياه جو ڏؤر وچ ۾ هو. پل تي دشمن جو لشڪر سر-چوٽ هو. ڪنهن سواليءَ جيان نهايت بيڪسيءَ ۽ التجا سان چمپت راءِ وٽ پيغام پهتو ته خدا جي واسطي اچي هيءُ پيگل بيڙو پار ڪر.

راجا رتواس ۾ وڃي سارندا کان پڇيو "هن پيغام جو ڪهڙو جواب موڪليان؟"

سارندا - اوهان کي مدد ڪرڻي پوندي.

چمپت راءِ - مراد جي مدد ڪرڻ معنيٰ دارا شڪوه جو وير خريد ڪرڻ.

سارندا - بيشڪ - مگر شرن آيل جي لاج رکڻ به ته ضروري آهي.

چمپت راءِ (سوچ ڪري) سارن! تو ويچار ڪري جواب نه ڏنو.

سارندا - پران ناٿ! آءٌ چڱيءَ پر ڄاڻان ٿي ته منزل

تي خوش رهڻ منهنجي وس ۾ نه آهي. اوهان هي فرحتون، مؤجي محفلون نهايت ڳري قيمت ڏيئي خريد ڪيون آهن."

چمپت راءِ جي اکين اڳيان پردو هٽيو. هو هن وقت تائين سارندا جي آتمڪ اوچ منزل کان بي خبر هو. جنهن اناٿ بار ماءُ جو ذڪر ٻڌي روئڻ لڳندو آهي، تنهن اورڇا جي ياد تي چمپت راءِ جي اکين ۾ آنسو ڇلڪڻ لڳا. ان سرڌا ڀاؤ سان، جا هڪ سچي اپاسڪ کي ديويءَ سان هوندي آهي، هن سارندا جا چرن چميا. اڄ کان وٺي وري ڪيس ان اُجڙ تيل ملڪ ۾ وسڻ جو فڪر لڳو جتان عيش عشرت جي آرزن جا سونهري پر کيس اُڏائي آيا هئا.

(٣)

جنهن ماءُ پنهنجي وڇايل معصوم ٻار کي لهي نهال ٿي ويندي آهي، تنهن چمپت راءِ جي اچڻ سان بنديل کنڊ نهال ٿي پيو. هو بنديل قوم جو فخر ۽ روشن ستارو هو. اورڇا جو سٽل نصيب جاڳيو. لوبتون وڄڻ لڳيون ۽ هڪ پيري وري سارندا جي نرگسي نيڻن ۾ مرڪ جي جهلڪ نظر اچڻ لڳي.

هيءُ رهندي ڪيترا مهنا گذري ويا. اُن وچ ۾ شاهجهان بيمار ٿي پيو. شهزادن ۾ اڳيئي چڪتاڻ هئي ويتر هن خبر ڦهلجڻ شرط جهيڙن ۽ جنگين جو پيمت پڙڪي اٿيو. حملن جون تياريون ٿيڻ لڳيون. مراد

بنديلن کي پوشيده جڳهه ۾ لڪڻ جو اشارو ڏنو ۽ ڪمارن جي ڀرين فوج کي سنيرائي درياه جي ڪناري اولهه طرف وڌيو. دارا شڪوه کي گمان جاڳيو ته دشمن ڪنهن ٻئي گهاٽ تي لهڻ ٿو گهري. جلد پل تان مورچا هٽايائين. لڪل بنديل ان موقعي لاءِ منتظر هئا. ٻاهر نڪري پيا ۽ درياه ۾ گهوڙا هڪليائون. چمپت راءِ شهزادي دارا شڪوه کي ڀنيلائي پنهنجي فوج هٽائي ۽ بنديلن جي پٺ ورتي اڳتي هليو. ان اڳتي پنتي وڙهڻ ۾ ڪيس ستن ڪلاڪن جي وٿي پئجي ويئي، مگر جنگ ۾ جان وڃي ڏسي ته ست سؤ بنديلن جا لاش ڦٿڪي رهيا آهن، باقي دل شڪسته ٿا ڏسجن.

راجا کي ڏسندي ئي بنديلن جي جان ۾ جان آئي. اورنگزيب جي فوج ته الله اڪبر جو نعرو بلند ڪيو ۽ جئن تيز طوفان سمنڊ ۾ هاهاڪار مچائي ڏيندو آهي، تئن سندس زوردار حملي سان شاهي فوج ۾ گڙ ٻڙ مچي ويئي. بنديلن اڳيئي ڪين چڱي چاٽي چکائي هئي وينر هن چوهه سندن صفون ٽوڙي ڇڏيون. دوبدو جنگ جي نوبت پهتي. مياڻن مان خنجر نڪتا ۽ خون جا ڦوهارا ڇٽڪي وهڻ لڳا، ايتري قدر جو شام ٿي ويئي. آسمان شفق سان لال هو ۽ زمين خون سان. انڌيرو ڇانئجي ويو. تلوارون ساهي پٽڻ لاءِ بيقرار ٿي رهيون هيون. اوچتو اولهه طرف کان سپاهين جو هڪ دل آئيو ۽ ڏسندي ڏسندي شاهي فوج جي مٿان وڃي

ڏکي آهي ۽ اسان کي پنهنجي سپاهين جو رت پاڻيءَ وانگر وهائڻو پوندو، مگر اسين پنهنجو خون وهائينداسون، پنهنجي سور بيرن جا سر ڪٽائينداسون ۽ چمبل تي لاشن جو گهاٽ تيار ڪنداسون. پڪ ڄاڻو جيسين تاءِ چمبل جي ڌارا وهندي رهندي تيسين تاءِ اسانجي سرويرن جي خون جا قطرا لعل لعل ٻڻجي چمڪندا رهندا ۽ جيسين تاءِ بنديلن جو هڪ به نالو ڳڻهندڙ جيئرو رهندو، تيسين تاءِ اهو خون سندن مٿي تي ڪيسر جو تلڪ ٻڻجي جهلڪ ڏيندو رهندو.

آسمان تي بادلن جو سمندر ڇوليون ماري رهيو هو. جيرچ جي قلعي مان بهادر بنديلن جي هڪ فوج ڪارونيار گهٽا جيان نڪتي ۽ چمبل نديءَ طرف رواني ٿي. هرڪو سپاهي بهادريءَ جي نشي ۾ گد گد هو. راڻيءَ سارندا بنهي راجڪمارن کي گلي سان لڳايو ۽ چمپت راءِ کي پان جو بيڙو ڏيئي چيو ”بنديلن جي لاج اوهانجي هٿ ۾ آهي. شل ايشور توهانجي تلوار کي ارجن جو شستر ٻڻائي.“

اڄ خوشيءَ کان سندس هڪ هڪ عضوو ڦڙڪي رهيو هو ۽ دل سيني جي پوش ۾ قولي نه ٿي سمائي.

جڏهن رڻ پٽ ۾ اُڃايل مسافر مٿي جل جو چشمو ڏسي بهار ٿيندو آهي، تڏهن بنديلن جي بانڪي پلٽڻ ڏسي راجڪمارن جي خوشيءَ جي حد نه رهي. راجا اتان جي زمين جي چپي چپي جو واقف هو. هن

ڊؤل بيهڪ ڏسي موهت ٿي پيو. گهوڙو عراقي شاندار ۽ اصيل جانور هو. هڪ هڪ عضوو ٺاهوڪو هوس. ڇينهن جهڙو سينو، چيتي جهڙي ڪمر، ۽ اکيون موهنيءَ ۽ وفاداريءَ جون درسنيون. سندس محبت ۽ وفائي ڏسي سپاهي آفرين پڪارڻ لڳا. راجا حڪم ڏنو ته هن گهوڙي تي ڪو هٿيار نه هلائي. ڪيس جيئرو گرفتار ڪريو. اهو منهنجي طبيلي جي سونهن ٿيندو. جو شخص ڪيس منهنجي روبرو آڻيندو، تنهن جو جهول سون ۽ جواهرن سان پري ڇڏيندس.

آزمودگار سوارن لاءِ عظيم موقعو جاڳيو. هرڪو ڪوشش ڪرڻ لڳو، مگر ڪنهن کي همت نه ٿي، جو گهوڙي جي ويجهو وڃي سگهي. ڪنهن ٻيڪارون ڏنيون، ڪنهن نوڙي وجهڻ جي تجويز ڪئي، مگر ڪا رٿ ڪارگر نه ٿي. ويومرني نه لڳي جو اتي سپاهين جو انبوه گڏ ٿي ويو. تڏهن سارنڌا پنهنجي تنبوءَ مان نڪتي. هوءَ بيخوف گهوڙي جي ويجهو هلي ويئي. سندس اکين ۾ جادو هو. گهوڙي سر جهڪايو. سارنڌا سندس گردن تي هٿ ڦيريو ۽ سندس پٺي مهٽڻ لڳي. وفادار گهوڙو بيڪس نموني ۾ سندس پاسي ۾ منهن لڪائي بيٺو، ڄڻ ته پاليل گهٽو آهي. سندس اکين مان پاڻي وهڻ لڳو. راڻيءَ ماٺا روپي موهه سان سندس ڳوڙها اُگهيا ۽ سندس لغام جهلي پنهنجي تنبوءَ طرف هلي. گهوڙو چپ چاپ ۾ آهستي آهستي سندس پٺ وٺي هلندو

ڪڙڪيو، سو به اهڙي زور سان ۽ اهڙي جوش خروش سان جو شاهي فوج جا پير پيرا ٿيڻ لڳا. سارو ڪٽڪ ڇڙوڇڙ ٿي ويو. ماڻهو حيران هئا ته اها مدد ڪهڙي غيب مان آئي. پورڙن کي اهو خيال آيو ته شايد سوڀ جي ديوي سهائتا لاءِ آئي آهي. جڏهن راجا حال دريافت ڪرڻ لاءِ ويجهو ويو تڏهن سيناپتي گهوڙي تان هيٺ لهي راجا اڳيان ڪنڌ نوايو. راجا فخر ۽ خوشيءَ جي نشي ۾ متوالو ٿي ويو. اُها سارندا هئي.

جنگي ميدان ۾ اُن وقت عبرت جو سامان موجود هو. ڪجهه وقت اڳ جتي جنگي جوڌن جي للڪار ۽ ترارن جا واجٽ پئي پيا، تتي هنئر مڙدن جا ڍير ۽ هراس جو عالم هو. انسان وقتي جوش ۾ ضد هيٺ ڇا ڇا نه ڪري ٿو گذري ۽ سو به ڪهڙيءَ نه بيدرديءَ سان!

هنئر فتح نصيب فوج لٽ جي مال تي وڃي پيئي. پهريائين جيئرن جي جيئرن سان جنگ هئي، هنئر جيئرن جي مڙدن مٿان ڦرلٽ. پهريون بهادريءَ ۽ دليريءَ جو نظارو هو ته هيءَ حرص ۽ لالچ جي دلخراش تصوير. اُن وقت انسان حيوان ٿيو هو هنئر حيوان مان مٿي شيطان ٿي نظر اچي رهيو هو. اُن ڇڻ پٽ ۾ سپاهين کي شاهي فوج جو سپهه سالار ولي بهادر خان سخت قتيل، خاڪ ۽ خون ۾ رنگيل نظر آيو. ان جي پرسان سمند گهوڙو پنهنجي پيچ سان مکيون اُڏائي رهيو هو. راجا گهوڙن جو شوقين هو. گهوڙي جي شڪل صورت ۽

اچي. سارندا انهن عزت - تي - لڙندڙ ۽ آن تي سدا ٽيندڙن مان هئي.

شهزاده اورنگزيب چمبل جي ڪناري تان آگره طرف ويو نه اقبال سندس سر تي چور تي جهليو ۽ فتح خوشيءَ جا نقارا تي وڄايا. جڏهن آگره پهتو، تڏهن حڪمرانيءَ هن لاءِ شاهي تخت سينگاريو.

اورنگزيب ، ۾ قدر شناسيءَ جو گڻ گهٽ ڪو نه هو. هن شاهي سردارن جون خطائون معاف ڪيون يا سندن عهدا قائم رکيا. راجا چمپت راءِ کي سندس جانباز خدمت جي عيوض بارهن هزاريءَ جو عهدو ڏنو ۽ اورڇا کان بنارس تائين ۽ بنارس کان جمنا تائين جاگير عطا ڪئي.

بنديل راجا وري شاهي غلامگيريءَ جو ڳچي ۾ وڌو. عشرت محفلون سينگاريون ۽ عيش جو پيالو ڦرڻ لڳو. هڪ پيرو وري دلپذير ساز آواز شروع ٿيا. راڻي سارندا وري فڪر ۽ اداسيءَ ۾ ڳهارڻ لڳي.

ولي بهادر خان چالاڪ ۽ نهايت چرب زبان شخص هو. سندس زبان جي چترائي جلد ئي عالمگير (اورنگزيب) جي دل تي اثر ڪيو. خان صاحب کان پنهنجي گهوڙي جي وڇڙڻ جو ساڃ لهڻ جو نه هو. هڪ ڏينهن ڪمار چترسال پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي سير ڪرڻ ويو ۽ وچي خان صاحب جي محل طرف نڪتو. ولي بهادر خان کي اهڙو وجهه کپندو هو. جلد ئي پنهنجي ماڻهن

رهيو، گويا اصل سندس پاليل آهي. حاضرين هيءُ محبت جي ڪرامت ڏسي وائڙا ٿي ويا.

(٥)

دنيا شاهي ڪرمگاه آهي. اُن ميدان ۾ ان ئي شخص کي فتح نصيب ٿئي ٿي، جنهن جون اکيون موقع بين آهن ۽ جو موقع ڏسي جيتري ئي سرگرميءَ ۽ جوش سان اڳتي وڌي ٿو، اوتري ئي تکي قدم سان خطري جي وقت پٺتي هٽي ٿو. اُهي سورما، سلطنتون قائم ڪندا آهن ۽ قومون بڻائيندا آهن ۽ تاريخ سندس نالي تي وڏائي، عزت ۽ نيڪناميءَ جا گل نثار ڪندي آهي. مگر اُن ميدان ۾ ڪڏهن اهڙا سپاهي به ايندا آهن جي موقع تي اڳتي وڌڻ وڌائڻ ڄاڻن، مگر خطري وقت پٺتي هٽڻ عيب ڄاڻن. اُهي سپاهي سوڀ کي اصول خاطر قربان ڪري ڇڏيندا آهن. هو پنهنجي فوج کي نيست ونابود ڪرائي ڇڏيندا، پاڻ خوشيءَ سان قربان ڪندا مگر هڪ دفع جنهن پٺتي ويا، تنهن سندس قدم هٽائڻ ناممڪن آهي. اُن خاصيت لاءِ راجپوت قوم مشهور آهي ۽ سندس اهڙن بانڪن جون شڪستون پڻ سوڀن کان وڌيڪ شاندار آهن. اُهي اموت آدرشي شخص ئي قومن جا اُصول قائم ڪندا آهن ۽ سندن دلين تي اخلاقي اوچائي جو نقش قائم ڪندا آهن. اُنهن جي نالي جي چوگرد هڪ آتمڪ پرڪاش رهندو آهي، جنهن جي پوڄا جڳان جڳ هاي.

شرم جي ڳالهه آهي، جو، جا مردانگي اوهان کي چمبل ندي ۽ جي ڪناري تي ڏيکارڻ کپندي هئي، سا اڄ اوهان کير پياڪ ٻالڪ جي مقابلي ۾ ڏيکاري. ڇا اهو مناسب هو، ٻلڪ شانائتو ڪم هو جو اوهان ڇوڪري کان گهوڙو کسي ورتو؟"

ولي بهادر خان جي اکين مان ألا تي نڪتا. شوخ نوع ۾ چيائين "ڪنهن ذاتي کي ڪهڙو اختيار هو، جو منهنجي چيز پنهنجي قبضي ۾ ڪري؟"

راڻي - اِها اوهانجي چيز نه آهي. منهنجي ملڪيت آهي. مون رڻ يومي ۾ هٿ ڪئي هئي ۽ اوهين اهڙي آسانيءَ سان اِها منهنجي هٿان کسي ڪين سگهندا. آءٌ ان جي پٺيان هڪ هزار سوارن جو خون وهائيندس."

خان - اهو گهوڙو آءٌ ڏيڻي نه ٿو سگهان. ان جي عيوض پل نه منهنجو سڄو طبيلو خالي ٿي وڃي.

راڻي - آءٌ پنهنجو گهوڙو ڪڻن ٻه ڪري وٺنديس.

خان - آءٌ سندس ٻور جيترا هيرا جواهر ڏيڻي سگهان ٿو، مگر گهوڙو نه.

راڻي - أن جو فيصلو تلوار ڪندي.

بنديل نوجوانن مياڻن مان تلوارون ڪڍيون ۽ عين ممڪن هو نه اڪ ڇنب ۾ رت جون نديون وهڻ لڳن ته عالمگير وچ ۾ اچي چيو "راڻي صاحب! اوهين پنهنجي سپاهين کي روڪيو. گهوڙو اوهان کي ملندو، مگر ان جي قيمت نهايت مهانگي ٿيندي."

ڪي اشارو ڪيائين. راجڪمار اڪيلو ڇا تي ڪري سگهيو. ٽنگون ٽوڪيندو اچي پنهنجي گهر نڪتو ۽ سمورو احوال ماءُ کي ٻڌايائين. سارندا جو چهرو ٽامڙي هڻي ويو. چي: "مونکي اُن ڳالهه جو غم ڪونهي ته گهوڙو هٿن مان ويو، بلڪ غم اِن ڳالهه جو آهي ته تون گهوڙو وڃائي جيئرو ڇو موٽي آئين. ڇا تنهنجي رڳن ۾ بنديلن جو خون ڪونهي؟ ڪا پرواهه نه هئي جيڪڏهن توکي گهوڙو نه ملي ها، مگر توکي ثابت ڪري ڏيکارڻ کپندو هو ته هڪ بنديل ٻار ڪان سندس گهوڙو کسڻ مسخري نه آهي." ائين چئي راڻيءَ پنجويهه جانبازن کي تيار ٿيڻ لاءِ حڪم ڏنو. پاڻ سپاهڪي پوشاڪ پهري، اُها سرو پيچ ٽولي ساڻ ڪري ولي بهادر خان جي جاءِ تي پهتي. خان صاحب اُن وقت گهوڙي تي چڙهي دربار ۾ هليو ويو هو. سارندا سنئين دربار ڏانهن رخ رکيو ۽ ستت پٽ ڪندي وڃي اُتي پهتي. اِها ڪيفيت ڏسي دربار جي اهلڪارن ۾ هلچل مچي ويئي. شاهي نوڪر چاڪر هيڏانهن هوڏانهن مڙي اچي ڪٺا ٿيا. عالمگير پاڻ دربار جي ايوان ۾ نڪري آيو. امير پنهنجون پنهنجون تلوارون سنڀالي اُٿي کڙا ٿيا. چوطرف شور مچي ويو. اُن دربار ۾ ڪيترن ئي اکين امر سنگهه جي آبدار تلوار جي جهلڪ ڏٺي هئي. سندن اکين ۾ ساڳيو پرتوو پوڻ لڳو.

سارندا بلند آواز سان چيو " خان صاحب وڏي

ڙباني وسرڻ جي نه هئي. جان ٿي هو ڀائرن کي مات
ڪري واندو ٿيو، تان ٿي هن هڪ وڏي فوج چمپت راءِ
کي پائمال ڪرڻ لاءِ موڪلي ۽ ٻاويهه آزمودگار
سرڪردا اُن ڪاهه جا اڳوان ٿيا. سڀڪرن بنديل، شاهي
صوبيدار بڻيو. چمپت راءِ جي ننڍي پڻ جي رانديگر سنگتي
۽ گڏ کائيندڙ پيئندڙ سنگتي چمپت راءِ کي ماري مات
ڪرڻ جو بيڙو اُٺايو ۽ ٻيا به ڪيترا بنديل سردار راجا
سان بگڙي اچي شاهي صوبيدار سان مليا ۽ هڪ
خونريز لڙائي ٿي. شاهي طرفدار بنديلن پنهنجون تلوارون
ڀائرن جي خون سان رڱيون. جيتوڻيڪ هن لڙائيءَ ۾
راجا کي سوڀ نصيب ٿي، ته به سندس طاقت هميشه
لاءِ ڇت ٿي ويئي. چوند چوند بنديل، جي سندس
پشت و پناهه هئا، دنيوي لالچ جي دام ۾ ڦاسي ويا.
جان نثار سپاهين مان ڪجهه جنگ جي ميدان ۾ شهيد
ٿيا، ڪي دوکو ڏيئي ويا. عزيزن ڪين رهائي. اهڙين
مشڪلاتن ۾ به چمپت راءِ حوصلو ڪين هاريو. هن جيرج
کان موڪلايو ۽ ٽن سالن تائين بنديل کنڊ جي بيابان ۾
گهمندو رهيو. شاهي فوجون شڪاري جانورن جيان
ساري ملڪ ۾ نوس نوس ڪري رهيون هيون. راجا کي
ڪٿهن نه ڪٿهن سان مقابلو ڪرڻو پوندو هو. اهڙن موقعن
تي سندس دليري عجيب رنگ ڏيکاريندي هئي.
سارندا سدائين سندس پاسي ۾ رهندي هئي ۽ سندس
همت وڌائيندي رهندي هئي. وڏن وڏن سخت

راڻي - آءٌ اُن خاطر سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

عالمگير - جاگير ۽ عهدو به؟

راڻي - اِها معمولي ڳالهہ آهي.

عالمگير - پنهنجو راڄ به؟

راڻي - اُن جي به مونکي ڪا غرض ڪانهي.

عالمگير - هڪ گهوڙي جي خاطر؟

راڻي - نه. اُن چيز جي خاطر جا دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پياري آهي.

عالمگير - اُها ڪهڙي آهي؟

راڻي - پنهنجي عزت.

اُن ريت راڻي سارندا هڪ گهوڙي لاءِ پنهنجي وڏي جاگير، اعليٰ عهدو، شاهي راض سڀ وڃائي ڇڏيو؛ نه رڳو ايترو بلڪ آئينده واسطي پاڻ لاءِ زهري ضد ۽ واسينگي ويڙ پوکيو، جنهن اُن گهوڙيءَ کان وٺي آخرين دم تاءِ ڪيس ۽ ڇمپت راءِ کي سک جي پلڪ گهارڻ ڪين ڏني.

(٦)

راجا ڇمپت راءِ وري پنهنجي قلعي جيرچ ۾ اچي ٺاڻو پٽي ڪيو. ڪيس عهدي ۽ جاگير وڃڻ جو ارمان اندر ۾ ضرور هو، مگر هن ٻاهر ٻاق نه ڪيو. هو سارندا جي سڀاءُ مان واقف هو. ڪجهہ ڏينهن ظاهري سک سان گذريا. مگر عالمگير کان سارندا جي سخت

ساهہ ڇڏيو پوندو، اُن خوف وڏن کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو. استريون ديوي ديوتا مڃائڻ ۾ مشغول هيون. ٻار ميڙ جي پٿر ڪٽي دشمن کي هڻڻ لڳا، مگر اهي نہ ديوار جي اندر ئي ڪريا. اتفاقاً راجا ڇمپت راءِ بہ بخار سان سنجي بستري داخل ٿي رهيو. ڪيترن ڏينهن تاءِ لمپ ۽ هيٺائي ڪيس پلنگ تان اٿڻ نہ ڏنو. هوئي سپاهين جي جان ۽ سپني جو اجهو آڌار هو. ان ڪري سندس بيماري سڀني ساري قلعي ۾ مايوسي ڇانئجي ويئي.

راجا سارندا کي چيو ”سارن! اڄ دشمن ضرور قلعي ۾ ڊوڪي ايندا.“

سارن - ايشور نہ ڪري، جو هنن اکين سان اهو ڏينهن ڏسڻو پوي.

راجا - مونکي وڏي ڳڻتي انهن غريب استرين ۽ ٻارڙن جي هئي. انهن بيگناهن جو ڪهڙو ڏوهہ؟

سارن - اسين هتان جيڪر نڪري هلون مگر ڪئن؟

راجا - هنن بيڪسن کي ڇڏي؟

سارن - اُنهن ئي هيءَ آفت اسانجي ئي آندل آهي. اسين نہ هونداسون تہ شايد دشمن ساڻن رحم سان هلن.

راجا - نہ مون کان انهن کي ڇڏيو نہ پڄندو. جن مردن اسانجي مٿان پاڻ قربان ڪيو آهي، تن جي استرين ۽ ٻارن کي آءٌ ان ريت ڇڏي ڪين سگهندس.

حملن ۾ به جڏهن صبر موڪلائي ويندو هو ۽ اميد ساٿ ڇڏي ڏيندي هئي، تڏهن به خوددارِيءَ جو آدرشي فرض سندس نظر ۾ رهندو هو. برابر ٽن سالن تائين اها روئداد هلي. آخر شاهي سپهه سالارن عاجز ٿي عالمگير بادشاهه کي عرض ڪيو ته حضور جن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به هن شير جو شڪار ڪري ڪين سگهندو. جواب آيو ته فوجون هٽايو ۽ گهيرو ڪٽي ڇڏيو. راجا سمجهو ته انهن بلائن مان جند ڇٽي. اورڇا جي قلعي ۾ اچي ٿانئيڪو ٿيو، مگر جئن برسات جي موسم ۾ سورج ڪجهه وقت تائين ڪارونيار ڪڪرن مان نڪري نروار ٿي وري غائب ٿي ويندو آهي، تئن ٿورن مهنن جي آرام ۽ چئن ڪانپوءِ راجا کي وري ٻن پٽن ۾ دربدر ٿيڻو پيو.

(٧)

ٽن هفتن لاڳر شاهي فوج اورڇا کي گهيرو ڪري رکيو آهي. جئن سخت طعنو جگر کي چليندو آهي، تئن توبن ۽ گولن قلعي جي چوٽين جي حالت ڪري ڇڏي هئي. قلعي ۾ ويهه هزار آدمي موجود هئا، مگر انهن ۾ اڌ کان وڌيڪ استريون هيون ۽ باقي ٻچيلن ۾ گهڻي جيترا ٻار. مردن جو تعداد روز بروز گهٽبو ٿي ويو. آمدرفت جو رستو چئني طرفن کان بند هو. رسد جو سامان باقي ٿورڙو بچيو هو. استرين پنهنجي مردن ۽ ٻارن کي حيات رکڻ لاءِ پاڻ اڻگهڻ ڪيڻ شروع ڪيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ داڻي لاءِ ترقي

آهي ته ٻن چئن ڏينهن ۾ سوبي سندس ٿيندي. ته پوءِ هو منهنجو پرچاءَ جو پيغام قبول ڪئن ڪندو؟ ۽ وري جڏهن کيس معلوم ٿيندو ته ساڻس دوکو ڪيو ويو آهي، تڏهن ته هنن غريبن تي اچي آفت نازل ٿيندي. مون وٽ اهڙو چترزبان، سياڻو ڪير آهي جو هيءَ مشڪل آسان ڪري. چترسال شايد اهو ڪم نباهي. اهو خيال ڪري راڻيءَ اڪيلائيءَ ۾ چترسال کي گهرايو. هو سندس چئن پٽن ۾ سڀني کان وڏيڪ دلير، هوشيار، ڏاهو ۽ مٺيءَ زبان وارو هو. ۽ راڻي سندس گڻن ڪري کيس سڀني کان گهڻو گهرندي هئي. جنهن وقت چترسال اچي کيس پرنام ڪيو، تنهن وقت راڻيءَ جون اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيون ۽ سيني مان هڪ سرد آه نڪري ويئي.

چترسال - ماتا! مون لاءِ ڪهڙي آگيا آهي؟

راڻي - اج لڙائيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟

چترسال - اسانجا پنجاه آدمي هن وقت تائين مري چڪا آهن.

راڻي - بعديلن جي لاج ايشور جي هٿ ۾ آهي.

چترسال - آخرين دم تائين لڙبو رهبو.

راڻيءَ مختصر لفظن ۾ کيس پنهنجي تجويز ٻڌائي ۽ پوءِ پڇڻ لڳي ته اهو ڪم ڪنهن جي حوالي ڪجي.

”منهنجي“

”تون اهو پورو ڪندين؟“

سارن - مگر هتي رهي اسين سندن ڪا رکيا به ڪا نه ڪري ٿا سگهون.

راجا - انهن سان گڏ مري ته سگهون ٿا. آءٌ سندن بچاءَ ۾ پنهنجي جان لڙائيندس. آءٌ سندن خاطر شاهي فوج کي منٿون ڪندس. قيد جون مصيبتون سهندس، مگر ڪين ڏوهه ۾ نه رولي ويندس.

سارندا شرمساريءَ وچان ڪنڌ جهڪايو ۽ سوچڻ لڳي "بيشڪ! پنهنجي ساٿين کي ڦاهه جي ڦڙي ۾ ڇڏي پنهنجي جان بچائڻ دليري نه آهي. آءٌ اهڙي خود غرض ڇو ٿي ويئي آهيان؟ مگر پنهنجي پٽ جي ڪسي آڻ مهڻ جي ذلت کان بچائڻ جو فڪر انسانيت جي جذبي تي غالب پئجي ويو هو." وري چيائين "جيڪڏهن اوهان کي يقين ملي ته انهن آدمين سان ڪو ظلم ڪو نه ٿيندو ته پوءِ اوهان کي هتان نڪري هلڻ ۾ ڪو عذر ڪو نه ٿيندو."

راجا - (ويچار ڪري) ڪير پڪ ڏياريندو؟

سارندا - شاهي سپه سالار جو خط.

راجا - هان، تڏهن آءٌ هلندس. مگر هڪ شرط سان ته هيءُ منهنجا آدمي مون کي خوشيءَ سان موڪل ڏيندا.

سارندا خيال ۾ ٻڏي ويئي. شاهي سپه سالار کان اهڙو انجام ڪيئن وٺان؟ ڪير منهنجو نياپو نيندو ۽ هو ظالم اهڙو انجام ڏي ڇو ڪندو؟ ڪيس ته پورو يقين

سارندا منهن مان موٽي راجا چمپت راء وٽ ويئي
چوڻ لڳي "پران ناٿ! اوهان رات جيڪو وچن
ڏنو هو، سو هينئر پالڻو پوندو."

راجا چرڪ پري پڇيو " تو پنهنجو وچن پاليو."
راڻيء اُهو ڪاغذ جو ٽڪر چمپت راء کي ڏنو. راجا
غور سان ڏسي چوڻ لڳو "هان مولڪي تسلي ٿي.
هاڻ آءٌ انکري هلندس ۽ ايشور جي اڇا هوندي ته
هڪ ڀيرو وري اُن دشمن جي خون سان پنهنجي تلوار
جي پياس بجهائيندس. مگر سارن! سچ ٻڌاء هن ڪاغذ
جي ٽڪر جو ڪهڙو ملهه آهي؟"

راڻيء روئڻهار ڪي ٿي چيو "ڏ مهانگو."
راجا پڇيو "آخر؟"
سارن- هڪ جوان پٽ.
راجا دهلجي ويو. چيت ڦاڙي چيائين:-
"ڪهڙو؟ انگد راء؟"
"نه."
"رتن سهاء؟"
"نه."
"چترسال؟"
"هان."

جئن گهايل پکي مٿي پڙڪو ڏيئي بيجان ٿي هيٺ
ڪرندو آهي، تئن چمپت راء پلنگ تان اُڇل ڏني ۽
بيهوش ٿي هيٺ ڪريو. چترسال ڪيس ڏاڍو پيارو

”هائو مونکي ڀڪ آهي.“

چترسال جڏهن موڪلائڻ لڳو، تڏهن راڻيءَ ڪيس پيري پاڪر پاتو ۽ آسيس ڪرڻ لڳي ”پرماتما شل تنهنجو منهن جلد ڏيکاري.“ وري ڪجهه دير تائين روئندي رهي ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نماڻا نيڻ ڪري هٿ جوڙي چوڻ لڳي: ”پرماتما! مان پنهنجو جوان، بهادر، سلڇڻو پٽ بنديلن جي عزت اڳيان ڀيٽ ڪري ڏنو. هنئر اُن عزت کي بچائڻ تنهنجي وس آهي. مون نهايت قيمتي قرباني ڪئي آهي. تون اُها قبول ڪر!“

(۸)

ٻئي ڏينهن صبح جي وقت سارندا اشنان ڪري ٿال ۾ پوڄا جو سامان ڪري مندر ڏانهن ويئي. ان وقت سندس چهرو زرد هو ۽ اکين اڳيان انڌيرو اچي ٿي ويو. لنب جي راحت جو جادو دکي دلين تي ڪين چلي. هوءَ مندر جي دروازي وٽ پهتي ته سندس ٿال ۾ هڪ تير اچي ڪريو. ان جي نوڪ ۾ هڪ ڪاغذ جو ٽڪر لپٽيل هو. سارندا ٿال مندر جي چبوتري تي رکيو ۽ ڪاغذ جو پرزو پڙهي ڏٺو ته ڏاڍي گد گد ٿي؛ مگر اها خوشي ماڪ جي چمڪ وانگر لحظي ۾ آباد ۽ برباد ٿي ويئي. اُيو ساهه پري چوڻ لڳي:- هاءِ! مون هن ڪاغذ جي ٽڪري لاءِ پنهنجي جگر جو ٽڪر ڏنو آهي. ڪاغذ جي پرزي کي اهڙي مهانگيءَ قيمت تي ڪنهن خريد ڪيو هوندو!

دلخراش صدائون اچي رهيون هيون. اُن وقت، آهـا!
اُن وقت راڻي سارندا سپاهڪي پوشاڪ پهري
چمپت راء کي پالڪي ۾ وهاري قلعي جي سرنگهه مان
نڪرندي ٿي ويئي.

ڪيترا سال اڳ هڪ اهڙي ئي انڌيري ۽ غمناڪ
رات هئي. تڏهن سارندا ڪنواري هئي ۽ سندس دل
پريم جي پڪ ڪين پيتي هئي. سيتلا ديويءَ جي
زبان مان اُن وقت جو ويڻ نڪتو هو، سو عين بين
اچ پورو ٿيو. ڇا سارندا جو موت وارو جواب به
پورو ٿيندو؟

(۹)

ٿاڪ منجهند هئي. سورج سر مٿان اچي باهه جا
ألا وسائي رهيو هو. هيٺان ٿٽل واري جيري سنديون
جيون ڪڍي رهي هئي. لوساٽيندڙ لڪ ٿي لڳي.
رڻ پٽ جهڙي ڪامندڙ ڪورو ٿي پيو هو. راڻي سارندا
گهوڙي تي سوار، چمپت راء کي وٺي اولهه طرف
هلندي ٿي ويئي. اورچا ڏهه ڪوهه پٺتي ڇڏي آئي
هئي. ڪيس هر هر اهو خيال ٿي آيو ته جاڻ اسين خطري
جي گهيري کان باهر نڪتاسون. راجا پالڪيءَ ۾
بيهوش پيو هو ۽ ڪهار پگهر جي پاڻي ٿي پيا هئا.
پالڪيءَ جي پٺيان پنجهه گهوڙي سوار وڌندا ٿي آيا.
اُسات سڀني جو وات خشڪ ڪري ڇڏيو هو. ساهه

هو. هوُ سندس ساڄو هٿ ۽ دل جي طاقت هو. جڏهن اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ هوش ۾ آيو، تڏهن چيائين ” سارن! مونکي پهرياءِ خبر پوي ها ته ڇترسال هٿان ڪين وڃي ها. ڇترسال مارجي ويو ته بنديل ونس جو ڏيئو گل ٿي ويندو.“

اُها رات قلعي وارن لاءِ غم ۽ ماتم جي رات هئي. استريون سارندا جي پيرن تي ڪري ڪري ليلائي رهيون هيون ته اسانکي نه وسارجو. مردن راجا کي منٿون ٿي ڪيون ته اسان پاڇي جيان اوهان سان هر هميشه گڏ رهيا آهيون، اسان کي به پاڻ سان وٺي وڃو. سخت واءِ ويلا مچي ويئي. سارندا استرين سان پاڪر پائي موڪلايو. ڇمپت راءِ مردن کي دلداري ڏني. ائين هزارن مردن، استرين کي روئندو ڇڏي راجا پالڪيءَ ۾ ويٺو. سڀني آدمين جي دل ڇڄي رهي هئي ته اوهانجون اکيون وري ڇمت راءِ جي شڪل ڏسي نه سگهنديون. اِها آخرين ملاقات آهي. اُن ڪري دل ڪولي پئي ڪري روئو. ڪنهن کي گمان هو ته هيءَ سلامتيءَ جي پالڪي نه، مگر مساڻ لاءِ ڪائي آهي!

انڌيري رات هئي. آسمان ۾ بيشمار تارا ڏيئن جيان ٿي ٻريا، مگر شمشان جي شمع والگر سندن روشني ڏاڍي جهڪي هئي. قلعي جي در ۽ ديوار تي حسرت ڇانئجي رهي هئي. آه ۽ زاريءَ جون

نڪتو نڪتو تي ويو. ڇاپادار وڻ ۽ ڪوهه يا چشمي جي تلاش ۾ نگاهون سرگردان هيون.

اوچتو سارندا پٺ ورائي ڏٺو ته ڪيس سوارن جي ٽولي نظر آئي. ڪيس ڇورا ڪورا تي ته هنئن خير ڪونهي. اُهي سوار اوس اسانکي پڪڙڻ ثا اچن. وري خيال آيس، شايد منهنجا راجڪمار آدمي وٺي منهنجي مدد لاءِ ثا اچن. نهايت مايوسي جي انداري ۾ به اُميد اجالو ڪرڻ کان نه رهي.

سارندا توري دير لاءِ غوطا کائيندي رهي، ايستاءِ جو اُها ٽولي ويجهو اچي ويئي. سپاهين جي پوشاڪ صاف نظر اچڻ لڳي. راڻي هراسجي ويئي. سندس ساهه سڏڪو پريو. اُهي آدمي شاهي فوج جا سپاهي هئا! جاني دشمن هئا!!

سارندا ڪهارن کي چيو ته ڏولي روڪيو. بدديل سپاهين به تلوارون ڪڍيون. راجا هيٺائيءَ ۽ بيماريءَ ۾ اڌ مئو ٿي رهيو هو؛ مگر جنهن هوا جي جهوني سان ديبل باهه پڙڪو ڏيئي اٿندي آهي، تنهن سر تي آيل آفت ڏسي سندس نيم جان بدن ۾ جان اچي ويئي. پالڪيءَ جو پردو مٽي ڪري ٻاهر نڪري آيو. تير ڪمان هٿ ۾ کنيائين. مگر اُها ڪمان، جا سندس هٿ ۾ مؤت جو قاصد بڻجي پوندي هئي؛ ان وقت سندس هٿ ۾ ٿڙڪڻ لڳي. سر ۾ چڪر اچي ويو. ٽنگون ڏڪڻ لڳيون ۽ پاڻ زمين تي ڪري پيو. پڪ